اخلاقِ محمدي

صلى الله عليه وسلم



سنڌي ادبي بورڊ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

اخلاقِ محمدي ﷺ

مرتب

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2019ع

ڪتاب جا سمورا حق واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن

ڇاپو پهريون	سال 1978ع	تعداد 2000
ڇاپو ٻيو	سال 1986ع	تعداد 2000
ڇاپو ٽيون	سال 1995ع	تعداد 2000
ڇاپو چوٿون	**سيپٽمبر 2019ع**	**تعداد 1000**

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: هڪ سؤ اسي رپيا

(Price: Rs. 180-00)

خريداري لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر خضر خان وگهيو ڇپيو ۽ سيد سڪندر علي شاهه سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ڇپائيندڙپاران

ٻنهي جهانن جي سردار حضرت مُحمّد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي سيرت طيبہ تي سنڌ جي مانائتن عالمن جي سَرجيل تصنيفات مان حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جن جو سيرت تي تحرير ڪيل ڪتاب ”اخلاق محمدي صلي الله عليه وآله وسلم“ هڪ اهم ۽ تاريخي ماخذ جي حيثيت رکي ٿو جنهن ۾ حضرت مُحمّد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي سيرت مبارڪ جو مفصل احوال تحرير ڪيو ويو آهي.

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي سنڌ جو مجيل ۽ هاڪارو عالم ٿي گذريو آهي ۽ سندن ناياب تصنيفات مان ”اخلاق محمدي صلي الله عليه وآله وسلم“ سيرتِ طيبہ تي سندن يادگار تصنيف آهي، جنهن کي مصنف پاڻ سال 1916ع ۾ شايع ڪرايو. حضور پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي سيرتِ طيبہ تي لکيل سندن هي ڪتاب هڪ اهڙو علمي تحفو آهي، جنهن منجهان هڪ ئي وقت عالم توڙي طالب العلم فيضياب ٿي سگهن ٿا.

سيرتِ طيبہ تي مشتمل هِن ناياب ڪتاب جي اهميت کي مدنظر رکندي، بورڊ طرفان ان جو نئون ايڊيشن سال 1978ع ۾ شايع ڪري منظرعام تي آندو جنهن لاءِ پڙهندڙ وٽان سني موٽ ملي. هِن

ڪتاب جا اداري طرفان چار ڇاپا ڇپجي چڪا آهن ۽ هاڻي بورڊ طرفان هِن ڪتاب جو پنجون ڇاپو آءٌ مانائتي چيئرمين جناب مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي رهنمائي ۽ ايامڪاريءَ ۾ شايع ڪري سُرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان.

اميد ته عاشقانِ محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جون ڪيتريون ئي دليون خوشيءَ ۽ پيار سان سرشار ٿينديون.

17- محرم الحرام 1442ھ
17- سيپٽمبر 2019ع

سيد سڪندر علي شاھ
سيڪريٽري

فهرست

- پيش لفظ 12
- نبين جا اخلاق عام ماڻهن جي اخلاقن کان اعليٰ درجي جا هوندا آهن، خاص طرح حضور ﷺ جن جا اخلاق 17
- حضور ﷺ جن جي اخلاقن جو تفصيل 19
- حضور ﷺ جن جو عقل 19
- حضور ﷺ جن جي اخلاق ڪريمانه جي ثابتي قرآن ڪريم ۾ آهي 21
- اسلامي اخلاق 24
- حضور ﷺ جن جا نيڪ اخلاق 25
- حضور ﷺ جن حويليءَ اندر ڪيئن خير جو وقت گذاريندا هئا 26
- حضور ﷺ جن ٻاهر ڪئين خير جو وقت گذاريندا هئا..... 27
- حضور ﷺ جن جي مجلس جو نمونو 27
- حضور ﷺ جن جي اخلاق جو تفصيلوار ذڪر 42
- حضور ﷺ جن جي نهٺائي ۽ نرمي 42
- حضور ﷺ جن جي بردباري ۽ تحمل 45
- حضور ﷺ جن جي رحم ۽ معافي ڏيڻ جي عادت 47
- حضور ﷺ جن جي سخاوت ۽ ڏاتاري 50
- حضور ﷺ جن جي امانت ۽ سچائي 54
- حضور ﷺ جن جي عام خوش اخلاقي 56

- حضور ﷺ جن جو عقل ۽ سياڻپ 58
- حضور ﷺ جن جي جسماني طاقت ۽ بهادري 61
- حضور ﷺ جن جي بي تڪلفي ۽ ظرافت........................ 64
- حضور ﷺ جن جا مٺا ٻول ۽ سندن فصيحانہ ڪلام 66
- حضور ﷺ جن جو حياءُ حضور شرمي 68
- حضور ﷺ جن ٻين کي عزت ڏيڻ ۽ آئي جي آدرياءُ ڪرڻ 69
- حضور ﷺ جن توحيد الاهي جي لحاظ سببان، پنهنجي تعظيم جي منع ڪندا هئا........................ 70
- حضور ﷺ جن جو سادو گذران ۽ فقر فاقو 71
- حضور ﷺ جن جي مهمان نوازي 80
- حضور ﷺ جن جي پنهنجي حويليءَ ۾ هلت چلت خانہ داري ۽ گهر جو ڪم ڪار ڪرڻ 83
- حضور ﷺ جن جي پرهيز گاري ۽ دنيا کان بيپرواهي 84
- حضور ﷺ جن جي عبادت، رياضت ۽ خوف الاهي رکڻ 88
- حضور ﷺ جن جي سچائيءَ جو اثر سندن ساٿين تي 93
- حضور ﷺ جن جا عام اخلاق 95
- حضور ﷺ جن جو کلڻ ۽ روئڻ 96
- حضور ﷺ جن جي ڇڪ ڏيڻ 97
- ڪاڏي پيتي بابت سندن هدايت 98
- بيمارين ۽ ان جي علاج بابت هدايت 98
- بيمار پرسي 98
- علاج معالج جي هدايت 99

- حضور ﷺ جن جو وعظ يا ليڪچر يا خطبو پڙهڻ 99
- صدقو، سوکڙي يا تحفو 100
- حضور ﷺ جن پنهنجي تعريف وقت ڇا ڪندا هئا 100
- سچ گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ بابت حضور ﷺ جن جو ارشاد ۽ جاهلاڻه خيالن جو اصلاح 105
- حضور ﷺ جن جي بشريت 106
- معصوم ٻارن تي حضور ﷺ جن جي ٻاجهه 107
- ڪُراڙن ماڻهن جي عزت داري 107
- ڪنهن عزت واري جو استقبال 107
- حضور ﷺ جن جي نرمي ۽ شفقت 107
- دشمنن تي ٻاجهه 108
- ورزش 109
- تيراندازي 109
- گهوڙا ڊوڙ 109
- آدمشماري 109
- خدا جو حق ٻانهن تي، ٻانهن جو حق خدا تي 110
- رحمت الاهي جو ذڪر خير 110
- والدين جي خدمت 110
- مسلمان جي مسلمان سان همراهي ۽ مدد 111
- مسلمان ڪير آهي 111
- ايمان جي ڪماليت 111

- ايمان جي لذت ۽ مزو 111
- وڏندڙ عمل 112
- سخت عبادت کان منع 112
- پورهئي ۽ محنت بابت سندن ارشاد ۽ پنڻ بابت سندن حڪم 113
- کهڙن تي ريس ڪرڻ گهرجي 113
- هڪبئي سان محبت 113
- رذيل اخلاقن کان منع 113
- پاڙي وارن ۽ مهمان جو حق 114
- خاموشيءَ جي تعليم 114
- رسول پاڪ ﷺ جي ضمانت 114
- صبر ۽ شڪر جي تلقين 115
- اخلاقي بهادري 115
- اسلامي منادين ۽ مشنرين کي هدايت 115
- محبت جو اثر 115
- قيدين، مسڪينن ۽ بيمارن جي پارت 116
- وڻ پوکڻ جو ثواب 116
- حيوانن سان همدردي 116
- زرخريد ٻانهن ۽ ٻانهين سان مهربانيءَ جو ذڪر 117
- منافقيءَ جون علامتون 117
- سچو مهاجر ڪير آهي 117
- قيامت جي ڏينهن الله تبارڪ تعاليٰ جي ڇانوَ هيٺ ڪير هوندا 117

- بادشاهہ جي تابعداري 118
- وڏيرا، پريا مڙس يا ليڊر 119
- قوم جي وڪالت 119
- جن غير مسلمانن سان عهد ٻڌجي تن جي ضَرور حفاظت ڪجي 119
- موت جي خواهش 119
- صحت ۽ ڪشاده گذران بابت حضور ﷺ جن جو ارشاد 120
- قرض جي ادائي بابت حڪم 120
- سچي دولتمندي 120
- مسلمان برادري ۽ برابري 120
- رحمدليءَ جي تعليم 121
- وارثن لاءِ ورثہ ڇڏي وڃڻ جي هدايت........................ 121
- عورت جو مثال 121
- عورت جو درجو پنهنجي خاوند جي گهر ۾ 122
- الله وٽ نهايت پسند ڪلام 122
- ڪنهن جي بہ دروازه جي آمهون سامهون بيهي نہ سڏ ڪجي 122
- ڇگو نالو 122
- اونڌي سمهڻ جي منع 122
- ختنو 123
- خطبہ پڙهڻ وقت لٺ تي ٽيڪ 123
- بيمار پرسي جو وقت 123
- هڪبئي ۾ شيءِ سوڪڙي ڏجي ونجي 123

- مداحن جي وات ۾ مٽي 123
- مسافري لاءِ چڱو ڏينهن.. 123
- خطبو ڏڱهو نہ پڙهجي 123
- جنگ جي وقت آواز ڪرڻ 124
- عيد جي ڏينهن آمدرفت جا رستا 124
- وحي ۽ پيغام الاهي اچڻ وقت سندين حالت 124
- جمعي جي ڏينهن جو شان 124
- سياري ۽ اونهاري ۾ اندر وڃڻ ۽ ٻاهر نڪرڻ 124
- درگاهه الاهي ۾ دعا گهرڻ جو طريقو 124
- حضور ﷺ جن جي اڪثر دعا 125
- حضور ﷺ جن ڪهڙين شين کان پناهه گهرندا هئا 125

❊

ناشر پاران

پيشڪش

جيئن نالي مان ظاهر آهي، هي ڪتاب، "اخلاق محمدي" حضور پاڪ ﷺ جن جي پاڪ سيرت بابت آهي، جيڪو سنڌ جي احترام لائق اديب ۽ عالم، مرحوم حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ وڏيءَ محنت سان لکيو آهي. حضور ﷺ جي سوانح بابت سندن ٻيو ڪتاب، "حيات النبي" پڻ "سنڌي ادبي بورڊ" پاران ڇپايل آهي.

هن ڪتاب ۾ پاڻ سڳورن جي اخلاقي وصفن سان گڏ، سندن قول، گفتا ۽ هدايتون بہ سهيڙيل آهن، جنهنڪري، مجموعي طرح، هي ڪتاب نبي سڳوري ﷺ جن جي عمل ۽ تعليم ٻنهي ذري پرزي مثالن جو اهڙو مجموعو بنجي پيو آهي، جنهن مان زندگي گهارڻ لاءِ هر معاملي ۾ رهنمائي حاصل ڪري سگهجي ٿي.

ڪتاب جو پويون ڇاپو 1986ع ۾ پڌرو ٿيو هو، جيڪو هن وقت ختم ٿيل هو. اميد تہ پڙهندڙ هيءَ پيشڪش پسند ڪندا.

ڄام شورو، سنڌ
29- مارچ، 1995ع

شمشير الحيدري
سيڪريٽري

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اڄ آءٌ اهو انجام پاڙيان ۽ وعدو وفا ڪريان ٿو جو گهڻا ڏينهن اڳ پنهنجي ڪتاب "فتح محمدي ﷺ" ۾ ڪيو هوم ۽ تازو "حيات النبي ﷺ" يعني سوانح عمري حضرت اقدس صلي الله عليه وعليٰ آله و اصحابه وسلم ۾ ڪيو اٿم يعني الله پاڪ جل جلاله وعم نواله جا هزار حمد، شڪر، اپار احسان ۽ بيشمار ڀلايون، جنهن ٻاجهاري رب اڄ مون کي "اخلاق محمدي" لکڻ جي توفيق بخشي ۽ موقعو ڏنو آهي- سچ پڇو ته جڏهن آءٌ ڪوبه اسلامي ڪتاب يا رسالو لکڻ شروع ڪندو آهيان ته خالق اڪبر جي بخشيل توفيق سان پنهنجي عاجزي ۽ قاصري کي خيال ۾ آڻي ۽ ڏيان ۾ ويهاري سندس حمد ۽ ثنا ۾ بلبل هزار داستان رانگي رطب اللسان ٿي ويندو آهيان ۽ وڏيڪ هي شڪر ڪندو آهيان جو رب پاڪ منهنجي هٿ ۽ قلم، دماغ ۽ دل کي چڱي مشغولي ۾ رکيو آهي ۽ علماءَ وقت وانگي بحث مباحثي ۽ تون چا، تون چا ۾ نه رنڀايو آهي، ورنه خبر نه آهي ته هي منهنجا ساڳيا هٿ ۽ ساڳيو قلم ڪيترن بي گناهه مسلمانن جي ذلت ۽ حقارت، توهين ۽ تحقير جا رنگ رڱين ۽ چٽ چٽين ها- جنهن کان هاڻي الله جي مهرباني سان بچيل آهيان- فلله الحمد والمنه منهنجي مضبوط نيت ۽ پڪو ارادو آهي ته جيسين جيئندس تيسين انهي مشغولي کي وٺيو ايندس ۽ جيسين منهنجي دل ۽ دماغ صحيح ۽ هٿ فرمانبردار هوندا، تيسين اسلامي خدمتن مان بهترين خدمت انهيءَ کي ڄاڻي ڪندو رهندس، بشرطيڪ منهنجي پيدا ڪندڙ خدا جي خواهش ۽ مشيت به شامل هوندي.

منهنجو هن ڪتاب لکڻ مان خاص مطلب هي آهي ته دوست دشمن- پنهنجا پراوا- يار اغيار- يگانا بيگانا- مسلمان غير مسلمان سڀ حضور عليه الصلوٰة والسلام جن جي عادات اطوار، رفتار، گفتار، هلت چلت، اٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ،

مجلس محفل، ڪائڻ پيئڻ، عبادت رياضت، عقل تدبير، تقرير تحرير، اشارات ڪنايات، خالق اڪبر جي بنايل ڪل ڪائنات ۾ فڪر ۽ خوض ڪرڻ جو نمونو ڏسي ۽ معلوم ڪري هي اندازو ڪري سگهن ته سيدالانبياءَ والمرسلين- محبوب حضرت رب العالمين جو ڇا شان هو ۽ ڪيتري قدر پاڻ جزي ڪلي اخلاق حميده ۽ عادات پسنديده جا جامع ۽ مجمع هئا- پوءِ اهو اندازو درست معلوم ڪري پاڻ ڪي حضرت پاڪ جي اخلاق سان سينگارڻ ۽ سندن پيروي ڪرڻ ۽ حضور ﷺ جن جي نموني وٺڻ جي ڪوشش ڪن. الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي-

لقد ڪان لڪم في رسول الله اسوة حسنة لمن ڪان

يرجو الله واليوم الاخر و ذڪر الله ڪثيرا.

[(اي مسلمانو!) اوهان لاءِ رسول الله (ﷺ) جي ذات با برڪات ۾ سهڻو رستو ۽ نيڪ نمونو موجود آهي (يعني سندن هلت چلت ڏسي بڏي اوهين به اهو نمونو وٺو)- (اهو طريقو رسول الله جو انهيءَ لاءِ چڱو آهي) جو الله ۽ قيامت جي ڏينهن ۾ اميد رکي ٿو ۽ الله پاڪ کي گهڻو ياد ڪري ٿو.]

۽ ٻئي هنڌ الله پاڪ حضور ﷺ جن کي فرمايو آهي-

قل ان ڪنتم تحبون الله فاتبعوني يحببڪم الله.

[چؤ (اي رسول الله) ته جيڪڏهن اوهين الله جي محبت ٿا رکو ته منهنجي نموني ۽ حڪم تي هلو ته الله پاڪ اوهان کي محبت ڏئي.]

هن مان صاف معلوم ٿيو ته اسان جي لاءِ هر طرح حضور ﷺ جن جي پيروي فائدي واري آهي ۽ دشمن اهي اخلاق ڏسي ٿوري ۾ ٿورو انصاف ڪن ڇو ته انصاف ئي هدايت ۽ سعادت جو ذريعو ۽ وسيلو آهي.

هي "اخلاق محمدي" ڪتاب "حيات النبي" سوانح عمري حضور انور ﷺ جو ٻيو جلد سمجهڻ گهرجي، ڇو ته "حيات النبي" ۾ حضور ﷺ جن جي اخلاق جو خاص طرح ڪو ذڪر ڪونه ڪيو اٿم اگرچه ساري ڪتاب ۾ موقعن تي گهڻو ڪجهه اچي ويو آهي، سو هن ڪري نه ڪيم

جو حضور ﷺ جن جا اخلاق چڱيءَ طرح تفصيل ۽ صفائيءَ سان لکڻان هئم ۽ پڪ هئم تہ رڳو اخلاقن جو بہ وڏو ڪتاب ٿي پوندو. انهيءَ ڪري مناسب سمجهيم تہ علحدو ۽ مستقل ڪتاب لکان. رب تعاليٰ شال مون کي ۽ منهنجي ڀائرن مسلمانن کي حضور ﷺ جن جي اخلاقن جي پيروي ڪرڻ جي توفيق بخشي- آمين.

هن ڪتاب جو ثواب آءٌ پنهنجي والده صاحبہ کي (جنهن کي رب تعاليٰ شال پنهنجي رحمت ۾ ڀاڄهہ ساڻ خاتون جنت جو پاڙو نصيب ڪري) بخشان ٿو.

اللهم تقبله مني و اوصلها ثواب ذالک

هن ڪتاب "اخلاق محمدي" جي لکڻ وقت هيٺيان ڪتاب منهنجي نظر هيٺ هئا. جن مان مون مدد ورتي:

(1) القرآن الڪريم والفرقان المجيد (2) شفافي تعريف المصطفيٰ القاضي عياض (3) شرح الشفا علامہ علي قاري (4) زاد المعاد علامہ ابن قيم (5) رياض الصالحين علامہ نووي مع شرح مولانا احمدالدين (6) انسان العيون في سيرة الامين المامون المعروف بہ سيرة حلبي علامہ برهان الدين الحلبي (7) سيرة النبويہ والاآثار المحمديہ سيد احمد زيني دحلان (8) احياءَ العلوم علامہ امام غزالي (9) وسائل الوصول الي - شمائل الرسول علامه يوسف بن اسماعيل نبهاني (10) سيرة الامام ابن هشام المعروف بہ سيرة هشامي ابو محمد عبدالملڪ بن هشام (11) رحمة العالمين قاضي محمد سليمان صاحب سلمان فرسٽ ڪلاس اسپيشل مئجسٽريٽ رياست پٽيالہ- هي هڪڙو ئي پويون ڪتاب اردو آهي، ورنہ ٻيا سڀ عربي ڪتاب آهن.

1- رجب سنہ 1332هہ
مطابق 27 مئي سنہ 1914ع

خاڪسار
ابوالمحامد حڪيم فتح محمد صغير
سيوستاني عفي عنه

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

دنيا ۾ جاچي ڪٽي تو ڏسجي تہ هرهڪ انسان ۾ ڪي نہ ڪي چڱا اخلاق ۽ چڱا گڻ ۽ چڱيون وصفون ۽ چڱيون عادتون لڀن ٿيون ڪن ۾ هڪ - اڌ، ڪن ۾ انهيءَ ڪان وڌيڪ. مگر سيئي سهٽيون صفتون هڪڙي ئي شخص ۾ ملن ۽ هڪڙو ئي شخص صاحب ڪل اخلاق حميده جو هجي اِها ڳالهہ ضرور مشڪل آهي. مگر اهڙو مشڪل امر بہ جيڪڏهن ڪنهن ذات بابرڪات ۾ رب تعاليٰ آسان ڪري وڏو ۽ هڪڙي ئي شخص ۾ سڀ اخلاق حسنہ ۽ ڪل عادات نيڪ هيڪاندا رکايائين تہ ضرور انهي نيڪ ۽ بابرڪت شخص جو رتبو نهايت اعليٰ ۽ برتر ڳڻبو.

هي بہ ڏنو ويو آهي ۽ عام طرح ائين آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن هڪڙي شخص ۾ ڪا هڪڙي نيڪ صفت لڀندي آهي تہ ان جي دنيا ۾ چڱي تعريف ٿيڻ لڳندي آهي. مثلاً هڪڙو شخص عادل آهي يا سخي تہ فقط هڪڙي صفت عدل يا سخا جي ڪري بہ دنيا ۾ انهي جي واڪاڻ هلندي آهي ۽ سندس نالو نيڪي سان ياد ٿيندو آهي. مگر جيڪڏهن ڪنهن هڪڙي ئي پاڪ شخص ۾ اهڙيون نيڪ صفتون انيڪ ۽ اپار موجود هجن ۽ ثابت ٿين تہ هو يقيناً سيني صاحب اخلاق انسانن جو سردار ۽ مهندار ليکبو.

پوءِ نيڪ اخلاق ۽ ڪمال صفتن جا بہ ٻہ- ٻي قسم آهن. هڪ اُهي: جي انسان جي فطرت ۽ خلقت (نيچر) ۾ رکايليون هجن ۽ انسان کي انهن جي هٿ ڪرڻ يا حاصل ڪرڻ ۾ ڪوبہ اختيار نہ هجي ۽ انهن جو لڳ لاڳاپو دنيائي امورن سان هجي. ٻيون اُهي: جي دين ۽ مذهب جي تعليم ۽ هدايت سان انسان پاڻ ڪوشش ڪري هٿ ڪري سگهي، جن جي هٿ ڪرڻ سان انسان جي دنيا ۾ نيڪي ۽ واڪاڻ ٿئي ۽ ڏٽي تعاليٰ

وٽ بہ مانُ ۽ مرتبو مليس. اهي ٻئي قسم اخلاق ۽ صفات جا وري ٻن قسمن جا آهن. هڪ قسم اهڙو جنهن کي خاص دنيائي ۽ فطرتي اخلاق چئجي يا خالص ديني ۽ ڪسبي مذهبي. ٻيو قسم اهڙو جو ٻنهي نمونن تي شامل هجن يعني ساڳيا اخلاق ٻنهي نالن سان سڏي سگهجن. دنيائي بہ ديني بہ. پهريون قسم جنهن جي حاصل ڪرڻ ۾ انسان کي ڪو اختيار ڪونهي ۽ خدائي ذات آهي جنهن کي وڏيس تنهن کي ڏئي ۽ بخشي، سو آهي جهڙو حُسن ۽ جمال، عقل جي بلندي ۽ ڪمال، زبان جي فصاحت ۽ بيان جي بلاغت، پنجن ئي حواسن جي تيزي عضون ۽ لڱن جي مضبوطي، هلڻ چلڻ جو سهڻو ڍول، نسبت ۽ ذات جي اوچائي، پنهنجي قوم ۾ غلبو ۽ عزت، ملڪ جي سنائي ۽ چڱائي، اهڙيءَ طرح زندگي جون ضروري شيون بہ انهيءَ قسم ۾ شامل آهن. جهڙو خوراڪ، پوشاڪ، ننڊ آرام، گهرٻار، مانُ عزت، مال دولت، وغيره وغيره. اِهي شيون بہ جيڪڏهن رب تعاليٰ ڪنهن کي ڏئي ٿو تہ انهي شخص کي سڀڪو عزت جي نگاهہ سان ڏسي ٿو مگر انهن شين حاصل ڪرڻ ۾ سندس ڪو اختيار ڪونهي. پر ساڳيا اِهي ڪم دنيائي بہ، ديني ۽ خدائي تي سگهن ٿا. جيڪڏهن انهن جي استعمال ڪرڻ ۽ ورتائڻ ۾ نيت چڱي هوندي ۽ هرهڪ ڳالهہ ۾ خدا جو خوف ۽ ديني مصلحت جي مدنظر هوندي. جهڙي طرح ڪو شخص ڏينهن جو ننڊ ڪري ٿو هن لاءِ تہ رات جو عبادت الاهي ڪري سگهي. يا ڪو شخص مال دولت جي هٿ ڪرڻ ۾ بلڪل حريص ۽ ڪوشش مند آهي. هن لاءِ تہ انهي مال سان محتاجن جي خدمت ڪري ثواب بي حساب حاصل ڪري، تہ اهڙي صورت ۾ اِهي دنيائي ڪم بہ ديني ڪمن جهڙا ليکي سگهجن ٿا. ڇو تہ حديث شريف ۾ آهي: اِن العادات تصير بالنيات عبادات يعني: عادتون نيڪ نيتي سان عبادتون ٿيو ٿيون پون.

ٻيو قسم جنهن کي انسان دين ۽ مذهب جي هدايت موجب ڪوشش سان حاصل ڪري سگهي، سو آهي جهڙو ايمان، الله پاڪ جي

بندگي ۽ عبادت، سندس حڪمن جو مڃڻ پنهنجي نفس کي سڃاڻڻ، صبر ۽ شڪر، بردباري ۽ موذين ۽ دشمنن جا اهنج ايذاءَ سهڻ، عدل ۽ انصاف، دنيا سان دل نہ رکڻ، پرهيز گاري، نِوڙت ۽ نياز، ڏوهي کي معافي ڏيڻ، گناهن ۽ پاپن کان پري رهڻ، سخا ۽ ڏاتاري، بهادري ۽ پهلواني، اکين جو شرم ۽ حياءَ، انسانيت ۽ ماڻهپو، اجائي ڳالهائڻ کان ماٺ ۾ رهڻ، ديرينائي ۽ نرمي، ٻاجهہ ۽ رحم، ادب ۽ ماڻهن سان چڱو ٿي هلڻ وغيره. انهن سڀني جو نالو حسن الخلق يا اخلاق المحسنين آهي. پوءِ انهن صفتن ۽ اخلاق مان ڪي انسان جي طبعيت ۽ فطرت (نيچر) ۾ هونديون آهن ۽ ڪي طبعيت ۾ نہ هونديون آهن، مگر ٿورو گهڻو بنياد انهن جو بہ طبعيت ۾ رکايل هوندو آهي. دنيا جي سڀني عقلمندن مٿين صفتن کي چڱو سمجهيو آهي، انهي ڪري جنهن شخص ۾ اِهي سڀ صفتون موجود هونديون سو تمام چڱو ماڻهو چئبو.

نبين جا اخلاق عام ماڻهن جي اخلاقن کان اعليٰ درجہ جا هوندا آهن، خاص طرح حضور ﷺ جن جا اخلاق

ڏسجي ٿو تہ مٿي ذڪر ٿيل اخلاقن مان جيڪڏهن ڪنهن شخص ۾ ڪو هڪڙو اخلاق ليندو آهي تہ ان شخص جي انهي هڪڙي اخلاق جي ڪري بہ عزت ۽ تعظيم ٿيندي آهي ۽ سندس نيڪمردي ۽ فضيلت جو اثر نہ فقط ماڻهن جي زبانن ۾ هوندو آهي، بلڪ دلين ۾ بہ هوندو آهي. پوءِ جنهن پاڪ ۽ برگزيده انسان ۾ ايترين صفتون ۽ اخلاق موجود هوندا جن جو پوري طرح اندازو يا حساب ڪرڻ مشڪل هجي. سو اوهين سمجهي سگهو ٿا تہ ڪيتري قدر تعظيم، عزت ۽ رتبي جي لائق چئبو. مثلاً هڪڙي بختاور ۽ نيڪ بخت پاڪ ۽ برگزيده انسان کي رب تعاليٰ جَلَّ جَلَالُهُ مٿين صفتن ۽ اخلاقن کان سواءِ هيئيون صفتون ۽ اخلاق بہ عنايت ڪيا آهن.

جهڙوَ رسالت، نبوت، الله پاڪ جي محبوبيت، رب جي محبت، روحاني ۽ جسماني صفائي، آسماني سير، ديدار الاهي، قرب ۽ ويجهڙائي

رب پاڪ جي، وحي ۽ پيغام رباني، گهنگارن لاءِ سخت نااميدي جي وقت شفاعت ڪرڻ، اعليٰ رتبو، بلند درجو، مقام محمود، براق، معراج، ڪاري ۽ اڇي، يورپ ۽ ايشيا جو پيغمبر اعليٰ هجڻ، نبين سان گڏجي عبادت الاهي ڪرڻ ۽ سيني جو امام ٿيڻ، سيني آدم زادن جي سرداري، حمد الاهي جو جهندو، الله پاڪ جي فضل ۽ ثواب جي بشارت ڏيڻ ۽ سندس غضب ۽ عذاب کان بيخبرن کي ڊيڄارڻ، عرش جي مالڪ وٽ عزت، ۽ سندس آڏو گردن جهڪائڻ، امانت ۽ ديانتداري، هدايت وارو هجڻ ۽ بين کي هدايت ڪرڻ، جهانن لاءِ رحمت، رب وٽ رضامندو، سوال ۽ دعا جي قبوليت، رب پاڪ جي نعمتن جي ڪماليت، اڳين پوين تقصيرات کان معافي، سينہ جي صفائي ۽ پاڪائي، زمين ۽ آسمان ۾ نيڪ نامي، هر جا فتحمندي، قلبي قرار، روحاني راحت، ملائڪن جي مدد ۽ همراهي، خدائي حڪمن ۽ قانون قدرت جي فلسفہ ۽ سائنس جو ڪتاب پاڪ ملڻ، الله پاڪ ۽ ملائڪن جون متس صلواتون پڙهڻ، مخلوقات الاهي کي گمراهي کان ڇڏائڻ، قسمين قسمين معجزا ۽ ڪرامتون سندس هٿان ظاهر ٿيڻ، پٿرن ۽ پٽرن ۽ حيوانن ۽ جانورن جو ساڻس ڳالهائڻ، روحاني توڙي جسماني مئلن جو سندس هٿان جيئڻ، سندس برڪت سان ٿوري شيءِ جو گهڻو ٿيڻ، ڪڪر جو سندس سر مبارڪ تي سايو ڪرڻ، پهڻن جو سندس مبارڪ هٿن ۾ ذڪر الاهي ڪرڻ، غمن- وهمن دردن- مرضن جو سندس برڪت سان دفع ٿيڻ، دشمنن کان هميشه الله پاڪ جي پناهہ ۾ رهڻ، پيون بہ ازاين قسم صفتون جن جو حساب، ڏيندڙ بخشيندڙ ڏاتار ڪري سگهي ٿو، انسان جي طاقت نہ آهي جو ڳڻي سگهي.

هاڻي ويچار تہ ڪريو جنهن عاليشان انسان ۾ عام اخلاقن ۽ نيڪ صفتن کان سواءِ هي تازيون ذڪر ٿيل صفتون بہ رب پاڪ جون ڏنل موجود هونديون تہ ان جو شان دنيا ۾ توڙي آخرت ۾، آسمان تي توڙي زمين تي، الله وٽ توڙي ماڻهن وٽ ڪيتري قدر نہ بلند هوندو. ڇا ڪنهن بہ بزرگ انسان يا ليڊر يا رفارمر جي مجال آهي؟ جو اهڙي صفات سان

موصوف انسان سان برابر ٿي سگهي! ڪنهن ويچاري حق سمجهڻ حق ڇيو آهي:

بعد از خدا بزرگ توئي قصہ مختصر

اهڙو پاڪ ۽ برگزيدو انسان اهڙين صفتن سان موصوف. اهڙن اخلاقن سان سينگاريل ڳولبو ۽ ورڙبو. تاريخن جا ورق ورائبا ۽ پنا اٿلائبا تہ ڪو ڪونہ لڀندو ها، مگر هڪ حضرت اقدس حضور انور حبيب خدا رسول عربي محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآلہٖ واصحابہٖ وسلم- اللهم صل عليٰ محمد صاحب البراق والمعراج والمقام المحمود صاحب الاوصاف المحميدة والاخلاق المجيدة وبارک وسلم.

حضور ﷺ جن جي اخلاق جو تفصيل

هونءَ تہ حضور ﷺ جن جا اخلاق ايترا آهن جو جيڪڏهن تفصيل سان لکجن تہ وڏا وڏا دفتر ڀرجي وڃن، مگر هتي آءٌ اُهي ضروري اخلاق لکندس، جن جي پيروي اسان ماڻهن جي ڪجهہ طاقت امڪان ۾ هجي.

حضور ﷺ جن جو عقل

رب تعاليٰ جي وڏين مهربانين ۽ عاليشان نعمتن مان وڏي ڏات ۽ نعمت عقل بہ آهي. جيترو انسان ۾ عقل گهٽ هوندو اوترو هو پنهنجي مولا کي وڏيڪ سڃاڻندو. هي غلط آهي تہ جنهن کي علم ۽ عقل هوندو آهي، سو خدا کان ڦري ويندو آهي، هرگز نہ. عقل ئي هڪ اوزار آهي، جنهن جي وسيلي سان خدا جي خدائي ثابت ڪري ڏيکاري سگهجي ٿي. ۽ اهوئي علم ۽ معرفت جو چشمو آهي. سمجهہ پوري ۽ راءِ سالم انهيءَ عقل مان هٿ اچي سگهن ٿا: عاقبت انديشي، نفع- نقصان جي پروڙ، حڪومت جو انتظام رکڻ، قسمين قسمين فضيلتون هٿ ڪرڻ، اهي ڳالهيون انهيءَ عقل سان ٿي سگهن ٿيون. انهيءَ عقل مان الله تعاليٰ حضور ﷺ جن کي ايترو ڏياريو جو جيڪڏهن خيال تہ ڪجي تہ اسان جو عقل ئي حيران ٿيو تہ وڃي. علامہ قاضي عياض رحمة الله عليه

پنهنجي ڪتاب شفا ۾ وهب بن منبه جو قول آندو آهي. وهب چيو ته مون ايڪهتر ڪتاب پڙهيا، مگر سيني مان معلوم ٿيو ته حضور ﷺ جن سيني ڪان وڌيڪ عقل ۾ اڪابر ۽ افضل آهن- ۽ رب تعاليٰ دنيا جي اول ڪان وٺي آخر تائين سيني ماڻهن کي حضور ﷺ جن جي عقل جي اڌو ايترو ذرو عقل جو ڏنو آهي جيترو واريءَ جو هڪ داڻو. حضور ﷺ جن جي ساري مبارڪ حياتي جو احوال جنهن ڏٺو هوندو سو سمجهي سگهندو ته پاڻ پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪيتري قدر نه نهايت عقل ۽ تدبير سان هليا آهن. سندن پاڪ حديثون ۽ پيارا سخن جنهن پڙهيا هوندا، اُهو پروڙي سگهندو ته پاڻ ڪيتري قدر نه عقل ڪل هئا. پاڻ نه ڪنهن استاد وٽان سکيا، نه ڪنهن مدرسي مڪتب ۾ پڙهيا، نه ڪو ڪتاب پڙهيائون، نه وري پڙهيلن سان ڪا گهڻي صحبت ئي ڪيائون بلڪل گوشي ۾ گذاريائون. جيئن رب تعاليٰ کين ماءُ پيٽان پيدا ڪيو هو تيئن ئي رهيا. تنهن هوندي بہ نبوت ملڻ ۽ رسالت عطا ٿيڻ کان پوءِ دنيا جا قسمين قسمين علم دنيا کي ٻڌايائون، جن کي ٻڌي وڏا وڏا عالم عاقل دنگ رهجي ويا. علم فلسفو (سائنس) علم طب، علم حساب، علم ورثہ وترڪ، علم نسب، علم تمدن و معاشرت، علم قوانين (جديشل و سول)، علم انتظام حڪومت، مطلب ته هر علم هر فن جا مولا، هر اُستاد هر عاقل جا قبلا ۽ ڪعبہ هئا. انهيءَ کان سواءِ ٻيون فضيلتون ۽ اخلاق جيڪي منجهن موجود هئا، سي بہ سندن ڪامل عقل جو نتيجو هو. عربن جي اُها اڻ سڌريل ۽ بگڙيل قوم هئي جن جي سڌرڻ ۽ ماڻهو ٿيڻ ۽ صاحب فضيلت بڻجڻ جو ڪو امڪان ڪو نہ هو. هو سدائين جنگين جهيڙن ۾ رڌل رهندا هئا. ڪنهن نصيحت ڏيندڙ يا سمجهائيندڙ سڌاريندڙ جي ڳالهہ ٻڌڻ ۽ ڪنهن چڱي ماڻهوءَ جي نصيحت تي ڪَن ڏيڻ لاءِ واندا ئي ڪين هئا، مگر قربان وڃان حضور ﷺ جن جي خداداد عقل تان، جنهن سان پاڻ اهڙن بگڙيلن کي سڌاري سمجهائي دنيا ۾ انهن کي ڪامل انسان ڪري ڏيکاريائون. هو شروع ۾ شوخي ڪندا رهيا، تڪليفون

رسائيندا رهيا، مجڻ کان ڪنڌ موڙيندا رهيا. اينتريقدر جو هوند سياڻپ عقل اڪابرائي وارو انسان هجي تہ بہ ڪنهن نہ ڪنهن مهل ضرور بي صبر ٿئي ۽ منجهي پوي، نيٺ اهڙن حيوانن جي سڌارڻ سمجهائڻ کان بيزار ٿي پري ڀڄي وڃي، مگر حضور ﷺ جن پنهنجي مضبوط عقل سان ڪوشش ڪندا آيا ۽ ڪڏهن بہ سندن پير نہ لڏيا آخر ڪامياب ۽ فتحمند ٿيا.

اِهي وحشي عرب، جي حيوانن جهڙي حياتي گذاريندا ۽ حضور ﷺ کان ڀهرين ڀڄندا ٿهندا هئا، سي ئي آخر حضور ﷺ جن جي مٿان چَڪن ٿيڻ لڳا ۽ حضور ﷺ جن کي پنهنجي آل اولاد، مال، جان کان وڌيڪ پيارو سمجهڻ لڳا. هي آهي حضور ﷺ جن جي عقل ڪامل ۽ سياڻپ جو قدر ۽ اندازو. حضور ﷺ جن جو عقل مبارڪ ئي هو جو سندن سچي رسالت ۽ نبوت جو هڪ زبردست نشان هو. ٻيا اخلاق سڀ انهيءَ کان پوءِ هئا، جي انهي عقل ئي جي آڌار تي محڪم ۽ مضبوط ۽ منجهن پختي طرح موجود رهيا. جن جو ذڪر اڳ هاڻي درجي بدرجي ڪندو ايندس.

حضور ﷺ جن جي اخلاق ڪريمانہ جي ثابتي قرآن ڪريم آهي

حضور ﷺ جن جو اُستاد اهو هو، جنهن جهڙو اُستاد ڪڏهن بہ ڪنهن کي نصيب نہ ٿيو هوندو يعني الله رب العالمين. حضور ﷺ جن کي الله تعاليٰ نہ فقط قسمين قسمين علم سيکاريا بلڪ اخلاق جي زيور سان بہ ڪين چڱي طرح سينگاريو. قرآن ڪريم ۾ جيڪا بہ اخلاقي تعليم آهي ۽ جيڪي بہ نيڪ عادتون ۽ چڱا لڇڻ دنيائي توڙي ديني قرآن ڪريم ۾ بيان ٿيل آهن، اِهي سڀ ڀهرين حضور ﷺ جن جي تعليم لاءِ هئا تنهن کان پوءِ سندن اُمت جي سمجهڻ ۽ سکڻ لاءِ. حضرت امام غزالي رحمة الله عليه "احياء العلوم" ۾ لکيو آهي، تہ سعد بن هشام فرمايو آهي، تہ اڳ هڪ ڏينهن اُم المومنين حضرت عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها جي حضور ۾ حاضر ٿيس ۽ حضور انور رسول خدا ﷺ

جي اخلاق بابت پڇومان تہ ڪهڙي طرح هئا؟ بيبي صاحبہ فرمايو تہ قرآن ڪريم ڪو نہ پڙهيو آهي ڇا؟ عرض ڪيم تہ پڙهيو اٿم. بيبي صاحبہ فرمايو تہ حضور ﷺ جن جي اخلاق ڪريمانہ جو شاهد قرآن ڪريم آهي ۽ ڪين اخلاق جي تعليم سموري قرآن ڪريم ڏني آهي. جهڙي طرح قرآن ڪريم ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي:

خُذِ الْعَفْوَ وَأْمُرْ بِالْعُرْفِ وَأَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِيْنَ ﴿١٩٩﴾ (آيت 199- سورة اعراف)

(معافي ڏيڻ جي عادت وٺ ۽ چڱي ڪمن جو حڪم ڏيندو ۽ وعظ ڪندو رهہ ۽ جاهلن کان منهن موڙ، يعني انهن جي بيپرواهي جو خيال نہ ڪر).

۽ اهڙي طرح ٻئي هنڌ قرآن ڪريم ۾ فرمايل آهي.

اِنَّ اللّٰهَ يَأْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْاِحْسَانِ وَاِيْتَآئِ ذِی الْقُرْبٰی وَيَنْهٰی عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ وَالْبَغْيِ ﴿٩٠﴾ (آيت 90- سورة النحل)

(تحقيق الله تعاليٰ حڪم ٿو ڪري عدل ۽ احسان ۽ مائٽن کي ڏيڻ جو، ۽ بي شرمي جهڙن ڪمن ۽ منع ٿيل افعالن ۽ بغاوت (بي فرماني) کان منع ٿو ڪري.)

۽ ٻئي هنڌ قرآن پاڪ ۾ ارشاد ٿيل آهي:

وَاصْبِرْ عَلٰی مَآ اَصَابَكَ اِنَّ ذٰلِكَ مِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ ﴿١٧﴾ (آيت 17- سورت لقمان)

(سهہ ۽ صبر ڪر انهن مصيبتن ۽ تڪليفن تي، جي توتي اچن تحقيق اِهي ئي آهن همت جا ڪم.)

۽ اهڙي طرح ٻئي هنڌ بہ قرآن ڪريم ۾ فرمايل آهي:

وَلَمَنْ صَبَرَ وَغَفَرَ اِنَّ ذٰلِكَ لَمِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ ﴿٤٣﴾ (آيت 43- سورة الشوريٰ)

(۽ پڪ جنهن صبر ڪيو ۽ ڏوهين کي بخشيو، اِهي ئي ڪم همت جا آهن.)

وري ٻئي هنڌ بہ قرآن شريف ۾ رب تعاليٰ فرمايو آهي:

فَاعْفُ عَنْهُمْ وَاصْفَحْ ۚ إِنَّ اللَّهَ يُحِبُّ الْمُحْسِنِينَ ﴿١٣﴾ (آيت 13 — سورة المائده)

(معافي ڏي انهن کي ۽ درگذر ڪر انهن کان. تحقيق الله تعاليٰ نيڪ انسانن، احسان ڪندڙن کي محبت ۽ پيار تو ڪري.)

۽ ٻئي هنڌ آهي:

إِنَّمَا الْمُؤْمِنُونَ إِخْوَةٌ فَأَصْلِحُوا بَيْنَ أَخَوَيْكُمْ ۚ وَاتَّقُوا اللَّهَ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُونَ ﴿١٠﴾ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا يَسْخَرْ قَوْمٌ مِّن قَوْمٍ عَسَىٰ أَن يَكُونُوا خَيْرًا مِّنْهُمْ وَلَا نِسَاءٌ مِّن نِّسَاءٍ عَسَىٰ أَن يَكُنَّ خَيْرًا مِّنْهُنَّ ۖ وَلَا تَلْمِزُوا أَنفُسَكُمْ وَلَا تَنَابَزُوا بِالْأَلْقَابِ ۖ بِئْسَ الِاسْمُ الْفُسُوقُ بَعْدَ الْإِيمَانِ ۚ وَمَن لَّمْ يَتُبْ فَأُولَٰئِكَ هُمُ الظَّالِمُونَ ﴿١١﴾ يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا اجْتَنِبُوا كَثِيرًا مِّنَ الظَّنِّ إِنَّ بَعْضَ الظَّنِّ إِثْمٌ ۖ وَلَا تَجَسَّسُوا وَلَا يَغْتَب بَّعْضُكُم بَعْضًا ۚ أَيُحِبُّ أَحَدُكُمْ أَن يَأْكُلَ لَحْمَ أَخِيهِ مَيْتًا فَكَرِهْتُمُوهُ ۚ وَاتَّقُوا اللَّهَ ۚ إِنَّ اللَّهَ تَوَّابٌ رَّحِيمٌ

(آيت 10، 11، 12 - سورة الحجرات)

(مسلمان جيڪي آهن سي ڀائر آهن، پوءِ پنهنجن ڀائرن ۾ صلح ڪرايو ۽ الله پاڪ کان ڊڄو من اوهان تي رحم ٿئي. اي ايمان وارؤ! ڪا قوم ڪنهن قوم سان مسخري ۽ ٺوڪ نه ڪري متان اُها اِنهي کان (الله وٽ) وڌيڪ چڱي هجي ۽ نه ڪي زالون ڪن زالن تي کِلندو ڪن، متان اُهي اِنهن کان وڌيڪ چڱيون هجن ۽ نه هڪٻئي کي عيب وارو بڻايو ۽ نه هڪٻئي تي بڇڙا لقب (الون) رکو. ايمان کان پوءِ گناهه جهڙو ڪم آهي بڇڙو نالو ۽ جي توبه نٿا ڪن پوءِ اُهي گنهگار آهن. اي ايمان وارؤ! گهڻو ڪري گمان کان پاسي رهو، ڪي گمان گناهه آهن ۽ نه هڪٻئي جي عيبن جي تلاش ڪريو ۽ نه هڪٻئي جي گلا ڪريو. آيا اوهان مان ڪوگهري ٿو ۽ پسندڪري ٿو؟ ته پنهنجي مئل ڀاءُ جو گوشت کائي! پوءِ اوهان نه پسند ڪيو ۽ خدا کان ڊڄو، تحقيق الله تعاليٰ توبه قبول ڪندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي.)

جڏهن ته حضور ﷺ جن دنيا جي سڀني مذهبن جا مصلح (سڌاريندڙ) ۽ مذهب اسلام جو بنياد وجهندڙ هئا، تڏهن مذهب اسلام ۾ جيڪي به اخلاق حضور ﷺ جن بيان فرمايا آهن سي اُهي ئي آهن جي

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

منجهن موجود هئا. امام غزالي رحمة الله عليه فرمايو آهي، ته حضرت معاذ بن جبل رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور ﷺ جن فرمايو ته: تحقيق الله تعالىٰ اسلام کي نيڪ اخلاقن ۽ موچارن ڪمن سان ڀرپور ڪيو آهي.

اسلامي اخلاق

انهن نيڪ اخلاقن ۽ موچارن ڪمن مان مثال لاءِ هي ڪم آهن: نيڪ برتاءُ، شريفاڻا ڪم، نرم پهلو نيڪوڪاري جي سخا، مهمان نوازي، چڱن لفظن ۾ سلام چوڻ، مسلمان بيمار جي مزاج پرسي، چا نيڪ هجي چا فاسق بدڪار، مسلمان جي جنازه جي پويان وڃڻ ۽ شامل ٿيڻ، ڪافر توڙي مسلمان پاڙي واري سان چڱو ٿي هلڻ، سفيد ريش مسلمان جي عزت رکڻ، دعوت قبول ڪرڻ، دعوت ڏيڻ، ڏوهي کي معافي ڏيڻ، ماڻهن جي وچ ۾ صلح سانت ڪرائڻ، سخاوت، ڏاتاري، مهربان ٿيڻ، سلام ڪرڻ ۾ اڳرائي ڪرڻ، ڪاوڙ ۽ غصو ڪائڻ، نياز ۽ نوڙت، صفائي ۽ پاڪائي، امانت ۽ دينداري، حيا ۽ شرم، سدائين سچ ڳالهائڻ، اندر ٻاهر هڪ جهڙو رکڻ، برد باري ۽ همت، حلال روزي ڪمائي کائڻ. اسلام جن ڳالهين کي حرام چيو ۽ ناجائز ٺهرايو آهي، انهن کان پري رهڻ، جهڙوڪ اجايو وقت وڃائڻ، راند روپ ۽ راڳ رنگ ۾ مشغول ۽ مگن رهڻ، راڳ جا اوزار، ستارون، يڪتارا وغيره استعمال ڪرڻ، گلا، ڪوڙ، ڪنجوسائي، ظلم زبردستي، ٺڳي، مڪر، چغلي، بدسلوڪي. دنيوي رنجش تي مائٽي ڇنڻ، بدخلقي، هٺ، وڏائي، حيله سازي، بهانه بازي جنهن کي اڄڪلهه جا تعليم يافته پوليٽيڪل پاليسي ڪري سڏيندا آهن. پاڻ کي ٻين کان وڏو سمجهڻ. بيحيائي، حسد. ساڙو، پکين سان فال يا سُڀُ وٺڻ. جيئن سنڌ جون زالون ڪانوَ مان نيڪ يا بد فال وٺنديون آهن. بيفرماني، بغاوت وغيره. حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه فرمايو آهي ته اهڙي نيڪ نصيحت هوندي ئي ڪانه جا حضور ﷺ جن اسان کي نه چئي هوندي يا ڇڏي ڏني هوندؤن- هن آيت شريف ۾ گهٽو ڪري ٿورن لفظن ۾ گهڻي نصيحت آهي.

اِنَّ اللّٰهَ يَاْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْاِحْسَانِ وَاِيْتَآئِ ذِي الْقُرْبٰى وَيَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ وَالْبَغْيِ يَعِظُكُمْ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ۝ (90 سورت النحل)

(تحقيق الله تعاليٰ عدل ۽ احسان ۽ مائٽن کي ڏيڻ جو حڪم ڪري ٿو. ۽ بيحيائي ۽ بد ڪمن ۽ بغاوت ۽ بيفرماني کان سخت منع ڪري ٿو. اوهان کي نصيحت ٿو ڏئي ته من ياد رکو.)

حضرت معاذ رضي الله عنه فرمائي ٿو ته، هڪ دفعي حضور انور رسول خدا، نبي عربي مُحمّد مصطفیٰ ﷺ مون کي هن طرح پيارن لفظن ۾ وصيت فرمائي ته: اي معاذ رضي الله عنه توکي وصيت ٿو ڪريان ته الله کان ڊڄڻ، سچ ڳالهائڻ، وفادار رهڻ، امانت پهچائي ڏيڻ، خيانت نه ڪرڻ، پاڙي وارن جي حقن جي حفاظت ڪرڻ. يتيم ۽ ڇورڙي تي ٻاجهه ۽ رحم ڪرڻ، السلام عليڪم چوڻ، ۽ نيڪ عمل ڪرڻ. وڏيون وڏيون اميدون نه رکڻ، ايمان تي قائم رهڻ، قرآن ڪريم کي سمجهڻ، آخرت جي محبت رکڻ، حساب ڪتاب الاهي کان ڊڄڻ، نياز ڪرڻ جي - ۽ جهليان ٿو ۽ منع ڪريان ٿو توکي هن ڳالهه کان ته، متان بدچال ماڻهوءَ جو چيو مڃين- ۽ متان ڪنهن عادل بادشاهه جو بي فرمان ٿين ۽ متان زمين تي فساد ڪرين ۽ توکي وصيت ٿو ڪريان سڀ ڪنهن پهڻ، وڻ ۽ پتر وٽ الله کان ڊڄڻ جي. وصيت ٿو ڪريانءِ ته، جيڪڏهن خدانخواسته ڪو گناهه ڪرين وجهين ته جهٽ توبه ڪجانءِ

ظاهري گناهه جي ظاهري توبه، ڳجهي گناهه جي ڳجهي توبه. اهڙي طرح حضور ﷺ جن الله جي ٻانهن کي سمجهائيندا ۽ ادب سيکاريندا ۽ انهن کي نيڪ اخلاق ڏي سڏيندا رهيا.

خود حضور ﷺ جن جا نيڪ اخلاق

حضرت امام حسين رضي الله عنه فرمايو آهي ته مون پنهنجي پيءُ کان حضور ﷺ جن جي اندر گهر ۾ داخل ٿيڻ بابت پڇيو:

حضور ﷺ جن حويلي اندر ڪيئن خير جو وقت گذاريندا هئا

پوءِ منهنجي پيءُ فرمايو تہ پاڻ سونهارا جڏهن پنهنجي حويليءَ ۾ داخل ٿيندا هئا تہ پنهنجي انهيءَ وقت جا بہ ٽي ڀاڱا ڪندا هئا: هڪ ڀاڱو خاص الله تعالىٰ جي ڪمن لاءِ، ٻيو پنهنجي ٻارن - ٻچن گهر وارن ماڻهن جي ڪمن لاءِ، ٽيون پنهنجي ضروري ڪمن لاءِ، پوءِ جيڪو وقت جو ڀاڱو پنهنجي ضروري گُهرجن لاءِ رکندا هئا. تنهن کي وري ورهائي بہ ڀاڱا ڪندا هئا. هڪ پنهنجي لاءِ، ٻيو مخلوق خدا جي لاءِ ۽ گهٽو ڪري اُتي خاص خاص ماڻهن کي اچڻ ڏيندا هئا تہ اُهي حضور ﷺ کان اسلام جي تعليم سمجهي وڃي عام ماڻهن کي ٻڌائين سڻائين ۽ ڪجهہ بہ نيڪي جي ڳالهہ انهن کان نہ لڪائيندا هئا. سندن عمدي عادت هي بہ هوندي هئي جو فضيلت ۽ نيڪي وارن ماڻهن کي پاڻ وٽ اچڻ ڏيندا هئا تہ انهن جي حال موافق انهن سان رهاڻ ڪندا هئا. ڪي هڪ ڪم ۽ هڪ گهرج وارا هوندا هئا، ڪي ٻن گهرجن وارا، ڪي ٻن کان وڌيڪ ڪمن وارا تہ انهن کي انهن جي لياقت پٽاندر انهن ۽ جميع امت جي فائدن وارن ڪمن ۾ مشغول رکندا هئا ۽ اهڙيون خبرون انهن کي ٻڌائيندا هئا جو انهن لاءِ مفيد ٿين ۽ پوءِ پاڻ سيني کي هي اکر چوندا هئا تہ مون وٽ اچي، جيڪي مون کان ٻڌن ٿا، سي ٻين غير حاضر ماڻهن کي وڃي ٻڌائين ۽ رسائين. هيئن بہ فرمائيندا هئا تہ جي ويچارا پنهنجون ضرورتون ۽ گهرجون مون تائين نٿا پهچائي سگهن، تن جون گهرجون اوهين مون وٽ پهچايو. جوشخص غريبن بيواهن جون گهرجون، پوريون ڪري سگهندڙ ماڻهوءَ جي ڪَن تائين پهچائي ٿو تہ الله تعالىٰ قيامت جي ڏينهن انهيءَ جا قدم ثابت رکندو. حضور ﷺ جن وٽ اهڙائي ذڪر هلندا هئا. اهڙين فائديمند ڳالهين کان سواءِ ٻي ڳالهہ ٻڌڻ نہ گهرندا هئا. ماڻهو وٽن ايندا بہ فائدي جا طالب ٿي هئا ۽ موٽندي بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ حاصل ڪري ۽ نڪرندا هئا تہ رهبر رهنما ٿي نڪرندا هئا.

حضور ﷺ جن ٻاهر ڪيئن وقت خير جو گذاريندا هئا

حضرت امام حسين رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ وري حضور ﷺ جن جي ٻاهر نڪرڻ ۽ ٻاهر وقت گذارڻ بابت مون پنهنجي قبلہ گاهہ (والد) کان پڇيو تہ حضور ﷺ جن ڇا ڇا ڪندا هئا؟ حضرت علي رضي الله عنه فرمايو تہ حضور ﷺ جن پنهنجي زبان کي هميشه محفوظ رکندا هئا. مگر معنيٰ ۽ مطلب واري ڳالهہ بابت ڪوليندا هئا- ۽ پنهنجن صحبتين (اصحابن) جي هميشه دل وٺندا هئا ۽ هنن سان ڪڏهن بہ اهڙي هلت نہ ڪندا هئا. جنهنڪري هو ٿهن يا بيزار ٿين. ڪنهن بہ قوم جو ڪو معزز ۽ رئيس وٽن ايندو هو تہ انهيءَ کي پاڻ بہ عزت ۽ مانُ ڏيندا هئا ۽ اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ انهيءَ کي ئي حاڪم يا وڏو ڪري موڪليندا ۽ مقرر ڪندا هئا. پاڻ ماڻهن کان گوشائتو بہ رهندا هئا. پر نہ اهڙيءَ طرح جو انهن کان بلڪل منهن موڙين يا انهن سان بدخُلقي ڪن، هرگز نہ پاڻ پنهنجن اصحابن (صحبتين) کان چڱيءَ طرح قرب ۽ محبت سان حال احوال پڇندا هئا ۽ هڪڙن ماڻهن کان ٻين ماڻهن جي خبرچار وٺندا هئا. چڱي کي چڱو چوندا هئا. مدي کي مدو. اهڙيءَ طرح جو اڳلو انهي مَدي ڪم کي واهياتي ڪم سمجهي. پاڻ سونهارا هرهڪ ڪم ۾ وچ ٽرا هلندا هئا. نہ اڳتي نہ پوئتي، نہ وڌيڪ نہ گهٽ. پاڻ ڪنهن بہ ڳالهہ کان غافل نہ هوندا هئا. انهيءَ ڪري تہ متان سندن صحبتي غافل ٿي پون. هرحال ۾ وٽن سڀ ڪم جي تياري رهندي هئي. حق جي ظاهر ڪرڻ ۾ نہ ڪڏهن ڪوتاهي ڪندا هئا. نہ حد کان وڌيڪ لنگهندا هئا. گهڻو ڪري ماڻهو وٽن ڏاڍا نيڪ ۽ ڀلا ايندا ۽ رهندا هئا. وٽن وڌيڪ ڀلو ماڻهو اُهو ليکڻ ۾ ايندو هو. جو وٽائن نصيحتون ٻڌي عام طرح ٻڌائيندو رهي. وٽن مرتبو انهيءَ جو وڌيڪ هوندو هو جو ماڻهن سان چڱي ونڊر وارو هجي.

حضور ﷺ جن جي مجلس جو نمونو

حضرت امام حسين رضي الله تعالىٰ عنه فرمايو آهي تہ. پوءِ مون پنهنجي والد بزرگوار کان حضور ﷺ جن جي مجلس بابت پڇيو. بابي

سائين فرمايو تہ. حضور ﷺ جن ڪڏهن بہ نہ اٿندا هئا سواءِ ذڪر مولا جي، ۽ ڪنهن بہ قوم وٽ ويندا هئا تہ جتي بہ جاءِ ملندي هين يا جِتي بہ خالي جاءِ ڏسندا هئا توڙي پچاڙيءَ ۾ تہ اُتي ويهي رهندا هئا. ۽ ٻين کي بہ حڪم ڪندا هئا تہ ائين ڪندا ڪريو. هرويرو ڪنهن مٿاهين جاءِ تي ويهڻ جو شوق نہ رکجي. وٽن جيڪو بہ ايندو هو تہ ان جي نصيب آهر اُن کي اهڙو تہ قرب ۽ تعظيم ڏيندا هئا. جو هو سمجهندو هو تہ مون تي حضور ﷺ جي جهڙي مهرباني آهي، اهڙي شايد ڪنهن تي بہ ڪانہ هوندي. وٽن جيڪڏهن ڪو اچي ويهندو هو يا ڪو ڪم ڪٽي ايندو هو تہ پاڻ ڪڪ تي اڳ ۾ ڪين اُٿندا هئا. جيسين هو پاڻ نہ اٿي ويندو هو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن ڪم بابت حضور ﷺ جن کان صلاح مصلحت پڇندو هو تہ ضرور انهيءَ جو اُهو ڪم پورو ڪندا هئا يا نرمي سان انهيءَ کي جواب ڏيندا هئا. جيڪڏهن تيڻ جهڙو نہ هوندو هو. ماڻهن سان اهڙا خوش خلق ۽ ڏاتار تي رهندا هئا. جو ماڻهو ڪين پنهنجو اَبو ڪري ڄاڻندا هئا. سيني ماڻهن جو وٽن هڪجهڙو حق رهندو هو. سندن مجلس نهايت نرمي، بردباري، حياء ۽ امانت، صبر ۽ آرام جي مجلس هوندي هئي. نہ وٽن ڪنهن جي آبرو خواب ٿيندي هئي ۽ نہ ڪنهن جي عيب جوئي يا نڪتہ چيني ٿيندي هئي. ماڻهو وٽن سڀ ڏاڍا قاعدي ۽ اندازي سان رهندا هئا. ها سندن صحبتي هڪٻئي کي ڏسي وڌيڪ پرهيز گار ٿيڻ جي بيشڪ ڪوشش ڪندا هئا. مگر طبعيت جا سادا ۽ نِوڙت وارا. سندن مجلس ۾ سندن مجلسي وڏي جي عزت رکندا هئا. ۽ ننڍي تي مهربان رهندا هئا. ۽ گهرج واري لاءِ حامي ٿيندا هئا. پرديسي جي حفاظت ۽ خاطرداري ڪندا هئا. حضور ﷺ جن جو هميشه جيڪو وقت گذرندو هو سو گهڻو ڪري خدائي ڪمن ۾ گذرندو هو. ٻيو پنهنجن لاچاري ڪمن ۾. حضور ﷺ جن سيني ماڻهن ۾ وڌيڪ سلڇڻا ۽ خوش خلق هوندا هئا. حضور ﷺ جن هميشه مُنهن جا سرَها ۽ خُلق جا خاصا هوندا هئا. يعني ماڻهن سان چڱيءَ طرح ملنسار ۽ دل وڻندڙ تي ملندا هئا.

حضور ﷺ جن هميشه تڪليفون ۽ اهنج سهندا هئا ۽ ماڻهن تي مهربان رهندا هئا. ۽ ڪڏهن به پاڻ کي ڪنهن کان بزرگ يا بهتر ۽ برتر نه ڄاڻندا هئا. ۽ نه ڪڏهن دل جا سخت يا ڪاوڙيل هئا. حضرت علي ڪرم الله وجهه کان روايت آهي، ته حضور ﷺ جن هٿ جا تمام ڪشادا ۽ ڇاتي جا تمام ڪليل، ۽ آواز جا تمام سچا ۽ وعدي جا تمام وفادار ۽ طبعيت جا تمام نرم. صحبت ۽ مجلس جا تمام شاندار هئا. سندن نمونو اهڙو رعبدار ۽ پيارو هو، جو جيڪو ڪين اوچتو ڏسندو هو ته هيبت ۾ پئجي ويندو هو. ۽ جيڪو ساڻن صحبت ۽ رهاڻ ڪندو هو، ته مٿن ڇڪن تي پوندو هو. ۽ جيڪو ڪين ڏسي ڪنهن بئي سان واکاڻ ڪندو هو ته هي لفظ چوندو هو ته "مون حضور ﷺ جن جهڙو نه اڳي ڏٺو نه پوءِ ڪو ڏسبو! حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور ﷺ جن سيني کان وڌيڪ پرهيزگار، سيني کان وڌيڪ عابد زاهد، سيني کان وڌيڪ عادل منصف، سيني کان وڌيڪ بردبار ۽ گنڀير، سيني کان وڌيڪ پوتي پاڪ ۽ گناهن کان بچيل هئا. ساڳئي حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور ﷺ جن سيني کان وڌيڪ سهڻا، سيني کان وڌيڪ ڏاتار ۽ سيني کان وڌيڪ طاقت وارا هئا. پاڻ سونهارا سيني کان وڌيڪ انسانذات تي مهربان ۽ ٻاجهارا هئا ۽ سيني کان وڌيڪ نافع ۽ فائده پهچائڻ وارا هئا. انسانذات لاءِ ۽ سيني کان وڌيڪ اهل الخير هئا. انسانذات واسطي سيني کان وڌيڪ صابر ۽ مائيٽا هئا. ماڻهن جي نالائقين تي، خارجة بن زيد بن ثابت رضي الله عنه کان روايت آهي ته سندس پيءُ زيد رضي الله عنه وٽ هڪڙو شخص آيو ۽ اچي چيائين ته "مون کي حضرت رسول الله ﷺ جون ڳالهڙيون ٻڌاءِ حضرت زيد رضي الله عنه چيس ته آءٌ ڪهڙيون ڳالهيون حضور ﷺ جن جون ٻڌايانءِ آءٌ سندن پاڙيسري هوس، پوءِ جڏهن مٿن خدائي پيغام ۽ ڪلام ايندو هو، تڏهن مون کي سڏيندا هئا ۽ آءٌ اُهو لکندو هوس. وٽن ويٺي جيڪڏهن دنيا جو ذڪر يا ڳالهه ٻولهه اسين ڪندا هئاسين ته پاڻ به اسان جي خاطر انهن ڳالهين ۾ شريڪ ٿيندا هئا ۽ جيڪڏهن دنيا جو ذڪر

چوريندا هئاسين تہ پاڻ بہ اهڙيون ڳالهيون ڪندا هئا ۽ جيڪڏهن ماني ٽڪي يا قوت گذران جو ذڪر اچي پوندو هو تہ پاڻ بہ شامل ٿيندا هئا يعني هروڀرو دنيا جي ڳالهين کان بيزار ڪين ٿيندا هئا. دنيا جي ڳالهہ جيڪا وٽن هلائبي هئي تہ پاڻ انهي نموني جي ڳالهين ۾ ڳالهين پائي ٿيندا هئا. سندن اصحاب (صحبتي) سونهارا سندن روبرو شعر بہ ڪڏهن ڪڏهن چوندا ۽ ٿاهيندا هئا، جن ۾ بعضي بعضي جاهلاڻيون ڳالهيون بہ وجهندا ۽ بيان ڪندا هئا ۽ کِلندا بہ هئا. تہ پاڻ سندن اِهو نمونو ڏسي مُرڪندا هئا ۽ انهن کي چينڀ ۽ ملامت ڪانہ ڪندا هئا. مگر ڪا حرام جهڙي ۽ ناجائز ڳالهہ اتفاق سان ڪري وجهندا هئا تہ انهيءَ کان پاڻ ضرور جهليندا هئن . يعني پاڻ سڳورا اصحابن جا ناز بردار ۽ سندين معمولي ڳالهين جا سهندڙ هوندا هئا. پاڻ اڪثر مُرڪندا هئا، ۽ سندن منهن مبارڪ ۾ ڪڏهن بہ گهُنڊ يا ٺامٽي نہ هوندي هئي. اصحابن جي آڏو کلڻ، ڳالهائڻ ۽ مرڪڻ ۾ ڪو عار ڪونہ ڪندا هئا. جيڪڏهن هو کِل جهڙي ڳالهہ ڪٿي ڪندا هئا تہ پاڻ اُن تي مُرڪندا بيشڪ هئا ۽ جيڪڏهن ڪا عجب جهڙي ڳالهہ ڪندا هئا تہ پاڻ بہ عجب وٺندا هئا. اسان مٿي لکيو آهي تہ اصحاب سونهارا وٽن کلندا هئا، سو کلڻ ٽهڪن سان هرگز نہ هو. اُهي بہ، سندن نمونو ڏسي مرڪڻ جهڙو کلندا هئا. ٽهڪ ڏئي کلڻ کي بي ادبي ڄاڻندا هئا.

هڪڙي ڏينهن وٽن هڪڙو اعرابي (ٻهراڙي جو ماڻهو) آيو، ۽ پاڻ انهي ڏينهن هميشہ کان ٻئي نموني تي غمگين ۽ منهن ۾ بيخوش ويٺا هئا. هن اعرابي ارادو ڪيو تہ آءٌ ڪجهہ سوال حضور ﷺ جن کان پڇان، مگر اصحابن وقت کي مناسب نہ سمجهي هن کي جهليو. هن اعرابي چيو تہ ڇڏيوا مون کي قسم آهي انهي ذات پاڪ جو جنهن ڪين نبي برحق ڪري دنيا ۾ موڪليو آهي، آءٌ ڪين تيسين نہ ڇڏيندس ۽ سندن تيسين پچر نہ ڦِٽي ڪندس جيسين پاڻ مُرڪندا نہ. ائين چئي پوءِ اُهو اعرابي چوڻ لڳو تہ يا رسول الله (ﷺ). اسان ٻڌو آهي تہ جڏهن ماڻهو بڪ ۾ پيا

مرندا تہ دجال پليد ڪٿي ٿاهي پيو ماڻهن کي ڏيندو. منهنجا ماءُ- پيءُ توتي قربان ٿين! اوهان جي هن بابت ڪهڙي راءِ آهي؟ آءٌ انهيءَ ڪُٺيءَ مان نہ ڪاوان ۽ پلي مري وڃان! يا پلي وٺي ڪاوان ۽ پيٽ ڀري الله تعاليٰ جا وڏو شڪرانا ڪريان ۽ رب تي ايمان آڻيان ۽ هن پليد کي بلڪل نہ مڃان؟ حضور ﷺ جن هن جو اِهو گفتو ٻڌي مُرڪي وڏو ايتريقدر جو سندن اندريون هوڙون بہ ظاهر ٿي پيون. مرڪي پوءِ پاڻ فرمايائون تہ ائين نہ ڪجانءِ! جيئن ٻين مومنن کي رب تعاليٰ نور ايمان سان بيپرواهہ ڪندو تيئن توکي بہ بيپرواهہ ڪندو. مگر صبر نہ ڇڏجانءِ ۽ ڪافر جو نہ کائجانءِ!

حضور ﷺ جن دل جا ڏاڍا مهربان هئا ۽ اصحابن سونهارن جي خاطري اهڙي ڪندا هئا، جهڙي ڪو ابو اولاد جي ڪري. جيڪڏهن ڪو اصحابي لاچار سببان مجلس ۾ اتفاق سان حاضر نہ ٿيو تہ پاڻ ان جي پڇا ڪندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪو اصحابي ڪنهن ڏينهن حضور ۾ حاضر نہ ٿيو ۽ ٻئي ڏينهن آيو تہ گهڻو ڪري پاڻ اهڙي اصحابي کي هي پيار جا لفظ چوندا هئا "اي منهنجا ڀاءُ شايد تو مون کان يا منهنجن ٻين ڀائرن (اصحابن) کان ڪا تڪليف ڏٺي جو نہ آئين؟" حضور ﷺ جن جي عادت هوندي هئي تہ جڏهن سندن ڀائرن (اصحابن) مان ڪو بہ ٽي ڏينهن نہ ايندو هو تہ اُن جي تمام گهڻي پڇا ڪندا هئا. پوءِ جيڪڏهن معلوم ٿيندو هئن تہ ڪاڏي ٻاهر روانو ٿيل آهي تہ سندس حق ۾ خيرسلامتي جي دعا گهرندا هئا ۽ جيڪڏهن معلوم ٿيندو هئن تہ شهر ۾ ئي آهي تہ ڪريمانو قرب ڪري پاڻ اُن وٽ پنڌ ڪري ويندا هئا ۽ جيڪڏهن معلوم ٿيندو هئن تہ بيمار آهي تہ ٻاجهہ ڪري پاڻ اُن جي طبعيت پرسي لاءِ ويندا هئا.

حضور ﷺ جن اصحابن سان منهن اهڙو تہ خوش ڪندا هئا، ۽ هرهڪ کي اهڙي تہ تعظيم ڏيندا هئا، جو سڀڪو ڀائيندو هو تہ مون جهڙو عزت ۽ تعظيم وارو حضور ﷺ جن وٽ ٻيو ڪونہ هوندو. حضرت عمرو بن العاص رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور ﷺ جن شرير ۽ بدمعاش

ماڻهوءَ سان بہ اهڙيءَ طرح منهن ڏيندا هئا ۽ گفتگو ڪندا هئا، جو هو موهجي ويندو هو ۽ پنهنجي شرارت ٿي وسري ويندي هيس. پاڻ هرهڪ صحبتي ۽ مجلسيءَ سان مٺن- مائٽن جهڙا حال ڀائي ۽ همدرد هوندا هئا ۽ ڪنهن ڏي بہ ٻيجان جي نظر سان نہ نهاريندا هئا. غريب کان غريب کي بہ امير جهڙي آبرو ڏيندا هئا. سندن نظر مبارڪ ۾ غريب- غني، امير- فقير سڀ هڪجهڙا هئا. پاڻ سيني کي هڪ رنگ ۾ رڱي ڇڏيو هوائون. پاڻ دل جا ڏاڍا نرم ۽ صفا هوندا هئا. الله تعاليٰ سندن تعريف ۾ ڪين مخاطب ڪري هيئن فرمايو آهي:

فَبِمَا رَحۡمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ لِنۡتَ لَهُمۡ ۚ وَلَوۡ كُنۡتَ فَظًّا غَلِيۡظَ الۡقَلۡبِ لَانۡفَضُّوۡا مِنۡ حَوۡلِكَ (آيت 159 - سورة آل عمران)

(ترجمو: الله تعاليٰ جي رحمت ۽ ٻاجهہ آهي جو تون انهن سان نرم ٿي هلين ٿو ۽ جيڪڏهن شوخ ۽ دل جو سخت هجين ها تہ ضرور هو توکان پري گذارين ها.)

حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي: حضور ﷺ جن وٽ هڪڙو شخص ويٺو هو، جنهن جي ڪپڙن ۾ ڪجهہ هيڊو رنگ لڳل هو. مگر جڏهن تہ حضور ﷺ جن پاڻ ڪنهن هڪڙي کي خاص طرح ڪين ٽوڪيندا هئا، تڏهن اُٿڻ وقت ٻين کي فرمايائون تہ جيڪڏهن اوهين هن کي چئو تہ آئنده هيڊو رنگ استعمال نہ ڪري تہ تمام چڱو. هائو، ڪڏهن ڪڏهن پاڻ سونهارا اهڙين ضروري ڳالهين واسطي سڌي طرح بہ چئي ڏيندا هئا. جيئن حضرت عبدالله بن عمرو بن العاص رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ دفعي حضور ﷺ جن مون کي بہ ڪپڙا کهنبي رنگ جا ڏٺا تہ فرمائڻ لڳا تہ اِهي کهنبا ڪپڙا ڪافرن جي پوشاڪ آهي، تون نہ ڏکيندو ڪر! ٻي روايت آهي تہ حضرت عبدالله رضي الله عنه پڇن ٿا تہ يلا حضور ﷺ ! اِهي ڌوئي ڇڏيان تہ فرمائڻ لڳا تہ بلڪ ساڙي ڇڏ! يعني تنبيه طور چيائونس تہ ساڙي ڇڏ نہ حڪماً. پاڻ سڳورا جڏهن وعظ ڪندا

هئا ته ڪنهن خاص ماڻهوءَ جو نالو وٺي ان کي ڪين سمجهائيندا هئا، بلڪ عام طرح نصيحت ڏيندا هئا. جيڪڏهن ڪين ڪٿي ڪنهن خاص ماڻهوءَ جي ڏوهه يا اجائي هلت جي خبر به ملندي هئي ته ڪڏهن به ان جو نالو ظاهر ڪري انهيءَ ڏوهه بابت نصيحت نه ڏيندا هئا، بلڪ فرمائيندا هئا ته قوم جو ڪهڙو نه حال آهي! ههڙا ههڙا عيب منجهن آهن، يا چوندا هئا ته افسوس قوم جا ماڻهو ڪهڙا نه زوراور آهن، جو ههڙيون ههڙيون ڳالهيون تا ڪن! جيڪڏهن پاڻ ڪنهن کي ڪو اجايو ڪم ڪندي ڏسندا هئا ته سيني کي جهليندا هئا ته هن کي هرويرو نه ٽوڪجو. پوءِ آهستي آهستي ۽ هوريان هوريان اُن کي سمجهائيندا هئا. پاڻ بڌيءَ ڳالهه تي ڳنڍ ڪين ڏيندا هئا ۽ نه هڪڙي جي لائي چائي ٻئي جي حق ۾ مڃيندا هئا. حضور ﷺ جن گهڻو ڪري فرمائيندا هئا ته اي دوستو! اوهين پلائي ڪري منهنجن دوستن جون مون وٽ چڱيون ڳالهيون ڪندا ڪريو ۽ اُنهن جا عيب مون وٽ بيان نه ڪندا ڪريو. مون کي هي ڳالهه ڏاڍي وڻي ٿي ته آءٌ پنهنجن دوستن کي ملان ۽ اُنهن وٽ وڃان ته منهنجو سينو انهن لاءِ صاف ۽ سالم هجي. پاڻ سونهارا جيڪڏهن ڪن اصحابين کي ڪنهن پاسي ڪم لاءِ موڪليندا هئا ته انهن کي هميشه سمجهائيندا هئا ته مُنهن جا مِنا تي گذارجو، اهڙا نه ٿي هلجو جو هو اوهان کي ڏسن ۽ نفرت (ٻُچان) ڪن ۽ هلڪا ۽ سنهنجا ٿي هلجو، بار خاطر نه ٿجو. حضور ﷺ جن جڏهن پنهنجي ڪنهن اصحابيءَ کي ملندا هئا ته هٿ - هٿ ۾ ڏئي ملڻ کان اڳ سلام ڪندا هئا ۽ سلام ڪري پوءِ هٿ - هٿ ۾ ڏئي آڱريون آڱرين سان ملائي ٿورو زور سان مُٺ پيڙيندا هئا. پاڻ سونهارا جيڪڏهن ڪنهن اصحابيءَ سان ملندا هئا ۽ ڪنهن سببان انهيءَ سان اُٽندا هئا ته تيسين پاڻ ڪين موٽندا هئا، جيسين هو شخص پاڻهي نه موٽي؛ جيڪڏهن ڪو اصحابي ملاقات وقت هٿ هٿ ۾ ڏئي ملندو هون ته پاڻ هٿ نه ڪيندا هئا. جيسين هو پاڻ هٿ نه ڪيندو هو - ۽ جيڪڏهن ڪو اصحابي ڪا ڳجهي ڳالهه سندن ڪَن مبارڪ ۾ ڪرڻ گهرندو هو ته

پاڻ ڪَن ويجهو ڪندا هئا ۽ تيسين ڪن پري نہ ڪندا هئا، جيسين هو پاڻ پري نہ ٿيندو هو. حضور ﷺ جن سان جيڪڏهن ڪو اصحابي اچي ملندو هو تہ پاڻ انهيءَ جي پُٺي ٺپري يا مٿي تي قرب جو هٿ گهمائي دعا بہ ڪندا هئا. ڪين ڪوبہ جيڪڏهن سڏ ڪندو هو تہ هميشہ جواب ۾ فرمائيندا هئا "لبيڪ" يعني حاضر - ۽ پاڻ هميشه اصحابن کي ڪنهن نہ ڪنهن عزت واري نالي يا لقب سان سڏيندا هئا. پاڻ جڏهن ڪن چوڪرن وٽان اچي لنگهندا هئا تہ مٿن سلام ڪري، اُنهن کي خوشُ ڪندا هئا. پاڻ جڏهن ڪنهن مسافريءَ تان ايندا هئا تہ اول گهر ۾ ننڍڙا ٻار وٽن پيش ڪيا ۽ ملايا ويندا هئا. پاڻ سونهارا ٻارن ۽ ٻچن تي زياده مهربان ۽ ٻاجهارا هئا. وٽن جيڪي ننڍڙا ٻار ماٺهو ڪٺي ايندا هئا تہ پاڻ ڪجور وات مبارڪ ۾ چٻاڙي انهيءَ ٻار کي ڪارائيندا ۽ برڪت جي دعا ڪندا هئا. حضور ﷺ جن پنهنجن دوستن انصارن سان ملڻ ويندا هئا ۽ سندن ٻارڙن تي بہ سلام ورائيندا ۽ انهن جي مٿڙن تي هٿڙا گهمائيندا هئا. پاڻ حضرت امام حسن رضي الله عنه ۽ حضرت امام حسين رضي الله عنه کي پنهنجي پُٺيءَ مبارڪ تي ڪڻندا ۽ چاڙهيندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن اُٺ وانگي ٻانبڙا تي هلندا هئا. جيئن صاحبزادا خوش ٿين ۽ پاڻ مرڪي چوندا هئا تہ واه واه! اوهان جو اُٺ ڏاڍو چڱو آهي ۽ اوهين ڏاڍا چڱا ٻيلهہ سوار آهيو. هڪڙي دفعي پاڻ نماز ۾ سجدو پئي ڪيائون تہ حضرت امام حسن رضي الله عنه سندن مٿان چڙهي ويٺو. پوءِ پاڻ سجدي ۾ ايتري دير ڪيايون، جيتر صاحبزادو پاڻهي پنهنجي مرضيءَ سان لٿو. حضور ﷺ جن نيڪ ماڻهن کي سندن اخلاق موجب تعظيم ڏيندا هئا ۽ شريف ۽ شان وارن تي گهڻو احسان ڪندا هئا. پاڻ پنهنجن ننڍن وڏن، پراهن ويجهن مائٽن کي عزت ڏيندا هئا. انهن سان هميشه مائٽي ڳنڍيندا هئا. مگر پنهنجن مائٽن کي بہ ڪنهن ٻئي افضل ۽ زور ڀلي ماڻهوءَ کان وڌيڪ نہ ڄاڻندا هئا. پاڻ پنهنجي ڏاڏنگ بني هاشم کي عزت ڏيندا هئا. حضور ﷺ جن حضرت عباس رضي الله عنه تي تمام وڌيڪ مهربان هئا ۽ حضرت عباس کي اهڙي عزت

ڏيندا هئا. جهڙي پٽ عزت ڏئي پيءَ کي! جيڪڏهن حضور ﷺ جن کان کو مسافريءَ لاءِ موڪلائيندو هو ته پاڻ موڪلائڻي مهل هي الفاظ چوندا هئس: تنهنجو دين، تنهنجي امانت ۽ تنهنجن عملن جا نتيجا الله تعاليٰ جي حوالي ڪريان ٿو. پاڻ جيڪڏهن نماز پڙهندا هئا ۽ ڪو سندن لاءِ اچي ويهندو هو ته نماز ڊگهي نه ڪندا هئا. نماز جلدئي پوري ڪري پوءِ اُن شخص ڏي منهن ڪندا هئا ۽ پڇندا هئس ته تنهنجو ڪو ڪم آهي؟ جيڪڏهن هن جو ڪو ڪم هوندو ته اهو لاهي، پوءِ وري نماز شروع ڪندا هئا. پاڻ آئي جي آڌر ڀاءُ ڪندا هئا. بعضي بعضي ته پنهنجو ڪپڙو به انهيءَ کي وڇائي ڏيندا هئا. اگرچه انهيءَ سان ڪا مائٽي يا ٿج شريڪائي نه به هوندي هين. وٽن جيڪڏهن ڪو نئون ماڻهو ايندو هو ته پنهنجو وهاڻو ڪڍي ان کي ڏيندا هئا. پر جيڪڏهن هو انڪار ڪندو هو ته زور ڪري به قبول ڪرائيندا هئس. حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه فرمايو ته مون سچا ڏهه ورهيه حضور ﷺ جن جي خدمت ڪئي، مگر پاڻ ڪريمن مون کي ڪڏهن رڳو اُف به ڪانه چئي ۽ جيڪڏهن ڪو ڪم ڪري ايندو هوس ته ڪڏهن به مون کي ائين ڪونه چوندا هئا ته اِهو ڇو ڪيئي، جيڪڏهن ڪو ڪم ڦٽو ڪري ويندو هوس ته ڪڏهن به مون کي نه چيائون ته ڇو ڦٽو ڪيئي؟ ساڳيو حضرت انس رضي الله عنه فرمائي ٿو ته آءٌ اٺين ورهيه جو هوس ته حضور ﷺ جن جي خدمت چاڪري لاءِ حضور ۾ حاضر ٿيو هوس ۽ سچا ڏهه سال سندن حاضريءَ ۾ رهيس، مگر قربان وڃان سندن قربن تان، پاڻ ڪريمن، قرب وارن ڪڏهن به مون کي ڪنهن ڪم تان نه جهڻڪيو. پر جيڪڏهن ڪو حويلي جي ماڻهن مان مون کي ڪٿي جهڻڪيندو به هو ته پاڻ فرمائيندا هئا ته ”نه چئوس ڇڏي ڏيوس، جيڪڏهن اهو ڪم ٿيڻو هجي ها ته ٿي پوي ها.“

ساڳئي حضرت انس رضه کان روايت آهي: فرمايو حضرت انس رضه ته هڪڙي ڏينهن آءٌ حضور ﷺ جن سان گڏ پئي ويس ۽ ڪين هڪ نجراني چادر ڍڪيل هئي، جنهن جا پلوَ ٿلها ۽ کُهرا هئا. اوچتو ڪين

هڪڙي اعرابي (ٻهراڙي جي ماڻهو) انهيءَ چادر کان وٺي هڪ سخت ڇڪ ڏني، جنهنڪري سندن ڪلهي مبارڪ تي ڏنو تي بيٺو. اُهو اعرابي ڇڪ ڏئي چوڻ لڳو: اي محمد عليه الصلوات! مون کي ڪجهه ڏيار؟ حضور ﷺ جن ڏانهنس نهاري مرڪي ڏنو ۽ حڪم ڪيائون ته هن کي راضي ڪريو. حضور ﷺ جن طبعيت جا سدا بهار ۽ کِلڻا هوندا هئا نه دل جا ڪنور ۽ سخت.

اُم المومنين (مومنن جي ماءُ) بيبي عائشه رضي الله تعاليٰ عنها کان روايت آهي ته حضور ﷺ جن هميشه حياءَ وارا ۽ شرميلا هوندا هئا ۽ نه بازارين ۾ ڪڏهن وڏي واڪي سان ڳالهائيندا هئا ۽ نه بڇڙائيءَ جو عوض بڇڙائي سان ڏيندا هئا. ڏوهاري کي معافي ڏيندا ۽ چشم پوشي ڪندا هئا. حضرت امام غزالي رحمة الله عليه پنهنجي ڪتاب "احياء العلوم" ۾ لکيو آهي ته توريت ۾ حضور ﷺ جن جي تعريف هنن لفظن ۾ لکيل آهي: مُحمّد (ﷺ) الله تعاليٰ جو رسول منهنجو نيڪ ٻانهو آهي، نه دل جو سخت ۽ ڏاڍو، ۽ نه بازارين ۾ بلند آواز سان ڳالهائيندڙ، ۽ نه بڇڙائي جو عوض بڇڙائي سان ڏيندڙ، بلڪ ڏوهاري کي معافي ڏيندڙ ۽ چشم پوشي ڪندڙ آهي، سندس ڄم جي جاءِ مڪي ۽ لڏي وڃي رهڻ جي جاءِ مديني ۾ ۽ سندس حڪمراني شام ۾ هوندي، گوڏ ٻڌندڙ هوندو ۽ ساڻس گڏ قرآن پاڪ ۽ علم جا حافظ ۽ مشنري (واعظ) هوندا. هٺ پير ڌوئيندڙ هوندو. اهڙيءَ طرح سندن تعريف انجيل ۾ به آهي. پاڻ ڪنهن تي ظلم نه ڪندا هئا ۽ نه ڪنهن کي ماريندا هئا. اگرچه ڪنهن مار جهڙو ڪم به پلي ڪٽي ڪيو هجي، ڪو ماڻهو ڪو ڏوهه ڪري، جيڪڏهن وٽن معافي گهرندو هو ته پاڻ هڪدم معافي ڏيندا هئا. ڪهڙو به ڏوهه هوندو هو. جيڪڏهن ڪو بدبخت حضور ﷺ جن کي ايذائيندو يا اهنج رسائيندو هو ته پاڻ چشم پوشي ڪندا هئا ۽ زبان مبارڪ سان هي لفظ فرمائيندا هئا. "الله رحمت ڪري منهنجي ڀاءُ موسيٰ تي، جنهن کي مون کان وڌيڪ تڪليفون رسيون، مگر صبر ڪيائين." جيڪڏهن جائز راند سندن اڳيان گذرندي هئي ته پاڻ ڏسندا هئا ۽

جيڪڏهن ڪو بدبخت ڪين سخت لفظن سان گهٽ - وڌ چوندو هو ته پاڻ سهندا هئا ۽ ڪو به عوض ڪونه وٺندا هئا. جيڪڏهن حضور ﷺ جن کي ڪو ماڻهو ڪنهن جي به حق ۾ بددعا (پِٽَ) لاءِ استدعا ڪندو هو ته پاڻ هرگز ڪنهن کي ڪين پٽيندا هئا. بلڪ هٿئين چڱي دعا ڪندا هئا. پاڻ سونهارن ڪڏهن به ڪنهن پنهنجي بيبي يا خادم (نوڪر) وغيره کي پنهنجن هٿن سان مار نه ڪيي، مگر جهاد (ڪافرن سان جنگ) ۾ ڪافرن کي ماريائون. حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته پاڻ سونهارن کي جيڪڏهن ڪو نوڪر ڪاوڙائيندو هو ته حضور ﷺ جن فرمائيندا هئا: جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن عوض ڏيڻ ۽ حساب ڪتاب جو ڊپ نه هجيم ها ته هوند هن ڏندڻ سان مار ڪيانءِ ها. جڏهن ته احد جي جنگ ۾ ڪافرن سندن ڏند مبارڪ شهيد ڪيا ۽ منهن مبارڪ تي ڌڪ لڳن، تڏهن اصحابن سونهارن کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ سيني عرض ڪيو ته سائين! جيڪڏهن ڪافرن کي پٽيو ته چڱو. پاڻ فرمايائون ته مون کي رب تعاليٰ دنيا ۾ نه پيدا ڪيو آهي پٽيندڙ ۽ نه لعنتون وجهندڙ، پر آءٌ دنيا ۾ مخلوق خدا جي حق ۾ چڱي دعا ڪندڙ ۽ خاص رحمت تي آيو آهيان. خدايا تون منهنجي قوم کي هدايت ڏي، چو ته اِهي مون کي نتا سڃاڻن ۽ نتا ڄاڻن! حضور ﷺ جن ڪڏهن به پنهنجي نفس جي خاطر ڪاوڙ نه ڪئي ۽ نه پنهنجي نفس جي پاران ڪنهن کان به ڪڏهن پلؤ يا عوض ورتئون. پاڻ ڪاوڙ تڏهن ڪندا هئا. جڏهن ڏسندا هئا ته الله تعاليٰ جون عزت واريون شيون ٿيون بي عزت ٿين، پوءِ سندن ڪاوڙ کي ڪو ڪو نه هٽائي سگهندو هو. جيسين حق پورو نه ٿيندو هو. ڪين جڏهن معمولي طرح ڪاوڙ ايندي هئي ته پاڻ منهن ڪٽي پاسي ڪندا هئا. ويجهو. پراهون، هيٺو ۽ ڏاڍو حق جي ڳالهه ۾ وٽن برابر ۽ هڪ جهڙو هوندو هو. حضرت امام حسن رضي الله عنه کان روايت آهي: امام حسن رضي الله عنه چيو ته مون پنهنجي پيءُ کان حضور ﷺ جن جي هلت چلت بابت پڇيو ته پاڻ سونهارا پنهنجن رفيقن سان ڪيئن هلندا هئا؟ بابي سائينءَ فرمايو ته پاڻ سڳورا هميشه منهن ۾ خوش ۽ خليق، صحبت جا نرم هوندا هئا، پاڻ دل جا سخت

۽ طبعيت جا شوخ ۽ زبان دراز يا بد سخن ۽ ماڻهن جا عيب ڳوليندڙ بلڪل ڪين هئا. جا ڳالهہ سندن طبعيت کي نہ وڻندي هئي تنهن کان چشم پوشي ڪندا هئا. جو وٽن ڪا اُميد رکي ايندو هو تہ نااُميد ٿي نہ موٽندو هو. ٽن ڳالهين کان پنهنجي نفس کي بچائيندا هئا: رياءُ (ڏيکاءُ) ڦوند، اجايو ۽ بي مطلبو ڪم ڪرڻ ۽ ٽن ڳالهين کان ماڻهن کي بچائيندا هئا: ڪنهن کي بڇڙو نہ چوندا هئا نہ ڪنهن جو عيب ڳوليندا هئا ۽ نہ ڪنهن جي اُگهاڙ جي جاچ ڪندا هئا. ثواب جهڙي ڳالهہ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ڳالهائيندا هئا. پاڻ سونهارا جڏهن وينا گفتگو ڪندا هئا تہ سندن مجلسي اصحاب سونهارا ڪنڌ هيٺ ڪيو وينا هوندا هئا. اهڙيءَ طرح جو ڄڻ سندن مٿن تي پکي وينا آهن. پوءِ جڏهن پاڻ ڳالهہ پوري ڪندا هئا، تڏهن اصحاب سونهارا بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪندا هئا. پر حضور ﷺ جن جي حضور ۾ اصحاب سونهارا ڪڏهن بہ ڪنهن ڳالهہ تان جهيڙو جهڳڙو نہ ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪو وٽن سندن ڳالهائڻ جي وچ ۾ ڳالهائيندو هو تہ اصحاب سونهارا انهي کي جهليندا هئا، ۽ سيڪو ڏار ڏار وٽن ڳالهائيندو هو. جيڪڏهن ڪو گڏيل ڪم وٽي ايندا هئا تہ هڪڙو انهن منجهان ڳالهائيندو هو. جنهن ڳالهہ تان اصحاب سونهارا کلندا هئا يا عجب وٺندا هئا ۽ اُهو ڪم يا ڳالهہ برابر کلڻ يا عجب جهڙي هوندي هئي تہ پاڻ بہ انهن سان گڏجي کلندا ۽ عجب وٺندا هئا. ائين نہ تہ مدمغ ٿيا وينا هوندا هئا يا پنهنجن صحبتين رفيقن جي اڳيان يا انهن سان گڏ کلڻ يا عيب سمجهندا هئا، هرگز نہ. جيڪڏهن ڪو مسڪين يا مسافر ڪا ڏانهن ڪٽي ايندو هو تہ پاڻ ان جي ڳالها ڪن لائي ٻڌندا هئا ۽ سوال ان جو چڱيءَ طرح سُڻندا هئا. جيئن تہ سندن حاضري ۾ رهندڙ اصحاب سونهارا انهي جو ڪم پورو ڪري ڇڏيندا هئا. پاڻ فرمائيندا هئا تہ جڏهن ڪو ضرورت مند ڏسو تہ انهي سان نرم ٿي هلو، ۽ سندس ڪم جي پورائي جي ڪوشش ڪريو. پاڻ ڪنهن جي تعريف نہ ٻڌندا هئا، مگر جيڪو احسان جي سچي ۽ واجبي تعريف ڪندو هو. پاڻ ڪنهن کي بہ ڳالهائڻ کان نہ جهليندا هئا، جيسين هو حد کان نہ لنگهندو هو. جيڪڏهن حد کان لنگهندو هو تہ پوءِ پاڻ

جهليندا هئا يا اُٿندا هئا، جنهنڪري هو ڪٿي ڳالهه پوري ڪندو هو. حضور ﷺ جن مسڪينن جا دوست غريبن جا يار هئا. جيڪڏهن ڪو غريب ۽ سُجو هوندو هو ته غريبت ۽ سُڄائي جي ڪري انهيءَ کي گهٽ ڪين سمجهندا هئا. پاڻ دنيا ۾ ائين گذاريندا هئا، جيئن ڪو واٽ واهو پرديسي مسافر گذاري. ڪين ڪاڌي پيتي لاءِ جيڪي موجود تي ملندو هو ته بسم الله ڪري کائيندا هئا ۽ کائي پوءِ ڏيندڙ ڏاتار جو شڪر ڪندا هئا، ۽ ڪڏهن به ڪنهن سادي ڪاڌي مان وِيڪ يا عيب نه ڪڍندا هئا. جيڪي ملندو هون سو کائيندا هئا، جتي ايندو هون اُتي سمهندا هئا. جيڪڏهن ڪو هنڌ بسترو نه هوندو هو ته زمين تي ئي ليٽي پوندا هئا. پاڻ اڪثر هئين فرمائيندا هئا:

كُنْ فِيْ الدُّنْيَا كَانَّكَ غَرِيْبٌ اَوْ عَابِرُ سَبِيْلٍ

(دنيا ۾ ائين گذار، جيئن ڪو مسافر پرديسي يا واٽ واهو.)

سندن طبعيت ۾ نياز ۽ نِوڙت ڏاڍي هئي. پاڻ جڏهن کائڻ ويهندا هئا ته غريبن مسڪينن وانگي ويهي کائيندا هئا. ٽيڪ ڏئي يا ڪرسي ميز تي ڪونه کائيندا هئا. فرمائيندا هئا ته آءٌ به خداوند پاڪ جي ٻانهڙن مان هڪ ٻانهڙو آهيان، ۽ ٻانهن وانگي ويهي ٿو کاوان. ڪين ڪير، مِناڻ ۽ گوشت اڪثر پسند هو. ۽ پاڻ ساڄي هٿ سان کائيندا هئا ۽ ساڄي هٿ سان سيڪو ڪم ڪندا هئا. مگر استنجا ۽ نڪ صاف ڪرڻ، اهي ٻئي ڪم کاٻي هٿ سان ڪندا هئا. جنهن شيءِ ۾ ڪا تکي ٻانس هوندي هئي جهڙي ڪچي ٿوم يا ڪچو بصر ته پاڻ ڪين کائيندا هئا. ڏندڻ سان سندين ڏاڍي دل هوندي هئي، ڇو ته پاڻ سنائي ۽ صفائي کي پسند ڪندا هئا. پاڻ مڪلف ۽ ٺٺ واريون شيون ڪين پسند ڪندا هئا، مگر خوشبو ۽ سُرهاڻ ڏاڍي وڻندي هُين. پاڻي پيئڻ وقت ٽي ساهيون ڪڍندا هئا. ڪين منو ۽ ٿڌو پاڻي پسند هوندو هونِ. سندن پيالو ڪاٺ جو هوندو هو، جنهن ۾ هڪ زنجيري لوهه جي پيل هوندي هئي، پاڻي اڪثر انهي پيالي ۾ پيئندا هئا. کائڻ کان اڳ به، پوءِ به هٿ ڌوئندا هئا. پاڻ کائڻ مهل بسم الله پڙهندا ۽ بس ڪرڻ مهل هي لفظ چوندا هئا:

اَلۡحَمۡدُلِلّٰهِ الَّذِيۡ اَطۡعَمَنَا وَ سَقَانَا وَجَعَلَنَا مِنَ الۡمُسۡلِمِيۡنَ

(ساراهه آهي انهي مولا سائين جي، جنهن اسان کي کارايو پياريو ۽ مسلمانن مان پيدا ڪيو.)

پاڻ گهڻو ڪري گِرهه پنجن آڱرين سان کڻندا هئا. جنهن مان معلوم ٿيندو هو ته کڻي ٿورو ٿي کائڻو آهي، ۽ پاڻ کائڻ مهل اڪثر اوڪڙون ويهي کائيندا هئا. ۽ فرمائيندا هئا ته آءٌ هن طرح انهي ڪري ٿو کان، جو نوڪر ۽ ٻانهان انهيءَ طرح کائيندا آهن. ڇالاءِ ته انهن کي هميشه پنهنجي ڌڻيءَ جو خيال رهندو آهي، سو آءٌ به انهي ڪري ائين کانوان ٿو ته متان مالڪ جو سڏ ٿئيم ته جلد اوڏاهين وڃان. ٻه - ٽي گرهه جيڪي کانوان ٿو سو رڳو حياتي ۽ قوت گذران لاءِ نه پيٽ ڀرڻ لاءِ.

حضور ﷺ جن کي جيڪڏهن ڪا مشڪل پيش ايندي هئي ته پاڻ نماز پڙهڻ شروع ڪندا هئا. ۽ فرمائيندا هئا ته انسان سجده ۾ پنهنجي مولا سان اوڏڙو پيش ٿو ٿئي. پاڻ هرحال ۾ پنهنجي مولا جو ذڪر فڪر ڪندا هئا. کائڻ پيئڻ، اُٿڻ ويهڻ، سمهڻ جاڳڻ، مسجد ۾ وڃڻ ۽ مسجد مان نڪرڻ، گهر ۾ وڃڻ، گهر مان نڪرڻ، بلڪ جاءِ ضرور ۾ وڃڻ وقت به الله تعاليٰ کي نه وساريندا ۽ هيٺين چوندا هئا:

اَللّٰهُمَّ اَعُوۡذُبِکَ مِنَ الۡخُبۡثِ وَ الۡخَبَائِثِ

(خدايا، گندگي ۽ غلاظتن کان بچائينم.)

مطلب ته ڪنهن به حال ۾ سندس ذڪر فڪر کي نه ڇڏيندا هئا. سندن سمهڻ، جاڳڻ ۽ اُٿڻ ويهڻ سڀ عبادت هو. شاهه ڀٽائيءَ چيو آهي "سُتائي جاڳن، ننڊ عبادت جن جي." پاڻ سيني اڳين نبين جي عزت رکندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته:

لاَ تُفَضِّلُوۡانِيۡ عَلٰي يُوۡنُسَ

(مون کي رڳو حضرت يونس عليه السلام کان به وڌيڪ وڏو نه سمجهو.)

سندن پرهيزگاري اهڙي هوندي هئي، جو جڏهن عورتون سندن خدمت ۾ بيعت (مجوتي) ڪرڻ اينديون هيون ته پاڻ ڪڏهن به ڪنهن عورت جي هٿ ۾ هٿ نه ڏيندا هئا، بلڪ پاڻيءَ جو پيالو پرائي رکندا هئا. انهيءَ ۾ پاڻ به هٿ ٻوڙيندا هئا ۽ بيعت ڪندڙ عورت به هٿ ٻوڙيندي هئي. انهيءَ طرح عورتن جي بيعت وٺندا هئا*. پاڻ ڏاڍا حضور شرم هئا. حياءَ ايترو هئن، جو ڪنواري ڇوڪريءَ کان به وڌيڪ. انهيءَ ڪري پاڻ رحم ۽ ٻاجهه جا صاحب هئا. پاڻ پنهنجن ٻارن ٻچن سان منصف ۽ عادل تي گذاريندا هئا. سندن نوَ (9) بيبيون هيون، مگر سڀني کي پاڻ راضي ۽ خوش رکندا هئا ۽ هڪ جهڙو پائيندا هئا، جو ڪو انسان هوند ڪري نه سگهي. مگر پاڻ اهو نمونو دنيا کي ڏيکاريائون ۽ اهڙي تعليم به ڏنائون ته گهر ۾ هن طرح انصاف سان هلجي. پاڻ ڳالهائڻ جا اهڙا ته فصيح ۽ بليغ هئا، جو عرب جا وڏا وڏا قابل متن حسد ڪندا ۽ ڪائٺن سڙندا هئا. حضور ﷺ جن سخي به اهڙا هئا جو اڄ تائين نه ڪو ٿيو نه ڪو ٿيندو. سڄي دنيا کي معلوم آهي ته پاڻ انهي ملڪ جا ڇا بلڪ ڪيترن ٻين ملڪن جا به بادشاهه ٿي چڪا هئا، پر سڄي عمر فقيريءَ ۾ گذاريائون، سڀ مال دولت ۽ ساري ملڪيت الله جي نالي تي ڏيندا هئا. اڄ ڪو اهڙو بادشاهه يا سخي ڪونهي جو فقير هجي ۽ بادشاهي ڪري. پاڻ پهرين درجي جا عادل هئا. الله تعاليٰ جي حڪمن موجب جيڪڏهن ڪنهن تي ڪا سخت کان سخت سزا ٿيندي هئي ته پاڻ عدل جي سببان پوئتي ڪين پوندا هئا، اگرچه سزا جي لائق ڪو پلي سندن عزيز هجي. پاڻ همت جا اهڙا قوي ۽ اهڙا مستقل مزاج هئا، جو هزارن دشمنن مخالفن هوندي به پاڻ اڪيلا گهمندا وتندا هئا. ڪنهن جي به پرواه نه رکندا هئا، هڪ خداوند قدوس تي توڪل هوندي هئن. پاڻ کي پنهنجي پيغمبري واري دعويٰ ۾ سچو سمجهندا هئا: يقين هوَن، ته خدا مون کي پيغمبر ڪيو آهي، تحقيق آءٌ

* هن وقت جا پير ۽ مرشد، جو مائٽهن جي گهرن ۾ وڃو مريدن جي زالن کي پيرين پوڻ ڏيندا آهن، پاڻ انهن جي مٿي تي برڪت جا هٿ گهمائيندا آهن ۽ ستر ۽ پرده جي برخلاف زالن کي ڏسندا آهن، سو سڀ خلاف شرع ۽ حرام آهي.

پيغمبر آهيان، ضرور مون تي وڏو فرض رکيل آهي ۽ پڪ فتحمند ۽ ڪامياب ٿيندس. جهڙيءَ طرح ٻين تي فرض هو: الله واحد جي وحدانيت ۽ رسول جي رسالت تي ايمان آڻڻ، اهڙيءَ طرح پاڻ به پاڻ تي فرض سمجهندا ۽ ڪلمو شريف لا اِلٰهَ اِلا الله مُحمّد رسول الله ﷺ پڙهندا هئا. پاڻ امانت ۽ ديانت ۾ اهڙا ته مشهور هئا، جو ننڍي هوندي کان ئي ساري عرب جا ماڻهو کين امين سڏيندا هئا. مطلب ته حضور ﷺ جن ۾ اُهي اُهي اعلىٰ اخلاق ۽ ڪريمانه عادتون هيون، جو دنيا ۾ بني آدم جي ڪنهن به فرد بشر ۾ اول کان وٺي آخر تائين نه هيون، نه لڀنديون. ڪنهن به اُمت کي اهڙو غمخوار نبي، ڪنهن به اولاد کي اهڙو پيار ڪندڙ پيءُ، ڪنهن به ٻيبيءَ کي اهڙو خوش اخلاق خاوند، ڪنهن به رفيق کي اهڙو سچو شفيق ۽ رفيق، ڪنهن به شاگرد کي اهڙو مشفق اُستاد، ڪنهن به مريد کي اهڙو مهربان مرشد ڪنهن به گمراهه کي اهڙو رهبر ۽ هادي، ڪنهن به ملڪ کي اهڙو منتظم بادشاهه. بلڪ ساري دنيا کي اهڙو فائق فاتح ڪڏهن به نصيب نه ٿيو هوندو نه ٿيندو.

اللهم صل علىٰ سيدنا سيد ولد آدم حضرتنا هادي سڪان عالم وعليٰ آلہٖ واصحابہ وبارڪ وسلم

حضور ﷺ جن جي اخلاق جو تفصيلوار ذڪر

اسان مٿي حضور انور ﷺ جا اخلاق مجمل ذڪر ڪيا آهن، اگرچه هي دعويٰ ڪرڻ ته حضور ﷺ جن جي اخلاق پاڪ جو تفصيل ڏئي سگهجي ٿو، سو ساري دنيا جي واريءَ جي داڻن ڳڻڻ جي برابر آهي، مگر تاهم "مشتي از خروار و نمونه از انبار" ڪجهه تفصيل سان ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو.

حضور ﷺ جن جي نهنائي ۽ نرمي

حضور ﷺ جن حد کان وڌيڪ نرم مزاج ۽ نهنا طبع جا هئا. گهڻو ڪري ماٺ ۾ گذاريندا هئا. دنيا جون ڪيتريون به تڪليفون ۽

آزمائشون متن ايندڙيون هيون ته به مُنهن مبارڪ ڪڏهن ڪين گهنجائيندا هئا. اميرالمؤمنين حضرت عمر رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور ﷺ جن فرمائيندا هئا ته منهنجي بي انداز ۽ وڏاءُ سان تعريف نه ڪريو. جيئن نصارا حضرت عيسيٰ عليه السلام جي وڏاءَ سان تعريف ڪري ڪيس خدا جو پٽ چئي گمراه ٿيا. آءٌ خدا جو ٻانهون آهيانوَ مون کي فقط خدا جو بندو ۽ رسول الله سمجهندا ۽ چوندا ڪريو. سندن نهٺائي ۽ نرمي اهڙي ته اثر واري هئي، جو سندن پاڙي وارا ڪين ڇڏي ۽ لڏي وڃي ٻئي هنڌ گذارڻ هرگز پسند ڪين ڪندا هئا. ڪنهن به ڪم لاءِ وٽن ڪوبه غريب يا غني ايندو هو ته پاڻ انهيءَ سان گڏجي وڃي اهو ڪم پورو ڪري ايندا هئا. واجبي ڳالهه ڪير به ڪندو هو، اگرچه غلام يا مسڪين ڪندو هو ته پاڻ انهيءَ جي قبول ڪرڻ ۽ مڃڻ ۾ هٺ يا وڏائي نه ڪندا هئا. پاڻ صبح جي نماز پڙهي واندا ٿيندا هئا ته عام طرح پڇا ڪندا هئا ته ”ڪو بيمار هجي ته آءٌ مزاج پرسي ڪرڻ وڃانس يا ڪنهن جو قضيو ٿيو هجي ته جنازه نماز وڃي پڙهان يا ڪنهن ڪو خواب ڏٺو هجي ته آءٌ تعبير ڪري ڏيانس.“

حضور ﷺ جن زمين تي ئي ويهندا هئا ۽ زمين تي ئي ڪاڌو ڪائيندا هئا. ڪيترن نوڪرن هوندي به ٻڪريون پاڻ وڃي ٻڌندا هئا. جيڪڏهن ڪو غريب سندن دعوت ڪندو هو ته انهيءَ وٽان اڻ ڇٽيل جَوَن جي اٽي جي مانڙي کائي، ڏاڍا خوش ٿيندا هئا. جن مسڪينن، محتاجن ۽ اپاڙن کي ڪو پڇندو ئي ڪونه هو، تن جي خدمت پاڻ ڪندا هئا. غريب ۽ ضعيف ماڻهن وٽ پاڻ پنڌ ڪري ويندا هئا ۽ وڃي انهن سان ملاقات ڪندا هئا. غريب بيمارن جي خدمت ڪندا هئا. اخلاق واري انسان جي حضور ﷺ جن ڏاڍي عزت ڪندا هئا. پاڻ اهڙا ته طبعيت جا سادا هوندا هئا، جو جيڪڏهن ڪوبه ڪين ٻانهن کان وٺي ڪاڏي وٺي ويندو هو ته پاڻ خوشيءَ سان هليا ويندا هئا. ابوعقيل رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور ﷺ جن وٽ هڪ مائي آئي، جنهن کي پاڻ سونهارن پنهنجي چادر وڇائي، اُن

تي ويهاريو ۽ گهڻي تعظيم ڏنائونس. پوءِ معلوم ٿيو ته اُها مائي سندن، ڏج پيئڻ جي ڪري ماءُ هئي. حضور ﷺ جن پنهنجن نوڪرن کي پاڻ جهڙو پائيندا هئا. پاڻ انهن سان گڏ ويهي کائيندا هئا. انهن سان پاڻ گڏجي ويهڻ پسند ڪندا هئا ۽ هميشه رب تعاليٰ کان هي دعا گهرندا هئا:

اَللّٰهُمَّ اَحْيِنِيْ مِسْكِيْناً وَاَمِتْنِيْ مِسْكِيْناً وَاحْشُرْنِيْ فِيْ زُمْرَةِ الْمَسَاكِيْن

(خدايا جياريم مسڪين ڪري، ماريم مسڪين ڪري ۽ اُٿاريم به مسڪينن جي قطار ۾.)

پاڻ سونهارا مسڪينن جي پاڻ خدمت ڪندا هئا. پنهنجي قاتل ڪپڙي کي پاڻ ٽوپو ڏيندا هئا. گهر جو ڪم ڪار پنهنجن هٿن سان ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن گهر جي صفائي لاءِ پاڻ ئي ٻهاري ڏيندا هئا. پاڻ چتين لڳل ڪپڙا ڍڪيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته جو منهنجي سنت (طريقه) کان بيزار آهي، سو منهنجو نه آهي. پاڻ ٻڪرين يا اُٺن کي گاهه ڪٽي وجهي وجهندا هئا. نوڪرن جي اڳيان ئي ويهي اٽو ڳوهيندا هئا. بازار مان سودو سلف پاڻ وٺي ايندا هئا. حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته هڪڙي ڏينهن حضور ﷺ جن بازار ۾ وڃي گوڏ جو ڪپڙو خريد ڪيو. آءٌ حضور ﷺ جن سان گڏ هوس. مون خيال ڪيو ته اهو ڪپڙو آءٌ کڻي هلان، مگر حضور ﷺ جن مون کي هٿ به لائڻ نه ڏنو ۽ فرمايائون ته اهو ڪم شيءِ جي مالڪ جو آهي، آءٌ توکي پاڻ کان گهٽ ڇو سمجهان. آخر پاڻ اُهو ڪپڙو کڻي گهر تائين هليا آيا. حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور ﷺ جن جا اصحاب، حضور ﷺ جن جا سچا فدائي ۽ شيدائي هئا، انهيءَ ڪري جڏهن جڏهن حضور ﷺ جن کي ايندو ڏسندا هئا ته ادب سببان اُٿندا هئا، مگر حضور ﷺ جن کي انهن جو اُٿڻ خوش ڪين لڳندو هو. حضور ﷺ جن اگرچه پهرين نمبر جا متواضع (وضعدار) هئا، مگر تنهن هوندي به خداداد رعب ۽ شان به اهڙو

هون، جو ڪوبہ ماڻهو جرات ڪري پرسان بيپرواهيءَ سان لنگهي ڪين سگهندو هو. سندن مجلس حلم، حياءُ، امانت، ديانت، صبر ۽ وقار جي مجلس هئي، سندن مجلس ۾ ڪنهن جو بہ بلند آواز ڪو نہ ٻڌبو هو. سندن مجلس اهڙي سادگي سان ٿيندي هئي، جو پرديسي ۽ اڻ واقف ماڻهو سڃاڻي ڪين سگهندو هو تہ هن مجلس ۾ رسول الله ﷺ ڪهڙو آهي. ماڻهن جي تڪليف وڃائڻ لاءِ اصحابن هڪ ڏِڪي مٿاهين ٺاهي، لاچار جنهن تي ڏاڍي چئو چواءَ سان حضور ﷺ جن کي ويهڻ لاءِ راضي ڪيائون. انهيءَ ڪان پوءِ پهرين ماڻهو سڌو حضور ﷺ جن جي خدمت ۾ اچي حاضر ٿيندو هو ۽ پڇا ڪرڻي ڪانہ پوندي هيس.

حضور ﷺ جن جي بردباري ۽ تحمل

حضور ﷺ جن حد درجي جا برد بار ۽ طبعيت جا سهندڙ هئا. ڪين ڪيترو بہ ڪو ستائيندو ۽ تڪليف ڏيندو هو تہ پاڻ بلڪل سهي ويندا هئا، ۽ اُن سان وڌيڪ نرم ۽ چڱا ٿي هلندا هئا. روايت آهي تہ هڪڙي يهودي جو مٿن ڪجهہ قرض هو. سندس قرض جو مدو بہ اجا پورو نہ ٿيو هو تہ اُهو گهرڻ آيو ۽ گهرڻ ۾ گهڻي ڪجهہ سختي ڪيائين. هن جيئن جيئن سختي پئي ڪئي، تيئن تيئن حضور ﷺ جن نرمي سان جواب پئي ڏنو. آخر گهٽ وڌ ڳالهائڻ بہ لڳو. يهوديءَ جي ايتري قدر بيجا ۽ بي سبب گستاخي ڏسي، حضرت عمر رضي الله عنه کي غصو آيو ۽ هن کي ڇڙٻ ڏئي چيائين تہ جيڪڏهن تون ههڙي پاڪ مجلس ۾ نہ هجين ها تہ آءُ ٻاهر تنهنجي گردن اُڏائي ڇڏيان ها. حضور ﷺ جن حضرت عمر رضہ کي فرمايو ياعمر! ائين ڪرڻ نہ گهرجي، توکي گهربو هو تہ تون مون کي هن جي حق ادا ڪرڻ لاءِ چئين ها ۽ هن کي نرمي سان تقاضا ڪرڻ ۽ گهرڻ سمجهائين ها. جهٽڪڻ ۽ غصہ ڪرڻ مناسب نہ هو. وڃ، وڃي هن کي منهنجي پاران قرض جا پئسا ڏي ۽ تو جو ڪيس جهٽڪيو آهي، تنهن جي عوض ۾ ڪجهہ وڌيڪ ڏئي راضي ڪرينس. يهوديءَ، جو

حضور ﷺ جن جو اِهو اخلاق ڏٺو، سو حيران ٿي ويو ۽ اُتي جو اُتي ڪلمو پاڪ لا اِلهٰ اِلا الله محمد رسول الله ﷺ پڙهي مسلمان ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته مون تورات ۾ آخر زماني جي پيغمبر بابت پڙهيو آهي ته ماڻهو جيئن جيئن ساڻس سختي ڪندا، تيئن تيئن هو نرمي ڪندو. الله تعاليٰ جل جلاله به قرآن پاڪ ۾ اهڙي ئي طرح فرمايو آهي:

فَبِمَا رَحْمَةٍ مِّنَ اللّٰهِ لِنْتَ لَهُمْ ۚ وَلَوْ كُنْتَ فَظًّا غَلِيْظَ الْقَلْبِ

لَانْفَضُّوْا مِنْ حَوْلِكَ (آيت 159 - سورة آل عمران)

(هي الله تعاليٰ جي ئي مهرباني آهي جو تون انهن سان نرم آهين ۽ جيڪڏهن تيز مزاج ۽ سخت دل هجين ها ته سڀ تو وٽان ٽهي پجي وڃن ها.)

اهڙيءَ طرح ٻئي هنڌ فرمايل آهي:

لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿۱۲۸﴾ (آيت 128 - سورت التوبه)

(بيشڪ آيو اوهان وٽ اهڙو رسول اوهان مان ئي، جو اوهان جو ڏکيو گذارڻ، هن کي ڏکيو لڳندو آهي، اوهان جي چڱائي بابت هو مشتاق آهي. مومنن تي مهربان ۽ ٻاجهارو آهي.)

اهڙيءَ طرح وري ٻئي هنڌ به قرآن پاڪ ۾ ارشاد ٿيل آهي:

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۰۷﴾ (آيت 107 - سورة انبياء)

(اي پيغمبر! اسان توکي دنيا جي رحمت ڪري، دنيا ۾ موڪليو آهي.)

جيڪڏهن ڪو شخص بيخبريءَ ۾ ڪو ڏوهه ڪري وجهندو هو ته پاڻ اُن کي نرميءَ سان سمجهائيندا هئا. روايت آهي ته هڪڙو ٻهراڙيءَ جو ماڻهو مسجد نبويءَ ۾ آيو ۽ اُتي اوچتو پيشاب لڳس ته پاسو وٺي مسجد ۾ ئي لڳو پيشاب ڪرڻ. اصحاب سونهارا! ڏاڍي خفي ٿيا ۽ ارادو

ڪيائون ته هڪل ڏئي ان کي روڪين، مگر آنحضرت ﷺ سمجهي ورتو، سو حضور ﷺ جن اصحابن کي اشاري ۽ نرميءَ سان فرمايو ته ڇڏيوس، نه جهليوس، پيشاب نه روڪيوس. جڏهن هو پيشاب ڪري واندو ٿيو ۽ موٽي اچي حضور ۾ وينو ته حضور ﷺ جن وعظ هن طرح فرمايو ته هي مسجدون الله جون، هن لاءِ نه آهن ته منجهن گند ڪچرو اڇلائجي يا هارجي، بلڪ هي ته خاص خداوند قدوس جي عبادت لاءِ آهن، هنن ۾ عبادت ئي ڪرڻ گهرجي.

حضور ﷺ جن جي رحم ۽ معافي ڏيڻ جي عادت

هڪڙا اُهي آهن جو هيٺائي ۽ لاچار ڪان پڇي نه سگهندا آهن، تڏهن ڪٽي معافي ڏيندا آهن، مگر ڪرو اُهو جو عوض وٺي به سگهي، تنهن هوندي به ڏوهاري کي ڪٽي معاف ڪري. حضور ﷺ جن سگهه ۽ طاقت، قدرت ۽ قوت هوندي به هميشه گنهگارن کي معاف ڪندا رهندا هئا ۽ رحم جي لائق حالت ۾ بنا دير رحم ڪندا هئا. مڪي وارن سڄا تيرهن سال حضور ﷺ جن کي، جي وقت بوقت ڏک ۽ ايذاءَ رسايا هئا، سي پڙهندڙن کان ڳجها نه هوندا. ان لاءِ راقم جو ڪتاب "حيات النبي" سوانح عمري حضور انور رسول خدا ﷺ پڙهي ڏسندا. اهي اهڙا دک- درد نه هئا جو ڪڏهن به وسرن. دشمن ڪين ڏينهن - رات بدشد ڳالهايو، رستن ۾ ڪنڊا وڇائي ڇڏيا ته اونداهي رات ۾ ڪين قدمن مبارڪن ۾ چُڀن. ڪين پٿر هنيا ويا، عبادت جي وقت مٿن گندگي اُڇلائي وئي، ڪيترن سندن ساٿين کي بيگناهه ايذايائون، ستايائون، قتل ڪيائون. ڪيترن کي وطن کان بي وطن ڪيائون، پرديس ۾ به وڃي انهن کي تڪليفون ڏنائون. ڪيترن اصحابن جي لاشن سان بيحرمتيون ۽ بي ادبيون ڪيائون، مگر جڏهن حضور ﷺ جن کي الله تعالیٰ فتح مڪ جي وقت دشمنن تي غالب ڪيو، تڏهن مڪي وارن دشمنن پڪ سمجهيو ته اڄ سڄي عمر جي شرارتن ۽ ظلمن جو ڪيتو لوڙبو! اڄ ضرور حضرت مُحَمّد ﷺ اسان کان سڀ عوض وٺندو، اڄ ضرور اسان جي جانين جو خير ڪونهي. مگر اُن

رؤف رحيم رسول خدا جي ﷺ ساڻن اُهو ڪيو، جنهن جي انهن کي اُميد ئي ڪانه هئي. حضور ﷺ جن سيني کي هڪ هنڌ گڏ ڪري ليڪچر (وعظ) ڏنو ۽ قسمين قسمين نصيحتون ڏنيون، تنهن کان پوءِ فرمايائون، اي اهل قريش! اوهان جي ڪهڙي صلاح ۽ ڇا راءِ آهي؟ آءٌ اڄ اوهان سان ڪيئن هلان ۽ ڪهڙي هلت ڪريان؟ انهن عرض ڪيو اي اسان جا بزرگ ڀاءُ! اي اسان جي مهربان ڀاءُ جا پٽ! رحم ڪر، شفقت ڪر، درگذر ڪر، ٻاجهه ڪر، لطف ڪر، معافي ڏي ۽ بخش. تاريخ طبري وارو لکي ٿو ته جڏهن قيدين جي اها صدا ۽ استدعا حضور ﷺ جن ٻڌي، تڏهن سندس رحم ڀري دل ڀرجي آئي، پاڻ بي اختيار روئڻ لڳا ۽ فرمايائون: هائو! آءٌ اوهان سان اُهوئي برتاءُ ٿو ڪريان ۽ آءٌ اوهان سان اهائي هلت ٿو ڪريان جا منهنجي ڀاءُ نبي يوسف عليه السلام پنهنجي ڀائرن سان ڪئي هئي. ائين فرمائي پنهنجي زبان مبارڪ سان (جنهن زبان تان هزار جان قربان) اُها آيت شريف پڙهيائون، جا حضرت يوسف عليه السلام جي زباني الله تعالیٰ بيان فرمائي آهي:

لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ ۭ يَغْفِرُ اللّٰهُ لَكُمْ ۡ وَهُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿٩٢﴾

(آيت 92 - سورة يوسف)

(اوهان تي اڄ ڪا ميار ڪانهي الله جَل شانه اوهان کي بخشيندو ۽ اهو مهربانن جو وڏو مهربان آهي)

انهن جاني دشمنن اُنهن ڪنور ڪافر دل انسانن تي حضور ﷺ جن جي انهيءَ شفقت ۽ رحمت جو اهڙو اثر پيو، جو سيئي سندن هٿن مبارڪن کي چميون ڏيڻ لڳا ۽ ڪلمو پاڪ لا اِلٰه اِلا الله محمد رسول الله ﷺ پڙهندا، حلقه اسلام ۾ داخل ٿيندا ويا ۽ حضور ﷺ جن جبل صفا تي ويهي سيني جي بيعت قبول ڪندا ويا. حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته هڪڙي ڏينهن حضور ﷺ جن اسان سان ويٺي ڳالهيون ٻولهيون ڪيون، جڏهن پاڻ موچارا خير سان اُٿيا ته اسين به ساڻن گڏ اُٿياسين. پاڻ پنهنجي دولت خانه (حويلي) ڏي اُسهيا ٿي، اڃان واٽ تي ئي هئا ته هڪڙي بدو اوچتوئي اوچتو حضور ﷺ جن

جي چادر کان وٺي اهڙي ڏوه ۾ ڇڪي ڏني جو سندن گردن مبارڪ ٿي ڳاڙهي ٿي پئي ۽ اهڙو جهٽڪو آين، جو ذري گهٽ پٽ سان وڃي لڳا هئا. حضور ﷺ جن هن بدو کي ڪجهہ نہ چيو، بلڪ ڏاڍي لطافت، نرميءَ ۽ محبت سان فرمايائونس تہ ميان، تنهنجو ڪم ۾ مطلب ڪهڙو آهي؟ ڳالهہ ڪرڻ هن شخص گستاخيءَ سان چيو تہ هي منهنجا ٻہ اُٺ اَن جا ڀري ڏي، جيڪي تو وٽ آهي سو خدا جو آهي، تنهنجي پيءُ جو ڪونهي. حضور ﷺ جن اِهي الفاظ ٻڌي فرمايو: هائو، تو سچ چيو، بيشڪ جيڪي بہ مون وٽ آهي، سو نہ منهنجو آهي نہ منهنجي پيءَ جو. مگر هينئر جو تو مون کي ايذايو، آءٌ ان ايذاءَ جو بدلو تہ وٺندوسانءِ؟ اُن شخص چيو، نہ نہ. آءٌ بدلو ڪونہ ڏيندس. حضور ﷺ جن خنده پيشاني ۽ ڪليل چهره سان مرڪڻ لڳا ۽ هڪڙي شخص کي حڪم ڏنائون تہ هن جو هڪڙو اُٺ ڪجور سان، ٻيو جَوَنَ جي اَن سان ڀري هن کي ڏيو. حضور ﷺ جن پنهنجي وقت جي منافقن سان اهڙا تہ نرم ٿي هلندا هئا، جو ڪنهن بہ انسان ذات جي مجال نہ آهي جو اهڙي نرم هلت پنهنجي جانيءَ دشمنن سان ڪري سگهي.

جنگ اُحد ۾ سندن ڏند مبارڪ شهيد ٿيا ۽ رتوڇاڻ ٿي پيا، تہ بہ پاڻ سونهارن رومال سان رت بہ پئي اُگهيو ۽ هيئن بہ پئي فرمايو:

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِقَوْمِيْ وَ اهْدِ قَوْمِيْ فَاِنَّهُمْ لاَ يَعْلَمُوْنَ

(خدايا منهنجي قوم کي بخش! منهنجي قوم کي هدايت ڏي، ڇو تہ اِهي مون کي نٿا سڃاڻن.)

حضرت اُنس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ قبيلي تنعيم جا اَسي (80) جوان صبح جي وقت حضور ﷺ جن جي قتل لاءِ آيا، جي سڀ گرفتار ٿي پيا، جڏهن گرفتار ٿي حضور ﷺ جن جي حضور ۾ حاضر ڪيا ويا تہ سندن درياءُ رحمت جو جوش ۾ آيو ۽ سيني کي پاڻ سونهارن معافي ڏئي ڇڏي ڏنو.

ثمامه بن اُثال عرب جو هڪڙو رئيس هو، جنهن تي حضور ﷺ جن جا هزارين احسان هئا، تنهن ويچاري جو ٻڌو تہ مکي جا ڪفار، حضور

ﷺ جن تي ظلم تا ڪن، تنهن ڇا ڪيو جو يمامه مان اَنّ جو واپار مڪي وارن سان بند ڪري ڇڏيو. جنهنڪري ڪافرن ۾ ڏاڍو قحط اچي پيو. لاچار سيني اچي حضور ﷺ جن کي چيو ته اوهين مائٽي ڳنڍڻ ۽ مائٽن جي حقن جو وعظ ڪندا رهندا آهيو. اسين اوهان جا مائٽ آهيون. اوهان جا مائٽ بک تا مرون، ثمامه کي سمجهايو ته واپار جاري ڪري. حضور ﷺ جن يڪدم ثمامه کي لکي موڪليؤ ته واپار يڪدم جاري ڪر.

اِي ساه توتان صدقو ٿئي سردار جهان جا،
آڌار ۽ غمخوار آجها غم زدگان جا.
تون اُبر عنايت جو ۽ درياءُ ڪرم جو،
صلوات توتي، سرور سڀ انس ۽ جان جا.
رنجايو نه توڪنهن کي رنجاياءُون توکي گرچه،
اي شاهه شهنشاه زمين جا ۽ زمان جا.
ڪافر به تنهنجو رحم ڏسي ٿيا ٿي مسلمان،
اي باعث ايجاد ڪن وڪون ومڪان جا.
رحمت جي وسي شل توتي برسات رحيما،
پرتا آهيون توکي اسين سردار اسان جا.

حضور ﷺ جن جي سخاوت ۽ ڏاتاري

سخا دنيا ۾ گهڻن ئي ڪئي، جن مان حاتم طائيءَ جو نالو مشهور آهي ۽ هن ڳالهه کان به انڪار ڪونهي ته واقعي حاتم سخي هو. بيشڪ حاتم سخي هو، مگر جيتري قدر ماڻهن داستان ڪٿي ٺاهيا ۽ بنايا آهن، اوتري قدر ڳالهه نه هئي. حضور ﷺ جن جي سخاوت ۽ ڏاتاري جو هوبهو ذڪر ته مشڪل ۽ محال آهي، مگر جيترو وڏن مستند ڪتابن ۾ ڏسجي ٿو سو به حيران ڪريو ڇڏي ۽ حاتم طائي وسريو وڃي. اسين هتي ڪتاب جي مختصر هجڻ ڪري مختصر ذڪر ڪريون ٿا.

حضور ﷺ جن بلامبالغه لاثاني سخي ۽ بي نظير ڏاتار هئا. حضور ﷺ جن سخا جا سمنڊ ۽ ديا جا درياءَ هئا. حضور ﷺ جن ۾

سخا جي ھي ھڪ اھڙي صفت ھئي، جنھن جو مثال دنيا جي سخين ۾ ملي نہ سگھندو. اُھا ھيءَ تہ حضور ﷺ جن کان ڪوبہ سائل سوال ڪندو ھو تہ پاڻ جواب ۾ ڪڏھن بہ "نہ" ڪين ڪندا ھئا. جيڪڏھن اتفاق سان وٽن ڪجھہ بہ نہ ھوندو ھو تہ نماڻو ڪنڌڙو نمائي ڪٽي ماٺ ڪندا ھئا. مگر منھن ڪٽي "نہ" چوڻ ڏکيو لڳندو ھون. ڪنھن پارسي واري نھايت عمدو چيو آھي تہ:

نرفت لا بزبان مبارک کش ھرگز.
مگر بہ اشھد ان لا الہٗ الا اللہ.

گھڻا وقت تہ اھڙا بہ گذريا، جو "نہ" جي لفظ چوڻ بدران جسم مبارڪ جا ڪپڙا بہ لاھي سائل کي ڏنا ھوندائون تہ سوالي خالي نہ وڃي. قرآن پاڪ ۾ خداوندي احڪام جيڪي بہ آھن، تن سيني جي بجا آوري پھرين پھرين حضور ﷺ جن پاڻ تي فرض سمجھندا ھئا ۽ ڪري ڏيکاريندا ھئا. جڏھن تہ سوالي کي خالي نہ ڇڏڻ لاءِ قرآن پاڪ ۾ حڪم آھي تہ:

وَاَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنۡهَرۡ ۝ (آيت 10 - سورة الضحیٰ)

تڏھن حضور ﷺ جن انھي رباني حڪم جي تعميل اھڙي تہ ڪري ڏيکاري، جنھن جھڙي ڪو ڪونہ ڪري سگھندو. حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آھي تہ حضور ﷺ جن انسانذات کان وڌيڪ سخا جا صاحب ھئا. خاص طرح رمضان مبارڪ ۾ تہ سندن سخاوت ۽ ڏاتاري جي حد ۽ حساب ئي ڪونہ ھو. جيڪي گھر ۾ ھوندو ھون، سڀ الله جي واٽ ۾ ڏئي ڇڏيندا ھئا. رمضان شريف جي پڇاڙيءَ ۾ حضرت جبرئيل عليه السلام جڏھن سندن خدمت مبارڪ ۾ قرآن پاڪ جي تلقين ڪرڻ ايندو ھو تہ ڪين سخاوت جي شغل ۾ رَذل ڏسندو ھو. جو پاڻ ھوا وانگي چوٽ سخا ڪندا رھندا ھئا.

حضرت اميرالمؤمنين عمر رضي الله عنه کان روايت آھي تہ ھڪڙو شخص حضور ۾ آيو ۽ اچي سوال ڪيائين تہ يارسول الله ﷺ، مون کي ڪجھہ

ڏيار. حضور ﷺ جن فرمايو ته بابا. هينئر ته مون وٽ ڪجهه به ڪينهي جو ڏيانءِ. تون منهنجي ڪنڌي وجي قرض ڪڻ. قرض پيرڻ لاءِ آءٌ پاڻ کي ٻڌل ٿو رکان. جڏهن مون کي منهنجو مولا ڏيندو، تڏهن اُهو قرض لاهي ڇڏيندس. اتي حضرت عمر رضي الله عنه عرض ڪيو يا رسول الله، جڏهن اوهان وٽ هينئر ڪجهه به حاضر نه آهي، تڏهن اوهين ايتريقدر تڪليف ڇوٿا وٺو. اوهان تي اهڙي تڪليف الله تعاليٰ ڪانه رکي آهي! حضور ﷺ جن کي حضرت عمر رضي الله عنه جا اِهي اکر ڪين وڻيا. اِتي هڪڙي انصاريءَ عرض ڪيو، بيشڪ سخا ڪر ۽ غريبن کي ڏيندو رهه! يارسول الله، عرش جي مالڪ هوندي تنگي جو فڪر نه ڪر. حضور ﷺ جن انصاري جا اِهي لفظ ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ مرڪڻ لڳا. فرمايائون ته مون کي به اهڙو ئي حڪم آهي. حضور ﷺ جن وٽ جيڪي به ايندو هو پائي پئسي کان وٺي، لکن ڪروڙن تائين سڀ الله جي راهه ۾ ڏئي ڇڏيندا هئا. روز جو روز پورو ڪندا هئا. رات جو ذرو به حويلي ۾ بچائي نه رکندا هئا. جيڪي صبح جو ملندو هون، سو منجهند تائين ڪين رکندا هئا ۽ جيڪي منجهند کان پوءِ ملندو هون، سو رات تائين ڪين ڇڏيندا هئا. جيڪڏهن اتفاق سان ڪجهه بچي پوندو هو ڪو سائل سانجهيءَ ڏاري ڪو نه آيو ۽ رات اچي سهڙندي هئي ته پاڻ پيرين پنڌ ڪري محتاجن ۽ غريبن کي ڳولي ڦولي به وڃي ڏئي وٺي پلؤ ڇنڊي، پوءِ حويليءَ ڏي اُسهندا هئا.

هڪڙي سائل کي سوال تي پاڻ سونهارن ايترين ٻڪرين امداد ڪيون، جو جبلن جي ٻن ٽڪرين جي وچ ۾ مس ماپي سگهيون. هو ويچارو غريب اهڙو خوش ٿيو، جو ڪپڙن ۾ ئي نه پيو ماپي. تنهن وڃي پنهنجي قوم کي چيو ته ياٿرو، اوهين مان ڪري وڃي مسلمان ٿيو. حضرت مُحمّد ﷺ اوهان کي ايترو مال ڏيندو جو اوهان کي فقر فاقه جي پرواه نه رهندي ! بيشڪ حضور ﷺ جن جي غلامي، دين ۽ دنيا ۾ تونگر ۽ غني بنايو ٿي ڇڏي. هي ته عام طرح سندن سخا جو هڪ معمولي ڪرشمو هو، جو سائلن کي سوين اُٺ بخشيندا هئا. صفوان نالي هڪڙي مسڪين کي هڪ دفعي

هڪ سؤ اُٺ بخشيائون، وري ٻيو هڪ سؤ ڏنائونس، وري ٽيون هڪ سؤ ڏنائونس. اِهو حال هو حضور ﷺ جن جي سخا جو. نبوت ملڻ ۾ رسول ٿيڻ کان اڳ. هڪ ڀيري حضرت عباس رضي الله عنه کي ايترو سون ڏنائون، جو پاڻ کڻي نہ سگهيو. هڪ دفعي نوي هزار درهم حضور ﷺ جن کي مليا، جي هڪ تڏي تي ڍير ڪري رکيا ويا. پاڻ سونهارا اُٿي وراهڻ لڳا ۽ تيسين اُنهن کي نہ ڇڏيائون، جيسين سيڪجهہ غريبن کي ڏئي- واندا نہ ٿيا.

پاڻ جڏهن حنين جي لڙائي تان موٽيا هئا، تڏهن رستي ۾ غريب عربن اچي سندن دامن مان ورتو ۽ ڪين چڪڻ تاڻڻ لڳا تہ تون سخي ۽ ڏاتار آهين، اسان کي ڪجهہ ڏيار. ائين چوندي ساڻن اهڙا گستاخ ٿيا، جو سندن چادر مبارڪ ٿي چڪي ڪٽي ويا. حضور ﷺ جن اتي بيهي خنده پيشاني ۾ مرڪندڙ منهن سان انهن کي چوڻ لڳا تہ منهنجي چادر تہ ڇڏيو. جيڪڏهن مون وٽ هن جهنگ جي وڻن جيترا اُٺ هجن ها تہ اوهان سيني کي اُهي وراهي ڏيان ها ۽ اوهين مون کي انهي ڏيڻ ۾ نہ بخيل ڏسو ها، نہ سست ۽ نہ ڪوڙو. هڪ دفعي ڪِتان وٽن سونو روپو هار آيو. پاڻ انهيءَ وقت سيني کي ورهائي ڏنائون. هڪڙو بَدو (ٻهراڙيءَ جو عرب) چوڻ لڳو تہ اوهان انصاف سان تہ تقسيم ڪانہ ڪئي، حضور ﷺ جن فرمايو: ميان، خدا توکي نيڪي ڏئي، مون کان پوءِ ٻيو ڪهڙو هوندو، جو توسان عدل ۽ انصاف ڪندو. هن کي اهي لفظ ڏکيا لڳا، جنهن تي هو رسي ويو. پاڻ سونهارن پويانس ٽي ماڻهو موڪليا، جي هن کي نرمي سان وٺي آيا. بني هوازن جي قبيلي مان سجا ڇهہ هزار قيدي وٽن آيا، جن سيني کي پاڻ بخشي ڇڏيائون. مواهب واري ابن فارس کان نقل ڪيو آهي تہ جنگ حنين جي ڏينهن هڪڙي عورت حضور ﷺ جن وٽ آئي ۽ ڪين اچي اُهي ڏينهن ياد ڏياريائين، جن ڏينهن ۾ پاڻ سونهارا اِنهيءَ قبيلي ۾ ٿڃ پيئندا هئا. حضور ﷺ جن هن مائيءَ جو ڪلام ٻڌي، جيڪي انهي قبيلي وارن کان جرمانہ طور ورتو هو، سو سڀ موٽائي ڏنو ۽ تنهن کان سواءِ ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ حضور ﷺ جن هنن کي بخشيو ۽ امداد ڪيو، جو ڳڻيائون تہ پنج

لک ٿيا. هڪ دفعي هڪڙي مائي آئي، جنهن حضور ۾ هڪ چادر حاضر ڪئي ۽ عرض ڪيائين ته يا رسول الله ﷺ! هي چادر مون خاص توهان لاءِ آندي آهي، جا توهان کي ڏيکائينديس. حضور ﷺ جن کي انهيءَ وقت چادر جي گهرج هئي، پاڻ سڳورن اُها چادر وٺي ڪٽي ڏڪي. اُتي هڪڙي اصحابيءَ جو چادر حضور ﷺ جن کي ڏٺي، تنهن عرض ڪيو، يارسول الله ﷺ! چادر ته تمام عمدي آهي، اها ته ڪٽي مون کي ڏيکاءِ! حضور ﷺ جن فرمايو: هان وٺ حاضر آهي. جڏهن حضور ﷺ جن مجلس پوري ڪري خير سان روانا ٿيا ته ٻين اصحابن انهيءَ کي ملامت ڪئي ته توهي ڪم چڱو نه ڪيو. ڏنئي به ته حضور ﷺ جن کي خود چادر جي گهرج هئي، تنهن هوندي به تو گهري ورتي. خبر به هيئي ته پاڻ سونهارا ڪنهن به سوالي جو سوال رد نه ڪندا آهن. هي روايت بخاري جي آهي. حضور ﷺ جن هميشه اصحابن کي سخا ڪرڻ ۽ محتاجن جي مدد ڪرڻ لاءِ گهڻو تاڪيد فرمائيندا هئا ۽ ڪين سخا ڏاڍي وڻندي هئي.

اللهم صل علىٰ سيدنا نبيک نبي الرحمة صاحب الجود والڪرم وبارڪ عليه وعليٰ آلہٖ واصحابہٖ وسلم

حضور ﷺ جن جي امانت ۽ سچائي

حضور ﷺ جن جي پاڪ ۽ پيارن اخلاقن، عادتن ۽ گُڻن مان امانت، سچائي جو گڻ ۽ اخلاق اهڙو ته هو جو سچڻ ته سچڻ پر ڪتا ڪتا جاني دشمن به بي اختتار مڃڻ لڳندا هئا. حضرت مُحمّد ﷺ جهڙو امين ۽ سچو ٻيو ڪونه هوندو. سندن خادم ۽ اصحاب حضور ﷺ جن جي انهي اخلاق تي هميشه موهيل ۽ قربان هوندا هئا. اِهوئي سندن اخلاق ۽ اِهائي سندن صفت هئي، جا سندن پيغمبري جو شاهد ۽ گواهه هئي، ڇو ته پاڻ سونهارا ننڍي هوندي کان وٺي مشهور هئا ته امين ۽ سچا آهن. انهيءَ ڪري جڏهن پيغمبري ملين ۽ پاڻ ظاهر ڪيائون ته آءٌ رسول الله آهيان، تڏهن سمجهو ۽ سچن ماڻهن سندن مڃڻ ۾ ويرم ئي ڪانه ڪئي

۽ سندن هدايت ۽ تعليم لا اله الا الله کي اکين تي رکي، کين مُحَمّد رسول الله مڃڻ لڳا ۽ لا اِلٰهَ اِلا الله مُحمّد رسول الله صلي الله عليه وآلہٖ وسلم جو ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيڻ لڳا. باقي قلب جي ڪنورن متعصبن مغرورن فقط تعصب ۽ غرور جي ڪري سندن مڃڻ کان منهن موڙيو، نہ تہ انهي منڪرائي ۽ هنيلائي هوندي بہ کين سدا سچو ۽ امين مڃيندا ايندا هئا. جڏهن حضور ﷺ جن جي پيغمبر ٿيڻ کان اڳ ڪعبة الله جي تعمير وقت مڪي جي ماڻهن حجر اسود جي رکڻ ۾ اختلاف ڪيو هو ۽ پوءِ نهراءُ ڪيو هوائون تہ جيڪو پهريون ماڻهو حرم ۾ داخل ٿيندو، سو هي امانت ڪندو! اوچتو حضور ﷺ جن آيا تہ بي اختيار چوڻ لڳا تہ اجهو امين آيو، امين آيو! روايت آهي تہ ابوجهل جهڙو ڪٽو دشمن بہ گاهي گاهي حضور ﷺ جن کي چوندو هو تہ آءٌ توکي ڪوڙو ڪين ٿو چوان، باقي جيڪي ڳالهيون تو ڪرين انهن کي ڪوڙو سمجهان ٿو. هڪ دفعي هڪڙي شخص اخنس بن شريق جنگ بدر جي ڏينهن ابوجهل کي چيو تہ يا ابالحڪم، هتي توکان ۽ مون کان سواءِ ٻيو ڪونهي، سچ چئو تہ مُحَمّد (ﷺ) سچو آهي يا ڪوڙو؟ ابوجهل ورنديءَ ۾ چيس تہ قسم آهي تہ مُحَمّد (ﷺ) برابر سچو آهي ۽ ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهايو اٿس. هرقل بادشاهہ ابوسفيان کان پڇيو هو تہ چا نبوت ملڻ کان اڳ بہ اوهين مُحَمّد (ﷺ) کي ڪوڙو ڪوٺيندا هئا؟ ابوسفيان چيو تہ نہ. جڏهن قريشن حضور ﷺ جن کي بلڪل تڪليفون ڏنيون ۽ کين تعصب ۽ غرور جي ڪري هرويرو ڪوڙو چوڻ لڳا، تڏهن هڪ دفعي منجهان ئي هڪ شخص نالي نفر بن الحارث قريشن کي چوڻ لڳو تہ ٻيلي ٻڌوا حضرت مُحَمّد ﷺ اوهان ۾ جڏهن ننڍو هو ۽ جوان هو تہ اوهان ۾ سڀني کان وڌيڪ راضي رهڻ وارو، سڀني کان وڌيڪ سچار ۽ سڀني کان وڌيڪ امانت دار هو. تاڪ اوهان ڪيس مٿي ۾ اڇا بہ ڏٺا ۽ پوءِ اوهان کي خداوند پاڪ جي طرفان هدايت ٻڌائڻ لڳو ۽ پاڻ کي رسول الله چوايائين، مگر اوهان ڪيس جادوگر ڪوٺيو!

لا واللّٰه ما هو بساحر

(نہ نہ قسم آهي اللّٰه جو تہ هو جادوگر بلڪل نہ آهي.)

حضرت علي رضي الله عنه هميشه حضور ﷺ جن جي وصف ڪندو هو تہ چوندو هو تہ حضور ﷺ جن ڳالهہ جا سيني ڪان وڌيڪ سچا آهن. اُم المؤمنين بيبي عائشه رضي اللّٰه تعاليٰ عنها ڪان روايت آهي تہ حضور ﷺ جن کي ڪوڙ ڪان سخت نفرت ۽ ڏڪار هئي، جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪوڙ ڳالهائيندو هو تہ پاڻ ان سان ڳالهائڻ ئي ڇڏي ڏيندا هئا. جيسين هو توبہ نہ ڪندو هو.

حضور ﷺ جن جي عام خوش اخلاقي

ڪنهن ڪنهن سان خوش اخلاق تي گذارڻ هڪ معمولي ڳالهہ آهي، مگر حضور ﷺ جن هميشه ۽ هرڪنهن سان سدا ڪلڻا ۽ خوش اخلاق تي گذاريندا هئا. ڪنهن سان جيڪڏهن ملاقات ڪندا هئا تہ پهريائين پاڻ سونهارا سلام ڪندا هئا. هرويرو اهو انتظار ڪونہ ڪندا هئا تہ پهرين اڳلو سلام ڪري. پاڻ سونهارا ڪتان لنگهندا هئا ۽ ٻارن کي ڏسندا هئا تہ ٻارن کي بہ سلام ڪندا هئا. پاڻ سيڪنهن سان مرڪندڙ منهن سان گڏبا هئا. گهَنڊ ۽ شور تہ پاڻ سڳورن ڪڏهن بہ نہ پاتو. جيڪر ڪو سڏيندو هون تہ پاڻ لبيڪ يعني حاضر چوندا هئا. پاڻ پنهنجن اصحابن سان وٽا هوندا هئا تہ ڪڏهن بہ ٽنگون ڊگهيون ڪري نہ ويهندا هئا. جنهن بہ مجلس ۾ ويندا هئا تہ ڪنهن ڪنڊ پاسي ويهي رهندا هئا. هرويرو اهو خيال ڪونہ هوندو هون تہ ڪنهن مٿاهين جاءِ تي ويهون. ڪوبہ ماڻهو جيڪڏهن ڪنهن غرض لاءِ ڪين ٻانهن ۾ هٿ وجهي وٺي ويندو هو تہ پاڻ ٻانهن بلڪل ڪين ڇڏائيندا هئا، بلڪ خوش تي ان سان هليا ويندا هئا. جيڏانهن بہ هو ڇڪيندو هو اوڏانهن حاضر- جيڪڏهن ڪي پوڙهيون ۽ محتاج زالون ڪنهن ڪم لاءِ چونديون هيون تہ بہ حاضر چوندا هئا. مديني جا ماڻهو ننڍا - وڏا پاڻيءَ جا پيالا ڀري وٺن ايندا هئا تہ حضور ﷺ جن انهي پاڻيءَ ۾ برڪت جا هٿ وجهن. سخت سردي جي موسم هوندي هئي تہ پاڻ انهن کي موٽائيندا ڪين هئا. تڏي

پاڻي ۾ به ڪٽي هٿ وجهندا هئا. هڪڙي وقت پاڻ سونهارا مسافريءَ تي ويا. ڪجهه اصحاب به ساڻ هئن. اصحاب سونهارا جڏهن ٻاڏي پچائڻ لاءِ تياري ڪرڻ لڳا ۽ سيئي ڪنهن نه ڪنهن ڪم ۾ لڳا ته پاڻ سونهارا جهنگ مان ڪاٺيون آڻڻ لاءِ وڃڻ لڳا. اصحابن گهڻو ئي عرض ڪيو ۽ وينتي ڪئي، پر پاڻ نه مڃائون ۽ فرمايائون ته الله تعاليٰ ناپسند ٿو ڪري جيڪڏهن ڪو پنهنجن دوستن ۾ وڏماڻهپائي ٿو ڪري ۽ ڪم ۾ شريڪ نٿو ٿئي. ائين چئي پاڻ ڪاٺيون ڪرڻ آسهيا ۽ ڪاٺيون ڪري آيا. وڏا ماڻهو ننڍڙن ٻارن سان کل مسخري ڪرڻ پنهنجي شان جي برخلاف سمجهندا آهن، مگر حضور ﷺ جن اهڙا ته سادا طبعيت جا هئا جو ننڍڙن ٻچن سان به کلڻ ڳالهائڻ ۽ مسخري ڪرڻ پنهنجي شان جي برخلاف نه سمجهندا هئا. پنهنجا ته پنهنجا پر پراوا ٻچا به سندن عنايتن ۽ مهربانين جي ڪري کين پنهنجو مربي ۽ ابو ڪري سمجهندا هئا. حضور ﷺ جن کي بلڪل اهو فخر نه هوندو هو ته آءٌ وڏو ماڻهو يا وڏي خاندان مان آهيان. هڪڙي دفعي هڪڙي شخص کي حضور ﷺ جن جي خدمت مبارڪ ۾ وٺي آيا. هن جو حضور ﷺ جن جو رعبدار چهرو ۽ بهادرانه شان ڏٺو، سو ويچارو ڏجي ويو ۽ بت ۾ اچي ڏڪٽي پيس. حضور ﷺ جن هن جو اِهو حال ڏسي فرمايو ته ڏڄ نه، آءٌ بادشاهه نه آهيان. آءٌ ته قريشن جي هڪ عورت جو پٽ آهيان، جا سڪل گوشت کائيندي هئي. سبحان الله ڪمال نهٺائي ڇٽبي. حضور ﷺ جن سفر ۾ سيني کان پوءِ تي هلندا هئا. جيڪڏهن هلڻ مهل هيٺان ۽ ضعيف ماڻهو ساڻ هوندا هون ته پاڻ انهن جي خيال تي آهستي آهستي هلندا هئا ۽ انڻ سگهن لاءِ دعا گهرندا هئا. حضور ﷺ جن جڏهن سفر تان موٽي خير سلامتي سان وطن پهچندا هئا ته پهرين مسجد شريف ۾ وڃي به رڪعتون نماز جون شڪرانه خاطر پڙهندا هئا. پوءِ پنهنجي نياڻي بيبي فاطمه خاتون جنت رضي الله تعاليٰ عنها وٽ ويندا هئا. تنهن کان پوءِ حرمن پاڪن وٽ تشريف فرما ٿيندا هئا. انهيءَ کان سواءِ ساري ڪتاب ۾ جيڪي به حضور ﷺ جن جا اخلاق بيان ٿيل آهن، سي سڀ خوش اخلاقي ۾ داخل آهن.

اللهم صل عليٰ سيدنا مولانا محمد صاحب الاخلاق الوسيعة و صاحب الدرجة الرفيعة وعليٰ آلہٖ و اصحابہٖ وبارڪ وسلم

حضور ﷺ جن جو عقل ۽ سياڻپ

حضور ﷺ جن کي رب تعاليٰ گهڻي کان گهڻو عقل عطا فرمايو هو. سندن اعليٰ درجي جو عقل بہ هڪ معجزو هو. حضور ﷺ جن جي عقل ۽ سياڻپ سان ڪوبہ ڏاهو، سياڻو، حڪيم ۽ فلاسفر پهچي سگهڻ جو نہ آهي. سندن واڌارا، سندن سڀ ڪماليتون، سندن عقل ڪامل ۽ اڪمل جو هڪ وڏو دليل آهن. دنيا ۾ جيترا بہ عاقل ۽ سياڻا آيا ۽ پنهنجي عقل ۽ سياڻپ جا ڪرشما اچي ڏيکاريائون، انهن مان ڪو ڪونہ اهڙو هوندو جنهن جي عقل جا ڪارناما، دنيا لاءِ ايتريقدر سڌاري ۽ فائدي جو سبب ٿيا، جهڙا حضور ﷺ جن جي عقل جا ڪارناما ڪمائتا ٿيا. گهڻو ڪري حضور ﷺ جن پنهنجي خدا داد عقل کي اخلاق نيڪ جي تعليم، بدخصلتن جي پاڙ پٽڻ، ملڪ جي انتظام ۽ خلق جي ڀلي ۾ ڪم آڻيندا هئا. هڪڙي ڏينهن هڪڙو شخص حضور ﷺ جن جي خدمت ۾ آيو ۽ اچي عرض ڪيائين تہ يا رسول الله ﷺ، مون ۾ چار بريون عادتون آهن جن مون کي ڏاڍو خوار ڪيو آهي. هڪ زنا، ٻي شراب نوشي، ٽي چوري، چوٿون ڪوڙ. انهن سڀني کي هڪدم ڇڏي نٿو سگهان. حضور ﷺ جن فرمايس تہ چڱو ڀلا ڪوڙ ڳالهائڻ ڇڏي ڏي. هن ڪوڙ جي عادت کي ڇڏي ڏيڻ سولو سمجهيو، اُتي جو اُتي ڪوڙ ڳالهائڻ کان توبهہ ڪيائين. اُتي گهر ويو، رات ٿي تہ دستوري عادت موجب شراب پيئڻ ۽ زنا ڪرڻ جي ياڙ لڳيس. گهريائين تہ اِهي ڪم ڪريان. مگر وري اُتي جو اُتي خيال آيس تہ جيڪڏهن آءٌ سڀاڻي حضور ۾ حاضر ٿيان ۽ حضور ﷺ جن مون کان انهن ڪِنين عادتن بابت پڇن تہ ضرور مون کي هائو ڪرڻي پوندي، چو تہ ڪوڙ تہ ڳالهائڻو نہ اٿم. انهيءَ ڪري حضور ﷺ جن جي بابرڪت زيارت حاصل ڪرڻ کان پوءِ بہ اِهي ڪم ڪندس

۾ حضور ﷺ جن کي معلوم ٿيندا تہ نهايت شرم جهڙي ڳالهہ چئبي. انهي خيال جي ڪري مٽيان ڪم ڇڏي ڏنائين. اهڙيءَ طرح جڏهن آڌي رات ٿي ۾ ماڻهو سڀ سمهي پيا ۽ آرام ۾ ٿيا تہ هن کي عادت موجب چوري ڪرڻ جو خيال ٿيو. پر وري بہ ساڳي ڳالهہ ياد آيس. خيال ڪيائين تہ صبح جو دربار نبوي ۾ جو ويندس اُتي چوري جي پڇا ٿي تہ ڏاڍي ڳالهہ ٿيندي، چو تہ جيڪڏهن ڪوڙ ڳالهايان تہ توبهہ ٽٽي پوندي ۽ جيڪڏهن سچ ڳالهايان تہ چوري پڌري ٿي پوندي. مال اوڳاڇڻو پوندم ۽ گرفتار بہ ٿيندس. بس انهيءَ خيال جي ڪري چوري جو خيال بہ لاهي ڇڏيائين. صبح جو حضور ﷺ جن وٽ وڃي حاضر ٿيو عرض ڪيائين. يا رسول الله ﷺ، حضور ﷺ جن مون کان اهڙي توبهہ ورتي آهي، جو بين بچڙين ڳالهين کان بہ يڪي توبهہ ڪرائي ڇڏي اٿس. ائين چئي سارو احوال عرض ڪري ٻڌايائين، حضور ﷺ جن ڏاڍا خوش ٿيا. سندن عقل ۽ سياڻپ جون ڪيتريون ڳالهيون ڪٿي ڪيتريون ڳڻجن. سندن سڀ احوال ۽ تاريخ رڳي دانشمندي آهي. ڪين اجا خير سان نبوت بہ ڪانہ ملي هئي تہ هڪ دفعي حجر اسود بابت مڪي شريف جي معزز قبيلن ۾ اچي جهڳڙو ٿيو تہ حجر اسود ڪير ڪعبة الله ۾ رکي. انهي تي ايترو جهڳڙو ٿيو جو سخت مارا ماري ۽ خونريزي ٿي پوي ها. مگر حضور ﷺ جن انهي وقت خداوند ڪريم جي ڏنل عقل سان اهڙو تہ فيصلو ڪيو جو سڀ راضي ٿي پيا. حضور ﷺ جن پنهنجي چادر مبارڪ وڇائي اُن ۾ حجر اسود رکي سڀني قبيلن جي سردارن کي فرمايائون تہ گڏجي چادر کي وٺي حجر اسود جي مقرر جاءِ تي هلي رکن. ائين ڪيائون تہ لُڙ ئي لهي پيو. هڪڙي ڏينهن هڪڙي شخص حضور ﷺ جن کي اچي دانهن ڏني تہ يا حضرت، منهنجو پاڙي وارو مون کي ڏاڍو ستائي ٿو. آءٌ گهڻو ئي آزيون نيازيون ڪريانس ٿو پيا بہ سمجهائنس تا پر هو مُڙي ئي نٿو. حضور ﷺ جن فرمايس تہ گهر وڃي گهر جا ٽڙا ٽپڙ رستي ۾ ٻاهر ڪڍ ڇڏ تہ تون لڏين ٿو. جيڪو توکان پڇي تہ چو تو ٽپڙ ڪڍين تہ ان کي چئجانءِ منهنجي

پاڙيچي مون کي ستائي تنگ ڪيو آهي، مون لاچار رسول الله ﷺ کي دانهن ڏني، جن مون کي هي حڪم ڏنو آهي. حضور ﷺ جن وٽان اِهو ارشاد ٻڌي اهو شخص گهر ويو ۽ وڃڻ شرط وڃي ٽَپڙ ڪديائين. ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن جا اچي گڏ ٿيا ۽ پڇڻ لڳس تہ هي ڇا ٿو ڪرين ۽ ڇو ٿو ڪرين؟ انهيءَ ويچاري اُهوئي جواب ڏنو جو حضور ﷺ جن کيس سمجهايو هو، ماڻهن جا اِها خبر ٻڌي، تن انهي پاڙيچي ظالم کي لعنت ملامت - ڇڻ ڦٽ ڪئي تہ نامراد! حضرت رسول الله ﷺ تائين ڳالهہ وڃي پهتي آهي تون هن کي پرچائي ويهار. هو بہ سخت شرمندو ٿيو ۽ منٿ ميڙ ڪري هن کي وڃي پرچائي سرچائي ويهاريئين.[1]

صلح حديبيہ جي وقت ڪافرن ٻين شرطن سان گڏ هڪڙو هي شرط بہ پيش ڪيو هو تہ مسلمانن مان جو شخص ڪافرن وٽ ويندو، تنهن کي هو موٽائي نہ ڏيندا ۽ جو شخص منجهائن مسلمانن وٽ ويندو تنهن کي مسلمان موٽائي ڏيندا. اصحابن سونهارن جو اهو شرط ٻڌو تہ يڪدم جوش ۾ اچي ويا ۽ چوڻ لڳا تہ يا حضرت، هي شرط تمام خراب ۽ سخت آهي بلڪل قبول ڪرڻ جهڙو نہ آهي. حضور ﷺ جن انهن کي سمجهايو ۽ فرمايائون تہ اسين هي شرط قبول ڪريون ٿا فڪر نہ آهي. ڇو تہ جو شخص اسان مان ڀڄي هنن وٽ ويندو سو ضرور ڪافر يا منافق هوندو، سو جيڪڏهن اسان مان نڪري هنن وٽ ويو تہ اتئين چڱو! اسين آئنده هن جي شر کان ڇُٽي پونداسين ۽ جو شخص ڪافرن مان نڪري اسان وٽ آيو ۽ اسان موٽائي ڏنو تہ الله تعاليٰ ڪونہ ڪو رستو ان لاءِ ڪڍي وجهندو. توڪل برخدا ڪري اسين هن شرط کي بہ منظور ڪريون ٿا. خدا جي قدرت نتيجو هي ٿيو جو ڪافرن مان هڪڙو شخص مسلمان

---

[1] ڪهڙو نہ پاڪ زمانو ۽ نيڪ انسان هئا، جن کي وري بہ شرم اچي ويو هن وقت اهڙو حال آهي جو پاڙي واري کي ڏکوئڻ ۽ ان کي تڪڻ ڏاڍ مڙسي ليکجڻ ۾ اچي ٿي جيڪڏهن ڪو ڪنهن کي پاڙي واري تي ظلم ۽ ڏاڍ ڪرڻ کان روڪي تہ اُتئين وير پرائي، سچ پڇيو تہ اهڙي مبارڪ وقت جا ظالم بہ هن وقت جي عادلن کان صد بار چڱا هئا. (مؤلف)

تي مديني ۾ اچي مسلمانن سان مليو. شرط موجب حضور ﷺ جن موٽائي ڏنو. هو سمنڊ جي ڪناري تي وڃي رهيو ۽ ڪيترن مسلمانن کي پاڻ سان شامل ڪري وڏائين ۽ ساڳيو پنهنجن ئي ڪافرن جي قافلن کي انهي رستي تي اهڙو تنگ ڪيائين، جو ڪافر لڳا واڪا ڪرڻ ته هي شخص موٽائي پاڻ وٽ گهرايو. هي اسان جو تي به اسان سان وڙهي ٿو. اسان انهيءَ شرط جي پچر ڦٽي ڪئي. حضور ﷺ جن پنهنجي عقل ۽ سياڻپ سان جيڪي به قبول ڪيو هو، اُهو سندن فائدي ۾ ئي ٿيو. الله تعاليٰ ڪين ساري دنيا جي عاقلن کان وڌيڪ عاقل ڪيو هو.

حضور ﷺ جن جي جسماني طاقت ۽ بهادري

دنيا ۾ بهادر ۽ پهلوان جسماني طاقت وارا ۽ ٻلوان گهڻا ٿيا. مگر حضور ﷺ جن جي طاقت جيڪا هئي، سا سيني کان نرالي ۽ بي انداز هئي. حضور ﷺ جن جي وقت ۾ عربستان ۾ گهڻائي زبردست پهلوان هئا، جي حضور ﷺ جن جا سخت مخالف ۽ جاني دشمن هئا. مگر حضور ﷺ جن ۾ رب تعاليٰ پهلواني ۽ بهادري سان گڏ اهڙو ڪو رعب رکايو هو، جو ڪنهن کي به همت ڪانه ٿيندي هئي، جو ڪٿي ڏانهن اک ميري ڪٽي، جي ڪٽندو هو ته اُتي ئي سَنيو پيو هوندو هو. دنيا جا پهلوان پنهنجي پهلواني نفس جي خواهش ۾ ڪم آڻيندا ۽ ماڻهن کي ڏيکارڻ ۽ واه واه لاءِ پهلواني ڏيکاريندا آهن. مگر حضور ﷺ جن ڪڏهن به پنهنجي جوانمردي ۽ بهادري کي پنهنجي نفس کي خوش ڪرڻ ۽ ماڻهن ۾ واه واه ٿيڻ لاءِ ڪم ڪونه آندو حضور ﷺ جن جڏهن به ڪا پنهنجي همت ۽ طاقت ظاهر فرمائي آهي، تڏهن ضرور خدائي خيال دل ۾ آندو اٿن ۽ راه خدا ۾ بهادري ڏيکاري اٿن. پاڻ سونهارا اهڙا ته پهلوان هئا جو ڪين پنهنجي ڪنهن به دشمن جو ڪو پڑ پولو ڪونه ٿيندو هون. پنهنجي ملڪ ۾ هيترن سارن دشمنن هوندي به ائين بي ڊپا پيا گهمندا- ڦرندا هئا، جو ڄڻ سندن ڪو دشمن ئي ڪونهي. ڪين اها بيپرواهي هڪ پنهنجي

جڃهي پهلواني سڀبان هئي، ٻي رب تعاليٰ کين بشارت بچاءَ جي ڏئي ڇڏي هئي، انهيءَ ڪري ٻه هئي - رب تعاليٰ فرمايو آهي:

وَاللّٰهُ يَعْصِمُكَ مِنَ النَّاسِ (آيت 67 - سورة المائده)

(رب تعاليٰ توکي ماڻهن کان بچائيندو ۽ پناه ۾ رکندو.)

پنهنجي مولا تي توڪل ۽ تڪيو رکڻ ۽ سندس آسري تي ڀروسو ڪرڻ ٻه وڏي بهادري ۽ همت آهي. پاڻ سونهارا همت ۽ بهادريءَ جا ڏونگر هئا. جيڪڏهن ڪنهن تي ڪِرندا هئا ته چٽ تي ويندو هو ۽ جيڪڏهن ڪو مٿان ڪِرندو هو، ته ٻه ٽڪر ٽڪر تي ويندو هو. حضرت اميرالمؤمنين علي المرتضيٰ رضي الله تعالي عنه کان روايت آهي ته جنگ بدر جي وقت جڏهن جنگ جي بازار گرم ۽ تيز ٿي، تڏهن اهڙو حال اچي بڻيو جو اسين هيڏانهن هوڏانهن ٿيو، حضور ﷺ جن جي پر ۾ اچي پناهه وٺندا هئاسين ۽ حضور ﷺ جن کي ڏسندا هئاسين ته پاڻ مڙيئي دشمن ڏانهن ويجها پوندا ٿي ويا. انهيءَ ڏينهن ڏٺو ويو ته حضور ﷺ جن جهڙو بي پرواهه بهادر ٻيو ڪو ڪونه هو. روايت آهي ته حضور ﷺ جن گهڻو ڪري ٿور ڳالهائو هوندا هئا ۽ جڏهن غزه (جنگ) تي ويندا هئا ته وڏي همت سان ٻانهون کُنجي ويندا هئا ۽ سيني کان وڏيڪ حشمت وارا ڀانئبا هئا ۽ دشمنن مان ٻه وڏو بهادر اهو ليکبو هو، جو حضور ﷺ جن کي ويجهو اچي پوندو هو، ڇو ته دشمن ٻه حضور ﷺ جن کي ويجهي اچڻ ۾ ڪنبندا ۽ ڊڄندا هئا. جنگ جنين ۾ جڏهن ڪافر مسلمانن تي زور وارا ٿيا ۽ مسلمانن وٺي ڀاڄ ڪاڏي ۽ ڪافر چوڌاري حضور ﷺ جن کي گهيرو ڪري ويا ته حضور ﷺ جن بجاءِ هن جي جو پنهنجي لشڪر جي هيٺائي ڏسي پوئتي هٽن، دلدل کي دشمن ڏي وڌائي فرمائڻ لڳا ته آءٌ سچو رسول ۽ نبي آهيان هن ۾ ذرو ڪوڙ ڪونهي. آءٌ عبدالمطلب جو پٽ آهيان. يعني جنهن صورت ۾ آءٌ خداوند پاڪ جي طرفان نبي ۽ رسول آهيان، تنهن صورت ۾ پڪ آهي ته آءٌ فتحمند ٿيندس ۽ جنهن صورت ۾ آءٌ عبدالطلب جي خاندان مان آهيان، تنهن صورت ۾ شدني نه آهي جو آءٌ

پني ڏئي پوئتي هٽيا. هڪڙي لڙائي ۾ اوچتو اچي مينهن وسيو جنهن ۾ سندن ڪپڙا پسجي ويا. پاڻ اهي ڪپڙا لاهي ڪنهن وڻ تي سڪائڻ وڌائون ۽ پاڻ انهيءَ وڻ جي پاڇي ۾ ليٽي پيا. غورث نالي هڪڙو پهلوان جو ساري عربستان ۾ مشهور هو، سو حضور ﷺ جن کي تنها ڏسي پنهنجي بهادري جي زور تي ترار سوڌو اچي حضور ﷺ جن جي مٿان بيٺو ۽ ترار مٿان ڪڙي ڪري، حضور ﷺ جن کي سڏ ڪري چوڻ لڳو ته چؤ اج توکي مون کان ڪير بچائي سگهندو؟ حضور ﷺ جن جهٽ پٽ وڏي شان ۽ جلال سان جلالي آواز ڪري چيس ته "الله!" انهيءَ جلالي آواز اُن تي اهڙو اثر ڪيو جو هو ڍلجي ڪِري پيو ۽ ترار هٿ مان ڪري پيس حضور ﷺ جن جهٽ اُن جي ترار هٿ ۾ کڻي چيس ته هاڻي خبر ڏي ته توکي ڪير بچائي سگهندو؟ هن ويچاري جون وايون ئي بتال ٿي ويون. هن عرض ڪيو ڪو ڪونهي، جو مون کي بچائي سگهي. حضور ﷺ جن يڪدم ڇڏي ڏنس ۽ فرمايائون ته آءٌ دنيا جي لاءِ رحمت آهيان. ماڻهن کي مارڻ لاءِ ڪين آهيان. هن شخص سندن اهڙي رحمدلي ڏسي فوراً ڪلمو پاڪ اشهد ان لا اِلٰه لا الله واشهد ان محمد رسول الله ﷺ پڙهي اسلام قبول ڪيو. بلڪ پنهنجي قوم کي به اسلام جي دعوت ڪري حق تي آڻڻ لڳو.

حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته هڪ دفعي رات جو هڪڙي پاسي کان اهڙو دپ جهڙو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، جو مديني ۾ ستل ماڻهو به ڇرڪ ڀري اُٿي پيا. ننڍا ٻار به ڇرڪڻ ۽ ڦرڪڻ لڳا. سڀ ماڻهو گهرن مان نڪري ٻاهر جاچ ڪرڻ ۽ آواز جي طرف ڏي ڊوڙڻ لڳا. شهر کان ٻاهر جو ويا ته ڏٺائون ته حضور ﷺ جن به اڳيئي انهيءَ آواز تي نڪتا آهن. پاڻ ابوطلحة جي گهوڙي جي اگهاڙي پٺيءَ تي جڙهيل آهن ۽ ترار سندن ڳلي ۾ لٽڪيل آهي. جڏهن حضور ﷺ جن ڪيترن ماڻهن کي حيران پريشان ڏٺو، تڏهن پاڻ گهوڙي کي جهلي، سيني کي دلجاءِ ڏنائون ۽ فرمايائون ته آءٌ ته هتي ڪجهه به ڪونه ٿو ڏسان. آخر ماڻهو به ڏسي وائسي موٽيا ۽

حضور (ﷺ) بہ خير سان موٽيا. موٽڻ مهل ابو طلحة جي گهوڙي جي نالي فرمايائون تہ هي گهوڙو هڪ درياءُ آهي. خدا جي قدرت اهو گهوڙو اهڙو تہ حضور ﷺ جن جي دعا کان پوءِ تکو ۽ مشهور اچي ٿيو. جو گهوڙا ڊوڙ ۾ ڪوبہ گهوڙو سڄي ملڪ ۾ پڄي نہ سگهندو هوس. حضور ﷺ جن جي بهادري ۽ پهلواني جو هيترو ذڪر ڪرڻ جيترو مٿي لکيو ويو آهي، مون کي تہ شرم ٿو اچي، ڇو تہ حضور ﷺ جن جي بهادريءَ جا هي سڀ سادا مثال آهن. سندن همت ۽ جرات بابت وڏن ڪتابن ۾ گهڻو ڪجهہ بيان ٿيل آهي، جو ڪتاب وڏي ٿي وڃڻ جي ڪري هتي نٿو لکان. بهادري ۽ پهلواني، همت ۽ جرات، بل ۽ طاقت نبين ۽ پيغمبرن لاءِ هڪ ضروري شيءِ آهي. ڪوبہ پيغمبر اهڙو ٿي نہ گذريو آهي، جو ضعيف ۽ بي طاقت هجي، مگر حضور ﷺ جن جڏهن تہ خاتم الانبيا ۽ آخري پيغمبر ﷺ هئا، انهيءَ ڪري سيڪا صفت منجهن گهٽي کان گهٽي هئڻ گهربي هئي، جا برابر اهڙيءَ طرح هئي.

حضور ﷺ جن جي بي تڪلفي ۽ ظرافت

حضور ﷺ جن مجلس ۾ پنهنجن اصحابن سان سادا ۽ بي تڪلف رهندا هئا ۽ مجلس ۾ ڪڏهن ڪڏهن چرچي - يوڳ جي ڳالهہ بہ هلندي هئي، مگر چرچو بہ سچوئي سچ هوندو هو. هڪڙي سائل شخص حضور ﷺ جن کان اُٺ جو سوال ڪيو تہ يا حضرت، مون کي ڪو اُٺ ڏيار. حضور ﷺ جن فرمايو: بابا، آءٌ تہ اُٺ جو ٻچو ڏيندوسانءِ، قبول هجئي تہ حاضر ڪريان؟ هن چيو، ياحضرت، اُٺ جي ٻچي کي آءٌ ڇا ڪندس، مون کي چڙهي لاءِ اُٺَ گهرجي، سو اُٺ ڏيار. جڏهن هن ويچاري ابوجهہ کي ڏنائون تہ اسان جو چرچو نٿو سمجهي، تڏهن چيائونس ميان، اُٺ ئي وٺ، اُٺ بہ تہ نيٺ اُٺ ئي جو ٻچو ٿيندو آهي. ڳالهہ ڳالهہ ۾ هڪڙي اصحابيءَ، جو اسلام کان اڳ بت پرست هو، تنهن حضور ﷺ جن جي دربار ۾ عرض ڪيو تہ حضورا هڪڙي ڏينهن منهنجي بت مون کي ڏاڍو فائدو رسايو هو. اهي لفظ ٻڌي سڀئي ماٺهو حيرت ۽ عجب ۾

پئجي ويا تہ ھي شخص مسلمان تي ڪري ڪھڙي ڳالھہ تو ڪري. ڀلا ائين بہ ڪو ٿي سگھي ٿو جو بت فائدو رسائي! ھن شخص ماڻھن کي حيران ڏسي سڄي ڳالھہ ڪري ٻڌائي تہ ھڪڙي ڏينھن آءٌ سفر تي ويس ٿي. پوڄا پاٺ لاءِ ڀُڳل ڪڻڪ جي اٽي يعني ستو جو بت ٺاھي پاڻ سان کنيو ھوم. رستي تي ھڪڙو اھڙو ھنڌ آيو جتي منھنجي کاڌي جو سامان کٽي ويو. بک بہ ڏاڍي اچي لڳيم. وسنھہ بہ ويجھي ڪانہ سو بک ۾ مرڻ ھارڪو اچي ٿيس. اوچتو ياد آيم تہ مون وٽ جيڪو بت آھي، سو ستو جو ٺھيل آھي، يڪدم ڪڏي ٽڪر ٽڪر ڪري ويھي کاڌم ۽ اھو کائيندو اچي وسنھہ ۾ رسيس. جيڪڏھن اھو بت مون وٽ نہ ھجي ھا تہ ضرور مون کي اڄ مئو ٿيڻو پوي ھا. ھڪڙي ڪراڙي عورت حضور ﷺ جن کي عرض ڪيو تہ ياحضرت. منھنجي حق ۾ دعا گھرو تہ رب مون کي قيامت ۾ بهشت نصيب ڪري. حضور ﷺ جن چرچو ڪري چيس تہ مائي، ڪراڙي زال بهشت ۾ وڃڻي نہ آھي. مائي ويچاري ڏاڍي اچي دني ۽ دلگير ٿيڻ لڳي. حضور ﷺ جن مرڪي چيس تہ مائي غم نہ ڪر، مون بہ سچ ڳالھايو آھي. درحقيقت ڳالھہ ھن طرح آھي جو جيڪي ڪراڙيون عورتون ھونديون، اھي رب جي قدرت سان جوان ٿي بهشت ۾ پير پائينديون.

زيد بن اسلم کان روايت آھي تہ ھڪڙو شخص اڪثر گيھہ ۽ ماکي حضور ﷺ جن وٽ تحفه طور کڻي ايندو ھو. جنھن دوڪاندار کان گيھہ ۽ ماکي خريد ڪري ايندو ھو جڏھن قيمت گھرندو ھوس تہ چوندو ھو تہ وڃ وڃي حضور ﷺ جن کان قيمت وٺ. اُھو ويچارو سمجھندو ھو تہ شايد حضور ﷺ جن مال گھرايو آھي، سو حضور ﷺ جن کان وڃي قيمت گھرندو ھو. حضور ﷺ جن سمجھي وٺندا ھئا ۽ کِلي کڻي رقم ڏيندا ھئا. جڏھن اھو شخص حضور ۾ ايندو ھو تہ پاڻ چوندا ھئس ميان، تو تہ اسان وٽ گيھہ ۽ ماکي تحفہ طور آندي ھئي، پوءِ دوڪاندار تہ پئسا اسان کان وٺي ويو. اھو شخص کلي چوندو ھو حضور! مون وٽ گيھہ ۽

ماکي ٺهندا ڪين آهن آءٌ ڪتان آڻيندس، مون اوهان کي گھر ويني پهچائي ڏنا. پاڻ ٻڌي مرڪي ڏيندا هئا ۽ هو اڪثر ائين ڪندو هو ته پاڻ ﷺ به هميشه ان جو اهو تحفو قبول ڪري دوڪاندار کي پئسا پهچائي ڏيندا هئا. چوته حضور ﷺ جن اڪثر تحفه آڻيندڙ کي به سندس ڏنل تحفه ۾ شريڪ ڪندا هئا. انهيءَ ڪري ان شخص کي به ان گيهه ماکي مان ڪجهه کارائيندا هئا. جنهنڪري هو به پنهنجي ڪاڻ لاءِ ائين پيو ڪندو هو ۽ حضور ﷺ جن کي به مزو لڳندو هو ۽ ان جو تحفو قبول ڪري، هن کي خوش ڪري پوءِ قيمت پري ڏيندا هئا. حضرت انس رضي الله عنه فرمايو آهي ته حضور ﷺ جن مون سان چرچو ڪندا هئا ته مون کي ذوالاذنين (ٻه ڪَنيو) ڪري سڏيندا هئا. هڪڙي ڏينهن زاهر نالي هڪ وهٽائي، جو اڪثر حضور ﷺ جن وٽ ٻهراڙي جون شيون سوکڙي ڪري ڪٺي ايندو هو ۽ پاڻ وري ان جي عوض ۾ شهر جون شيون خريد ڪري ڏيندا هوس، سو بازار ۾ ترڪاري پيو وڪڻي، پاڻ اتاهون لنگهيا ته ڏٺائونس. پاڻ ﷺ ڇا ڪيائون جو پويانس وڃي ڀاڪر پاتائونس. زاهر چوڻ لڳو ڪير آهين؟ ڇڏ ڇڏ. پر جڏهن معلوم ٿيس ته پاڻ ڪريم ﷺ جن آهن ته هيڪاري پنهنجي پٺ زور زور ڪري سندن جسم مبارڪ سان ڳنڍڻ ۾ گهڻ لڳو. پوءِ فرمائڻ لڳا ته آهي ڪو جو هن غلام کي وٺي؟ زاهر ويچارو هو رنگ جو ڪارڙو ۽ شڪل جو ڪوجهو، تنهن چيو ته مون جهڙي تِڇ کي پيو ڪير ڪيتري تي وٺندو. حضور ﷺ جن فرمايو نه نه. تون الله وٽ وڏي قدر قيمت وارو آهين.

حضور ﷺ جن جا مٺا ٻول ۽ سندن فصيحانه ڪلام

حضور ﷺ جن ڳالهائڻ جا اهڃا ته مٺا هوندا هئا. جو ٻڌندڙ کي موهي ڇڏيندا هئا. سندن وات مبارڪ مان جيڪي ٻول نڪرندا هئا ته ٻڌندڙ ائين ڀائيندو هو ته جڻ موتي پيا هارجن. پاڻ لفظ ٿورا مگر گهڻي معنيٰ وارا ڳالهائيندا هئا. پاڻ ﷺ ٻين وانگي تکڙو ڪين ڳالهائيندا هئا. سندن ڳالهائڻ اهڙو چٽو ۽ صاف هو، جو ٻڌندڙ نه فقط ٻڌي سمجهي

سگھندا هئا. بلڪ دل تي ويهاري ۽ ياد ڪري سگھندا هئا. پاڻ جيڪي چوندا هئا يا جيڪا بہ نصيحت ڪندا هئا، سا ٻڌندڙن جي دلين تي اهڙو اثر ڪندي هئي، جو وري وسرڻ مشڪل. ائين تہ ڪڏهن ڪونہ ٿيو جو پاڻ ڪجھہ فرمايو هجين ۽ ماڻهن نہ سمجهيو هجي- هرگز نہ. پاڻ سونهارا جيڪڏهن ڪنهن پريءَ مجلس ۾ ڳالهائيندا هئا تہ ماڻهو سندن اکر اکر ڳڻي سگھندا هئا. پاڻ جيڪي ڳالهائيندا هئا. سو سادو ۽ دل مان نڪرندڙ ۽ دل ۾ اثر ڪندڙ ڳالهائيندا هئا. ۽ ائين ڳالهائيندا هئا جو جڻ خيال ٿي ڪرڻو ڪونہ ٿو پوين. سندن ڪلام ۾ تڪلف يا بناوٽ اصل ڪانہ هئي. پاڻ جيڪي بہ زبان مبارڪ تي آڻيندا ۽ وات مبارڪ مان ڪيندا هئا. سو سراسر حق ۽ سچ هوندو هو. دنيا ۾ ڪنهن بہ پيغمبر يا ليڪچرار جو ڪلام هوبهو ماڻهن کي بنا لکڻ ياد نہ بيٺو. جهڙو حضور ﷺ جن جون حديثون يا سندن واتان ٻڌل قرآن شريف. جو ماڻهن هوبهو ياد ڪري ورتو. پاڻ ڳالهائڻ مهل اهڙو عمدو ڳالهائيندا هئا. جو جڻ ڪو مصنف جملو جملي تي چٽي پورو بيان ڪري رهيو آهي. سندن ڳالهائڻ جو آواز ايترو پري تائين ويندو هو. جو سيڪنهن جي جاءِ يا مجال نہ هئي. هڪ دفعي جمعي جي ڏينهن حضور ﷺ جن ممبر تي مسجد نبوي ۾ وعظ واسطي چڙهيا ۽ ماڻهن کي فرمايائون تہ ويهي رهو. سڀ حڪم موجب ويهي رهيا. هڪڙو اصحابي سونهارو محلي بني تميم ۾ هو جو پرپرو هو. تنهن اُتي حضور ﷺ جن جو آواز ٻڌو ۽ اُتي جو اُتي ويهي رهيو. وعظ جي وقت سندن اکيون مبارڪ ڳاڙهيون لال ۽ آواز بلند ۽ ڳرو ٿي ويندو هو ۽ سارو جسم مبارڪ اهڙو جوش پريل ٿي ويندو هئن جو جڻ پاڻ ماڻهن کي وڏي مصيبت ۽ غنيم کان بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. حضور ﷺ جن کي رياءَ ۽ اجائي ڳالهائڻ کان هميشه بچان هوندي هئي. پاڻ نہ ڪنهن جي گلا ڪندا هئا نہ ٻڌندا هئا. نہ ڪنهن جا عيب ڪيندا هئا. ڳالهہ اُها ڪندا هئا. جنهن مان ڪندڙ ٻڌندڙ ٻنهي کي ڪجھہ نہ ڪجھہ ثواب ملي. جڏهن پاڻ سونهارا ڳالهائڻ لڳندا هئا تہ ماڻهو بلڪل

مات ڪري ويندا ڇڏيندا هئا. وچ ۾ ڳالهائڻ جي ڪنهن کي مجال نه هئي، جڏهن پاڻ پنهنجي ڳالهه پوري ڪندا هئا. تڏهن ڪنهن ٻئي کي ڳالهائڻو هوندو هو ته ڳالهه ڪندو هو. ڪو ماڻهو ساڻن ڪا ڳالهه وينو ڪندو هو ته ٻيو وچ ۾ ٽپي نه پوندو هو. جيڪڏهن ڪو مظلوم (ستايل) وٽن ايندو هو ته پاڻ چڱيءَ طرح دل لائي انهيءَ جي ڳالهه ٻڌڻ لڳندا هئا ۽ ٻيا اصحابي هٽي پوئتي ويهندا هئا. سندن مٺي ڪلام ۽ خوش بياني ۾ دنيا جو ڪو انسان ساڻن پهچي ڪين سگهندو هو. سندن ڪمال قابليت ۽ فصاحت کي ڏسي ساري دنيا حيران هئي ۽ آهي. عربستان ۾ انهن ڏينهن ۾ قابليت، فصاحت ۽ بلاغت جو تمام زور هو، وڏا وڏا فصيح بليغ ليڪچرار هئا، جن ساري عربستان کي قابليت جي زور سان ماري مڃايو هو، مگر حضور ﷺ جن جي آڏو ڪنهن جي به دال نه ڳري. انهن ئي فصيحن ۽ بليغن مان گهڻن ته حضور ﷺ جن جي رسالت ۽ خداءِ واحد جي هيڪڙائي تي ايمان آندو ۽ قرآن شريف کي انساني طاقت کان اعليٰ ۽ بالا ڪلام ڪري مڃيو هو.

فَصَلَوَاتُ اللهِ عَلَىٰ اَبلَغِ البُغَاءِ وَاَفصَحِ الفُصَحَاءِ مُحَمَّدٍ رَسُولُ اللهِ عَلَيْهِ وَعَلَىٰ آلِهٖ وَاصَحَابِهٖ وَبَرَكَاتِهٖ

حضور ﷺ جن جو حياءُ حضور شرمي

حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور ﷺ جن نهايت صاحب حياءَ ۽ شرم جا هئا، ايتريقدر جو ڪنواري ڇوڪري کان به وڌيڪ لڄارا هئا. سندن طبعيت اهڙي ته صاف هئي جو جيڪڏهن ڪا ڳالهه ڪين نه وڻندي هئي ته حياءَ جي ڪَري پڌري پٽ ڪين چوندا هئا ته مون کي هيءَ ڳالهه نٿي وڻي. مگر سندن منهن مبارڪ مان سمجهي وٺبو هو ته هيءَ ڳالهه ڪين پسند نه آئي آهي. حضور ﷺ جن ايتريقدر ته صاحب حياءَ هئا، جو گهڻو وقت ڪنهن به ماڻهوءَ جي منهن ۾ نهاري ڪين سگهندا هئا، جلد ئي ڪٽي ڪنڌ هيٺ ڪندا هئا. ڪين جيڪڏهن

ڪا ڳالهہ نہ پسند ايندي هئي تہ صفا ڪين چوندا هئا. مگر اشاره ڪنايہ سان ظاهر ڪندا هئا. حضور ﷺ جن ضروري حاجت لاءِ بہ جبل يا جهنگ ۾ پري پنڌ ڪري ويندا هئا. ويجهو ويهڻ ڪين وڻندو هئن. جيڪڏهن ضروري حاجت لاءِ ويهندا هئا تہ تيسين ڪپڙو مٿي ڪين ڪڻندا هئا. جيسين زمين کي ويجهو نہ ٿيندا هئا. حضرت اُم المؤمنين بيبي عائشہ رضي الله تعاليٰ عنها کان روايت آهي تہ مون ساري عمر حضور ﷺ جن جي ڪڏهن بہ اُگهاڙ نہ ڏٺي، هي سڀ گهڻي حياءَ ۽ شرم جو سبب هو.

ٻين کي عزت ڏيڻ، آئي جي آڌرڀاءُ ڪرڻ

پاڻ آئي جي آڌر ڀاءُ تمام گهڻي ڪندا هئا ۽ اسلامي اخلاقن مان اهو هڪ ضروري اخلاق سمجهندا هئا. پاڻ فرمائيندا هئا تہ مسلمانو! جو شخص اوهان مان وڏن جي عزت نٿو ڪري ۽ ننڍن سان محبت نٿو ڪري، سو اسان مان نہ آهي . هڪڙي ڏينهن حضور ﷺ جن پنهنجي حجري مبارڪ ۾ رونق افروز هئا. سندن اصحاب سونهارا بہ انهيءَ ڏينهن ايترا تہ وٽن حاضر هئا، جو وڌيڪ ڪنهن ماڻهوءَ جي ويهڻ جي جاءِ ئي ڪانہ هئي. حضرت جرير رضي الله عنه ٿورو دير سان آيو، مگر اندر جاءِ نہ ڏسي ٻاهر چائنٺ وٽ ئي ويهي رهيو. حضور ﷺ جن جو هن کي سيني کان ٻاهر ۽ پريرو ويهندو ڏٺو، سو پاڻ پنهنجي چادر مبارڪ ويڙهي سيڙهي ڪٺي ڏانهس اُڇلايائون ۽ فرمايائونس تہ هن تي ٿي ويهہ. حضرت جرير رضي الله عنه چادر مبارڪ ڪٺي اکين سان لاتي ۽ چادر کي چمي بي اختيار روئڻ لڳو ۽ وري ويڙهي سيڙهي نهايت ادب سان ڏانهن موٽائي موڪلي ۽ عرض ڪيائين تہ ياحضرت، آءٌ هن لائق نہ آهيان، جو حضور ﷺ جن جي چادر مبارڪ تي ويهان. حضور ﷺ جن جيڪا منهنجي عزت ڪئي آهي، شال رب ڪريم حضور ﷺ جن جي عزت ۽ تعظيم وڌ ڪندو. پاڻ سونهارن سيني اصحابن ڏي چوڏاري نهاري فرمايو تہ جڏهن بہ اوهان وٽ ڪو ماڻهو اچي تہ اوهين ان کي عزت ڏيندا

ڪريو. گهڻو ڪري پاڻ سونهارا وهاڻي تي ٽيڪ ڏيو وينا هوندا هئا. اوچتو ڪو ماڻهو وٽن اچي نڪرندو هو تہ پاڻ آئي جي آڌر ڀاءَ لاءِ اهو وهاڻو ڪڍي ان کي ڏيندا هئا. جيڪڏهن اهو وٺڻ کان انڪار ڪندو هو تہ پاڻ زور ڪري بہ آخر ڏيندا هوس.

پاڻ سونهارا وڏن جي تمام گهڻي عزت ڪندا هئا ۽ وڏن جي ڳالهہ جو گهڻو لحاظ رکندا هئا. اهي جيڪي چوندا هئا تہ پاڻ پورو ڪندا هئا. هڪڙي ڏينهن سندن پيغمبري ۽ فتوحات جي زماني ۾ دائي حليمہ وٽن هلي آئي. پاڻ پنهنجي چادر مبارڪ وڇائي، ڪيس زور ڪري ان تي ويهاريئون. پوءِ فرمايائون تہ اي منهنجي مهربان ماءُ، اوهان جو خير سان اچڻ ٿيو آهي، جيڪو ڪم ۽ حڪم هجي تہ آءٌ حاضر آهيان. بيبي دائيءَ ڪن قيدين بابت سفارش ڪئي. پاڻ ائين ڪيائون ۽ ٻيو بہ جيڪي گهريائين، پاڻ سونهارن گهربل کان بہ وڌيڪ پهچائي ڏنس.

حضور ﷺ جن توحيد الاهي جي لحاظ سببان پنهنجي تعظيم جي منع ڪندا هئا

حضور ﷺ جن پنهنجي تعظيم ٿيڻ ۾ خوش ڪين ٿيندا هئا ۽ نڪي وٺندي هين. حضرت عباس رضي الله عنه فرمايو تہ سيني اصحابن وٽ حضور ﷺ جن جهڙو ٻيو ڪوبہ پيارو عزت ۽ تعظيم وارو ڪونہ هو. مگر تہ بہ جڏهن پاڻ سونهارا ايندا هئا تہ اصحاب سندن لاءِ اُٿندا ڪين هئا، ڇوتہ حضور ﷺ جن جو اصل حڪم هو تہ

لاَ تَقُوْمُوْا كَمَا يَقُوْمُ الأَعَاجِمُ

(نہ اُٿو جيئن عجمي ماڻهو اُٿندا آهن- يعني هڪٻئي جي تعظيم لاءِ)

هڪڙي دفعي پاڻ سونهارا بيمار ٿي پيا، سو ويهي نماز نہ پڙهي سگهيا - ويهي رهيا. اصحابن کي بہ حڪم ڪيائون تہ ويهي نماز پڙهو. رڳو هن خيال تي تہ متان ائين سمجهڻ ۾ اچي تہ پيغمبر خدا جو ويهي نماز پڙهي تو ۽ ٻيا ان جي تعظيم سببان ٻيهي نماز پڙهن ٿا. هڪڙي

شخص حضور ﷺ جن کي چيو تہ ياحضرت، روم ۽ ايران جي بادشاھ کي سندن رعيت جا ماڻھو سجدو ڪن ٿا، ڇا اسين اوھان کي سجدو نہ ڪريون؟ پاڻ فرمايائون: سجدو خاص ھڪ خدا کي ڪريو، ڪنھن بہ ٻئي کي نہ ڪريو[1] ھڪڙي شخص انشاءَ الله جي بدران حضور ﷺ جن جي سامھون اُن شخص ڳالھہ ۾ ھي لفظ چيا:

ماشاءَ الله و ماشئت

(يعني جيڪي الله گھريو ۽ توھان گھريو)

حضور ﷺ جن اِھي لفظ ٻڌي ڏاڍا خفي ٿيا. فرمايائون تہ مون کي الله پاڪ سان شريڪ نہ ڪريو. پڇاڙي واري بيماري ۾ پاڻ سونھارن فرمايو: خدا لعنت ڪري يھودين ۽ نصارن تي، جن پنھنجن نبين جي قبرن کي سجده گاھہ بنائي وڌو. توھين منھنجي اھڙي تعظيم نہ ڪجو، جھڙي نصارن مسيح ابن مريم جي ڪئي. ۽ ھيئن بہ فرمايائون تہ منھنجي قبر کي سجده گاھہ نہ بڻائجو. اصحابن سونھارن انھيءَ حڪم جي پيروي ۽ توحيد جي لحاظ سببان سندن قبرمبارڪ کي ماڻھن جي نظر کان مخفي رکيو. تان تہ ماڻھو متان خلاف توحيد ڪجھہ ڪري نہ وجھن[2]

حضور ﷺ جن جو سادو گذران ۽ فقر فاقو

اگرچہ حضور ﷺ جن دين ۽ دنيا جا شھنشاھ ھئا. زر دولت جي وٽن ڪمي ڪانہ ھئي. رب سڀڪجھہ کين ڏنو ھو، مگر جيڪي ملندو ھون، سو قومي ضرورتن ۾ خرچ ڪري ڇڏيندا ھئا ۽ پنھنجو خاص حصو الله ڪارڻ ڏئي ڇڏيندا ھئا. حضور ﷺ جن جڏھن ڪو نئون ڪپڙو

(1) شرم اچي، انھن نادان مسلمانن کي جيڪي اوليائن سونھارن جي قبرن تي وڃي ھندن وانگي متا ٽيڪيندا ۽ سجدا ڪندا ۽ چانئٺون چمندا ۽ نرڙ گسائيندا آھن

(2) افسوس، اڄڪلھہ تہ زور زور ڪري پيرن جا مجاور ماڻھن کي ڪنڌ مان وٺيو، پيرن جي آڏو سجدا پيا ڪرائين يا بعضي ڏسٽا وائسٽا پڙھيا پير پنھنجن بزرگن جي آڏو سجدا ٿيندا ڏسيو، خوش پيا ٿين ۽ زبان سان جھلين بہ نہ.

ٺهرائيندا هئا ته جمعي جي ڏينهن ڪان وٺي ڍڪيندا هئا. هڪڙي ڏينهن حضرت عمر فاروق رضي الله عنه حضور ﷺ جن سان گڏ هو ۽ ٻئي بازار ۾ تشريف فرما ٿيا. اتي ”سُنْدُس“ جو* وڳو ڏسي حضرت عمر رضي الله عنه، حضور ﷺ جن کي عرض ڪيو ته جيڪڏهن هي وڳو حضور ﷺ جن عيد لاءِ خريد ڪن ته ڏاڍو چڱو! حضور ﷺ جن فرمايو: يا عمر رضي الله عنه، هن وڳي کي اُهو ڍڪي، جنهن کي آخرت ۾ ڪجهه بهرو مليل نه هجي. پاڻ سونهارا اها سفيد ٽوپي پائيندا هئا، جنهن کي عربي ۾ ”قلنسوه“ سڏيندا آهن. ڪڏهن رڳي ٽوپي، ڪڏهن رڳي پڳ، ڪڏهن پڳ جي اندران ٽوپي هوندي هين. يمامي ٽوپيون به حضور ﷺ جن پائيندا هئا ۽ جنگ جي وقت ۾ ٽوپ ڪَنن ڍڪڻ وارا پائيندا هئا، پر جيڪڏهن ٽوپي يا پڳ نه ٿي سگهندي هئي ته معمولي پٽي ڪپڙي جي مٿي ۽ پيشاني تي ڪٽي ٻڌندا هئا. پڳ جو پلاند وچ ڪندي (ٻُني) تي ڇڏيندا هئا. ڪڏهن پلاند ڪان سواءِ به پڳ پائيندا هئا. جيڪڏهن ٻاهران قاصد ايندو هو ته انهيءَ وقت پاڻ عمدو لباس ڍڪيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته هيڙي وقت ۾ هيڙو لباس ترار جهڙو ڪم ڏئي ٿو. پڳ مبارڪ ايڏي نه هوندي هين جو مٿي تي بار ۽ بوجهه ٿئي، بلڪ ايڏي ٻڌندا هئا، جنهن سان سردي ۽ گرميءَ جو بچاءَ ٿئي. قميص ڪين پسند هوندي هئي. ڪپڙن جا ٻه - ٻه جوڙا ڪڏهن نه رکيائون، فقط هڪ جوڙو هوندو هون. ڪڏهن ته هن شهنشاهه دين و دنيا حضور انور ﷺ وٽ ٻيو ڪپڙوئي ڪونه هوندو هو، فقط هڪ چادر هوندي هئي، جا هيٺ - مٿي ڪري پورت ڪندا هئا. نماز وقت انهي ئي چادر جي اڌ جي گوڏ ڪندا هئا ۽ اڌ بت تي ڍڪيندا هئا. صبح جي ڪاڌي مان ڪڏهن به رات لاءِ، رات جي ڪاڌي مان ڪڏهن به صبح لاءِ ڪونه بچائي رکندا هئا. جيڪڏهن ڪجهه بچي پوندو هو ته انهيءَ ئي وقت مسڪينن کي پهچائي ڏيندا هئا. سندن حرمن پاڪن زنانه سرشت موجب جڏهن زيورن جي سخت خواهش ڪئي ته پاڻ طلاق ڏيڻ ۽ حرمن

---

* عمدي ڪپڙي جو قسم.

ڪان بيزار ٿيڻ تائين بہ سنيرندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ جيڪڏهن فقر ۽ فاقو منظور هجيوَ تہ منهنجي گهر ۾ رهو، نہ تہ موڪل ڏيانوَ؟ قرآن پاڪ ۾ بہ ان بابت ذڪر آهي. رب تعاليٰ حضور ﷺ جن ڪي حرمن پاڪن جي زيورن گهرڻ تي هيئن ارشاد فرمايو آهي:

يَاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ اِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَزِيْنَتَهَا فَتَعَالَيْنَ اُمَتِّعْكُنَّ وَاُسَرِّحْكُنَّ سَرَاحًا جَمِيْلًا ﴿٢٨﴾ وَاِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَالدَّارَ الْاٰخِرَةَ فَاِنَّ اللّٰهَ اَعَدَّ لِلْمُحْسِنٰتِ مِنْكُنَّ اَجْرًا عَظِيْمًا ﴿٢٩﴾

(آيت 28- 29 - سورة الاحزاب)

(اي پيغمبر ڪريم (ﷺ) پنهنجن زالن کي چئو تہ جيڪڏهن اوهين دنيا جي حياتي ۽ ان جو سينگار گهرنديون هجو تہ اچو تہ اوهان کي اجورو ڏيان ۽ چڱيءَ طرح ڇڏيان ۽ جيڪڏهن اوهين الله ۽ سندس پيغمبر ۽ آخرت جي گهر (يعني بهشت) کي گهرو ٿيون تہ بيشڪ الله تعاليٰ اوهان مان نيڪ عورتن لاءِ وڏو اجر تيار ڪيو آهي.)

۽ ٻورو اڳتي وري قرآن پاڪ ۾ حرمن پاڪن لاءِ هي ارشاد آهي جو سيڪنهن سعادتمند عورت کي هنئين سان هنڊائڻ گهرجي

وَقَرْنَ فِيْ بُيُوْتِكُنَّ وَلَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰى وَاَقِمْنَ الصَّلٰوةَ وَاٰتِيْنَ الزَّكٰوةَ وَاَطِعْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ﴿٣٣﴾ (آيت 33 - سورة الاحزاب)

(۽ پنهنجي گهرن ۾ رهو ۽ پهرين جاهليت واري سينگار وانگر سينگار نہ ڪريو ۽ نماز قائم رکو ۽ زڪواة ڏيو ۽ الله ۽ الله جي رسول ﷺ جي تابعداري ڪريو.)

بخاري ۽ مسلم جي صحيح حديث ۾ آهي تہ حضور ﷺ جن جي گهر وارن ياتين رڳو جوَن جي ماني بہ لاڳيتا ہہ ڏينهن ڍؤ ڪري نہ کاڌي هوندي، جيستائين ڪہ پاڻ دنيا مان خير جو گذاري ويا.

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور ﷺ جن پاڻ ۽ سندن گهر وارا ياتي ڪيترين ڪيترين راتين خالي پيٽ بک

ئي بک ۾ سمهي رهندا هئا ۽ جڏهن کو ڪاڏو ڪائيندا هئا ته اڪثر جَوَن جي ماني هوندي هئي.

سهل بن سعد رضي الله عنه کان ڪنهن پڇيو ته حضور ﷺ جن ڪڏهن ميده جي ماني به کاڌي هئي؟ چيائين ته پاڻ سونهارن ساري عمر ميدو ڏٺو به ڪونه هو. وري سائل پڇيو ته حضور ﷺ جن جي زماني مبارڪ ۾ اٽي ڇاڻڻ جا ڇرڻ هوندا هئا؟ حضرت سهل رضه چيو بلڪل نه. پوءِ اُن شخص پڇيو ته پلا جَوَن جي اٽي جي ماني ڇاڻڻ کان سواءِ ڪيئن کائيندا هئا؟ حضرت سهل رضه چيو ته ٿوري ڦوڪ ڏبي هئي، جيڪي تُهه يا ڪڏر هوندا هئا. سي اُڏامي ويندا هئا باقي اٽو ڳوهي پوءِ ماني پچائبي هئي.

حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور ﷺ جن ڪڏهن به شاهوڪارن ۽ اميرن جي وڏن وڏن خونچن ۽ دسترخوانن تي ويهي ڪونه کاڌو ۽ نه ڪڏهن چيني جي رڪابين ۾ کاڌائون ۽ نه سندن لاءِ سنها ڊڳڙ پچائڻ ۾ آيا.

راوي چوي ٿو ته مون پنهنجي اُستاد قتادة رضي الله عنه کان پڇو ته حضور ﷺ جن ۽ اصحاب سونهارا چمڙي جي دستر خوان تي ماني رکي کائيندا هئا. حضرت ابوهريره رضي الله عنه هڪڙي جماعت وٽان لنگهيو. انهن وٽ پُڳل ٻڪري رکيل هئي، جا کائڻ وينا هئا. حضرت ابوهريره رضه کي به کائڻ لاءِ سڏيائون. حضرت ابوهريره رضه کائڻ کان انڪار ڪيو ۽ فرمايو ته رسول ڪريم (ﷺ) دنيا مان لاڏاڻو ڪيو، مگر پچاڙيءَ تائين جَوَن جي ماني به پيٽ ڀري نه کاڌائون. سو آءٌ ڪيئن هيترو کان! ڪي وقت اهڙا به حضور ﷺ جن تي گذري چڪا. جو مدينه شريف ۾ هڪڙي يهودي وٽ زره ڳهه (ضمانت) رکي، گهر وارن لاءِ ڪجهه قوت گذران خريد ڪري آڻيندا هئا.

حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور ﷺ جن جي حويلي ۾ ڪنهن به وقت ڪٽڪ يا ٻئي اناج جو هڪ ٽويو به رکيل ڪونه هوندو هو. حضرت ابوطلحة رضي الله عنه فرمايو آهي ته اسان ماٺهن حضور ﷺ

جن وٽ هڪ دفعي بک جي شڪايت ڪئي. اهڙو حال هو جو اسانجن پيٽن تي بک کان هڪڙو هڪڙو پٿر ٻڌل هو. جو اسان حضور ﷺ جن کي پنهنجو اهو حال ڏيکاريو ته پاڻ سونهارن پنهنجو پيراهن مبارڪ کڻي، سچا ٻه پٿر پيٽ مبارڪ تي ٻڌل ڏيکاريا. مسڪيني ايتري قدر جو ڪيترا وقت تيل جي نه هجڻ ڪري حويلي شريف ۾ رات جو ڏِيو ڪونه ٻرندو هو. هڪ دفعي ماڻهن وٽن بک جي دانهن ڪئي. وٽن ڪجهه کجور پيل هئي جا هڪ - هڪ داڻو ڪري سيني کي وراهي ڏنائون.

حضرت اميرالمومنين عمر رضي الله عنه فرمايو آهي ته آءٌ هڪڙي ڏينهن حضور ﷺ جن جي خدمت شريف ۾ حاضر ٿيس، ڇا ڏسان ته پاڻ کجيءَ جي چٽائي تي ليٽيا پيا آهن ۽ چٽائيءَ جا ڏنا سندن هڪڙي پاسي تي ٿي پيا آهن ۽ وهاڻو چمڙي جو اٿن، جنهن ۾ ڪپهه جي بدران کجيءَ جا پن ۽ ٽاريون پريل آهن. مون سندن اهو حال ڏسي عرض ڪيو: يا رسول الله (ﷺ) الله پاڪ کان دعا گهرو ته رب ڪريم اوهان جي اُمت کي ڪشادي روزي ڏئي. ڏسو ته ايران ۽ روم کي ڪيتري قدر نه ڪشادائي آهي. اُهي الله تعالیٰ کي مڃين به نٿا ۽ سندن عبادت به نٿا ڪن. پاڻ فرمايائون: يا عمر رضه. تون اڃان انهيءَ خيال ۾ آهين؟ ڪافرن کي جيڪي ملڻو آهي، سو دنيا ۾ ئي ملڻو آهي، آخرت ۾ انهن کي ڪجهه به حاصل ٿيڻو نه آهي. مواهب ۾ لکيل آهي ته هڪڙي ڏينهن حضور ﷺ جن کي سخت بک لڳي. پاڻ هڪڙو پهڻ کڻي پيٽ سان ٻڌؤن ۽ فرمائڻ لڳا ته اي نفس! ٻڌ ۽ خبردار ٿي، دنيا ۾ گهڻا اهڙا آهن، جي الله پاڪ جون نعمتون کائڻ وارا آهن، مگر آخرت ۾ انگ اُگهاڙا ۽ پيٽ بکيا هوندا. اي نفس! ڪي اهڙا به آهن، جي پنهنجي نفس کي دنيا ۾ ڏاڍي عزت تا ڏين ۽ خوش تا رکن، مگر ساڳيو نفس انهن شخصن کي بي عزت ۽ بي تعظيم ڪندو آهي ۽ ڪي اهڙا به آهن، جي پنهنجي نفس کي خراب خوار به ڪندا آهن، مگر ته به سندن نفس سندن تعظيم ۽ عزت ڪندو آهي. حضور ﷺ جن فرمايو ته انسان ذات لاءِ پيٽ جهڙو ٻيو بڇڙو ٿانو ڪونهي جو ڀرڻو پويس ٿو، نه ته ٻه-

تي گرھ ڪافي آھن، جي انسان کي سلامت رکي سگھن. جيڪڏھن انسان تي انسانيت غالب ھجي تہ ھوند پنھنجي پيٽ جي ھڪڙي حصي کي کاڌي سان ۽ ھڪڙي حصي کي پاڻيءَ سان پري ۽ ھڪڙو حصو ساھ کڻڻ لاءِ خالي ڇڏي.

حضرت اُم المؤمنين بيبي عائشه رضي الله تعاليٰ عنھا کان روايت آھي تہ ھڪڙي ڏينھن ھڪ انصارڻ بيبي مون وٽ آئي. مون وٽ حضور ﷺ جن جي بستري لاءِ ھڪ ٿلھي چادر پيل ڏٺائين، سو ڏسي ڏاڍو افسوس ڪيائين. گھر وڃڻ شرط ھڪڙو بسترو حضور ﷺ جن لاءِ ڏياري موڪليائين، جنھن ۾ اُن پريل ھئي ۽ نرم ھو. جڏھن پاڻ سونھارا خير سان تشريف فرما ٿيا تہ اُھو بسترو گھر ۾ ڏسي پڇڻ لڳا تہ ھي نئين شيءِ ڪاٿان آئي آھي؟ مون عرض ڪيو تہ حضور ﷺ جن فلاڻي انصارڻ بيبي آئي ھئي، تنھن اوھان لاءِ ڏياري موڪليو آھي. پاڻ ارشاد فرمايائون تہ ھينئر جو ھينئر اھو بسترو موٽائي موڪليو- ھي اسان ٻانھن جي لائق نہ آھي _ قسم آھي خدا جو جيڪڏھن آءٌ گھران ھا تہ سون ۽ چاندي جا جبل مون سان گڏ ھلن ھا.

روايت آھي تہ حضور ﷺ جن وٽ جيڪا چادر ھئي، اھائي جيڏانھن ويندا ھئا تہ وڇائي سمھي رھندا ھئا. اڪثر پاڻ سونھارا تڏي تي سمھندا ھئا ۽ ٻيو ڪجھہ بسترو ھيٺان نہ وڇائيندا ھئا.

حضرت ابن مسعود رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ تڏي جا ڏنا سندن پاسرين مبارڪن تي ڏسي مون کي روئڻ اچي ويندو ھو. حضرت اُم المؤمنين بيبي حفصہ رضي الله تعاليٰ عنھا کان ڪنھن پڇيو تہ حضور ﷺ جن اوھان وٽ ڪھڙي ھنڌ تي آرام ڪندا ھئا؟ بيبي صاحبہ فرمايو تہ ھڪڙو ٿلھو ڪپڙو ٽاٽ جھڙو ھوندو ھو. جنھن کي ٻيڻو ڪري وڇائيندا ھئاسين. ھڪڙي دفعي مون ان کي چار تھہ ڪري حضور ﷺ جن کي وڇائي ڏنو تہ پلي نرم ٿئي. حضور ﷺ جن خير سان مٿانس سمھي رھيا. صبح جو اُٿي مون کان پڇيائون تہ رات تو مون کي ڇا وڇائي ڏنو ھو؟ مون عرض

ڪيو: حضور ﷺ جن هميشه وارو ڪپڙو، مگر ڪالهه رات انهيءَ کي چوڻو ڪري نرم ڪري وڇايو هوم. پاڻ فرمايائون آئنده ائين نه ڪندا ڪريو، جيئن روز وڇائيندا هئا، تيئن وڇائيندا ڪريو. ڇو ته نرم بستري جي ڪري رات منهنجي نماز ئي قضا ٿي پئي آهي. هڪ دفعي حضور ﷺ جن هڪ اهڙي هنڌ منزل انداز ٿيا، جتي مڇر ۽ منگهڻ گهڻا هئا، جي رات جو سمهڻ ئي نه ڏيندا هئا. اصحابن سونهارن گهڻي مشڪل سان رات گذاري. لاچار صبح جو عرض ڪيائون ته حضور ﷺ جن جيڪڏهن ڪنهن ٻئي هنڌ هلي منزل ڪن ته چڱو- هتي ته مڇرن ۽ منگهڻن آرام ڪرڻ ئي نه ڇڏيو آهي. پاڻ فرمايائون: منهنجي رات ته ڏاڍي چڱي ۽ خير سان گذري آهي. هنن جو شڪر آهي، جو هنن اسان کي رات عبادت الاهيءَ لاءِ سجاڳ رکيو ٿي.

هڪڙي ڏينهن حضور ﷺ جن اُم المؤمنين بيبي عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها کي فرمايو ته اي عائشه رضي الله تعاليٰ عنها، مون کي دنيا سان ڪجهه به لڳ لاڳاپو نه آهي. مون کان وڏيڪ منهنجن ڀائرن اڳين پيغمبرن تڪليفون ڏٺيون ۽ صبر ڪيو ۽ انهي ئي حالت ۾ دنيا مان سفر ڪري پنهنجي رب سان وڃي مليا. الله تعاليٰ انهن جو مرتبو وڌايو ۽ انهن کي اجر عظيم ڏنو.* انهيءَ ڪري آءٌ پنهنجي روزي ڪشادي هجڻ ۾ ڊڄان ٿو. ائين نه ٿئي جو سڀاڻي اهڙن سُکن جي ڪري منهنجو درجو گهٽجي پوي. شل مون کي پنهنجي ڀائرن وٽ لڄي ٿيڻو نه پوي. انهيءَ گفتگو ڪرڻ کان پوءِ هڪڙي ئي مهيني جي اندر حضور ﷺ جن وفات ڪئي. حضرت امام حسن رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضور ﷺ جن ڪڏهن به پنهنجي غريبت ۽ تنگ گذران جو ذڪر، شڪايت يا بي صبري جي نموني تي ڪين ڪندا هئا. بلڪ جو ڪجهه

* هي سڀ سندن ڪسرنفسي هئي ورنه جيتر يقدر حضور ﷺ جن کي تڪليفون رسيون ۽ پاڻ صبر ڪيائون اوتريقدر ڪنهن به نبي ۽ پيغمبر کي تڪليفون نه رسيون هونديون- مصنف

بيان فرمائيندا هئا. تنهن مان رڳو پنهنجي اُمت جي تسلي ۽ تعليم جو مطلب هوندو هون ته جيڪڏهن اُمت تي ڪو اوکو وقت اچي بيهي ته جيئن پاڻ سونهارا اهڙن وقتن ۾ صبر ڪندا هئا. تيئن هو به صبر ڪن. حضرت انس رضه فرمائي ٿو ته حضور ﷺ جن فرمايو ته خدائي معاملي ۾ جهڙو مون کي ڊيڄاريو ويو تهڙو ڪنهن کي به ڪونه ڊيڄايو ويو. مون کي ايترا ايذاءَ ڏنا ويا جو ڪنهن کي به نه ڏنا ويا. مون کي مهينو مهينو گذري ويندو هو ته مون لاءِ ۽ بلال رضي الله عنه لاءِ ايترو کاڌو موجود نه هوندو هو. جنهن کي ڪو به ساهه وارو کائي جيئرو رهي سگهي. جيڪڏهن ڪجهه اناج موجود ٿي سگهندو هو ته به ايترو، جو بلال رضي الله عنه جي ڪڇ ۾ لڪي سگهي. مهمانن کان سواءِ ڪڏهن به حضور ﷺ جن وٽ سندن کاڌي لاءِ ماني ۽ گوشت هڪي گڏ نه آيا. البت جيڪڏهن ڪو مهمان ايندو هو ته ان جي خاطر گوشت ۽ ماني گڏ ايندا هئا. اڪثر ائين هوندو هو جو حضور ﷺ جن جيڪڏهن صبح جو ڪجهه کائيندا هئا ته شام جو کاڌو موجود ٿي نه سگهندو هو. ۽ جيڪڏهن شام جو کائيندا هئا ته صبح جو وري بس. حضرت عتبه بن نحروان رضه فرمايو آهي ته آءٌ انهن ڏينهن جو مسلمان آهيان. جو مون کان اڳي سواءِ ڇهن ڄڻن جي ٻيو ڪو اجا مسلمان ڪو نه ٿيو هو. آءٌ ڇهن کان پوءِ ستون هئس. انهيءَ وقت اسان جي جيڪا حالت هئي سا ٻڌو ته کهڙي هئي. مسلمان ٿيڻ سببان ڪو به اسان جو حال ڪونه پڇندو هو. اسان سان ايتريقدر ضد ٿيو. جو ماني جو ٻور به ٻک مرندي اسان کي ڪو ڪونه ڏئي. ڇئون ته پورهيو ڪري پيٽ گذران ڪريون ته ڪو به اسان کي پورهيت ڪري نه رکي. وڻن جا پن کائي کائي اسان جون واڇون ئي ٽڙي ويون هيون. ڪپڙن لاءِ وري هيڪاري وڌيڪ محتاج هئاسين. اتفاقاً هڪڙي ڏينهن جهنگ ۾ هڪڙي چادر پيل هٿ اچي ويئي ان جا ٻه ٽڪر ڪري هڪڙي جي گوڏ ٻڌيم ۽ هڪڙو سعد بن مالڪ رضي الله عنه کي ڏئي ڇڏيم. خدا جو شان پوءِ آخر جلدئي اسان ستن مان ڪو به اهڙو نه رهيو. جو ڪنهن نه ڪنهن ملڪ جو حاڪم نه ٿيو. اسان کي پنهنجي رب پهرين

تڪليفن ۾ ڏکن جو موچارو عوض ڏنو. حضرت ابوهريره رضہ کان روايت آهي پاڻ فرمائي ٿو تہ ستر ڄڻن صفه جي اصحابن مان مون ڪوبہ اهڙو ڪونہ ڏٺو جنهن کي ڪٽي ڪا چادر هجي. هئي تہ ڪنهن وٽ گوڏ هئي يا گَتي. جنهن کي پنهنجن پنهنجن ڪنڌن ۾ ٻڌي ڇڏيندا هئا. اهو گوڏ جو ڪپڙو يا گَتي ڪنهن کي پنيءَ تائين هئي، ڪنهن کي مُريي تائين. مگر اهڙيون اٽپوريون هيون، جو اُگهاڙي ٿيڻ جي ڊپ کان هٿن سان جهليندا رهندا هئا. هي هو حضور ﷺ جن جي رفيقن جي گذران جو حال. حضرت ابوذر غفاري رضہ کان روايت آهي، پاڻ فرمائي ٿو تہ مون کي منهنجي دوست رسول الله ﷺ ستن ڳالهين جي هدايت ڪئي هئي:

(1) مسڪينن سان محبت رکڻ. انهن سان ويجهو گذارڻ.

(2) پاڻ کان گهٽ ماڻهو کي ڏسڻ (عبرت لاءِ) ۾ جنهن وٽ دنيائي ٺاٺ گهٽ هجي، انهيءَ کي نہ ڏسڻ (متان هوس ۾ ريس پيدا ٿئي).

(3) مائٽن سان مائٽي ڳنڍڻ، اگرچہ هو ڇنن.

(4) ڪنهن کان ڪجهہ بہ نہ گهرڻ.

(5) حق چئي ڏيڻ پلي ڪنهن کي نہ وڻي.

(6) دين جي ڪم ۾ ڪنهن کان بہ نہ ڊڄڻ، چڱي ڪم بابت چوڻ ۾ بُري ڪم کان روڪڻ، ڪنهن جي بہ طعني ملامت کان نہ ڊڄڻ.

(7) لاحول ولاقوة جا لفظ اڪثر زبان تي آڻڻ.

حضرت ابوهريره رضہ کان روايت آهي تہ بيبي عائشہ صديقہ رضہ هڪ چادر ۾ هڪ گوڏ ٿلهڙين پيل حويليءَ مان ڪڍي اسان کي ڏيکاري ۾ فرمايائين تہ هنن ٻن ڪپڙن ۾ حضور ﷺ جن دنيا ڇڏي هئي. هيءَ انهيءَ وقت جو ذڪر آهي جنهن وقت اسلام جو غلبو هو ۽ رب فرمايو هو تہ:

اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَاَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَرَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا (آيت 3 - سورة المائده)

(اڄ ڪامل ڪيو مون اوهان لاءِ دين اوهان جو ۽ پوري ڪئي مون اوهان تي نعمت پنهنجي ۽ اوهان جي اسلام قبول ڪرڻ ڪان آءٌ راضي ٿيس).

اگرچہ الله تعاليٰ حضور ﷺ جن ۽ سندن ساٿين تي پنهنجي مهرباني پوري ڪئي هئي ۽ ڪين دشمنن ۽ ڪافرن تي فتح بخشي هئي، ۽ دنيا ۽ دولت بہ غنيمت ۾ گهڻي ئي پئي ملي، پر جيڪي حضور ﷺ جن کي ملندو هو سو پنهنجو سمجهندا ئي ڪين هئا. مسڪينن يتيمن بيواهن کي پهچائي ڏيندا هئا. پاڻ اهي ئي مسڪيني ۾ گذاريندا هئا:

فَصَلَوَاتُ اللهِ عَلَيٰ ذَالِکَ النَّبِي الَّذِيْ کَانَ صَابِرًا عَلَيٰ الضَّرَاءَ وَشَاکِراً عَلَيٰ النَّعَمَاءِ وَعَلَيٰ آلِہ وَ اَصْحَابِہ وَبَرَکَاتِہ وَ تَسْلِيْمَاتِہ

حضور ﷺ جن جي مهمان نوازي

حضور ﷺ جن اگرچہ مسڪين رهندا هئا، دنيا ۽ دولت بظاهر ڪانہ هين ۽ پاڻ جائي جواري تي گذارڻ پسند ڪندا هئا. اهڙي تنگ حال گذارڻ ۾ سيڪنهن جي جرئت هوند نہ ٿئي جو دل ڪشادي ڪري مهمان نوازي جا پورا حق بجاءِ آڻي. پر حضور ﷺ جن مسڪيني هوندي بہ دريا دلي سان مهمانن کي رهائيندا، ڪارائيندا، پياريندا، خدمتگذاري ڪندا ۽ انهن کي سکيو رکندا هئا. مهمان ڪنهن بہ مذهب، متي، دين ۽ ڌرم جو هوندو هو يا ڪهڙو بہ بچڙو يا نالائق هوندو هو تہ بہ حضور ﷺ جن ان جي خاطري ڪندا هئا. فرمائيندا هئا تہ مهمان جي خدمت اسلام جي ضروري اخلاق مان آهي. جيڪڏهن ڪي بہ ڄڻا پاڻ ۾ وڙهيل هوندا هئا تہ بنهي جي پاڻ سونهارا مهماني ڪندا هئا. هڪڙي کي ڪين سڏائيندا هئا. پاڻ نهايت خليق، ملنسار ۽ مهمانن سان کِلي هلڻ وارا هئا. هڪڙي دفعي مڪي جا ڪجھ ڪافر اچي سندن مهمان ٿيا. اصحابن سونهارن چا ڪيو جو هڪڙي هڪڙي جي مهماني، هڪڙي هڪڙي پاڻ تي ڪئين. مگر هڪڙو ڪافر اهڙو تہ شرير هو جنهن کي ڪوبہ اصحابي جرئت ڪري پاڻ وٽ مهمان نہ پيو ڪري. حضور ﷺ جن انهيءَ شرير کي پنهنجو مهمان ڪيو، ۽ پاڻ وٽ وٺي ويس. مگر هو اهڙو تہ ڪو ڪائو بلا هو،

جنهن حضور ﷺ جن وٽ ايترو گهڻو کاڌو جو جيڪي حويليءَ ۾ سيني گهرَ جي ڀاتين اهل بيتن لاءِ تيار ٿيو هو، سو اُهو هڪڙو ئي کائي ويو، رڳو هن لاءِ تہ ڀلي تہ حضور ﷺ جن جا سڀ ماڻهو بک مرن. هن جڏهن کائي ڍؤ ڪيو تڏهن حضور ﷺ جن کيس هڪ خلاصي ڪوٺڙي ۾ وٺي وڃي سمهاريو، ۽ چڱو هنڌ وڇائي ڏنائونس. خدا جي قدرت! اهڙي اڃي بدهضمي ٿيس جو ساري رات پٽي دست ٿيس. جڏهن پره ڦٽي تڏهن هو شرم کان سوير ئي نڪري ڪاڏي هليو ويو. حضور ﷺ جن صبح جو آيا، چا ڏسن تہ سارو مڪان غلاظت سان ڀريو پيو آهي، بسترو سڀ ناپاڪ ڪري ڇڏيو هئائين- حضور ﷺ جن کي افسوس ٿيڻ لڳو تہ اسان جو مهمان شايد رات بيمار ٿي پيو آهي، ڪنهن سندس خبر ڪانہ لڌي آهي ۽ خدمت ڪانہ ڪئي آهي، انهيءَ ڪري ناراض ٿي هليو ويو آهي. پاڻ سونهارن چا ڪيو، جو هن جا وڇايل ۽ خراب ڪيل ٿپڙ ويهي پنهنجن پاڪ هٿن سان ڌوئڻ ۽ صفا ڪرڻ لڳا. اصحاب سونهارن، جو حضور ﷺ جن کي اهڙو ڪم ڪندي ڏٺو، تن زور سان عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ، ڀاڃهہ ڪري اوهين اِهو ڪم ڇڏي ڏيو، اسان کي ڇڏيو تہ اسين صاف ڪري ڏيون. پاڻ سڳورن فرمايو بابا، هي اسان جو مهمان هو، پنهنجي مهمان جي خدمت بہ پاڻ ڪجي. خدا جي قدرت! اِهو شخص، جو حضور ﷺ جن وٽ مهمان هو، سو پنهنجي نهايت عمدي ۽ قيمتي ترار انهي ڪونيءَ ۾ وساري ويو هو، تنهن کي بہ جلد ئي ياد آئي، لاچار انهي جي ڪڻڻ لاءِ موٽڻو پيس. آيو، اچي ڏٺائين تہ مارا حضور ﷺ جن پاڻ پنهنجي سر هھڙو ڪم پيا ڪن، ۽ جيڪي اصحاب سونهارا پيا اچن، سي ڏاڍي عاجزيءَ سان پيا ليلهائين تہ حضور ﷺ جن اسان کي ڇڏيو تہ اسين ڌوئون. اسان جا ماءُ - پيءُ توتي قربان، اسين تڏهن ڇا جي لاءِ آهيون.

انهيءَ روايت کي مولانا روم واري، مثنوي شريف ۾ هن طرح لکيو ويو آهي:

هر كسي مي گفت كز بهر خدا

(سيڪنهن پئي چيو تہ واسطي خدا جي).

جان ما و جسم ما قربان ترا

(جان ۽ جسم اسان جو توتان صدقي).

ما بشوئيم اين حدث را توبهل

(ڇڏ تہ اسين هي غلاظت ڌوئون).

كار دست است اين نہ كارجان و دل

(هي ڪم اسان پارن جي هٿن جو آهي،

نہ اوهان جهڙن جان ۽ دل جو).

ما بَرائي خدمت تومي زئيم

(اسين سائين جن جي خدمت لاءِ پيا جيون).

چون تو خدمت مي كني پس ماكئيم

(جڏهن سائينجن پاڻ خدمت ڪندا تہ

پوءِ پلا اسين وري ڪير آهيون).

اِها حالت ڏسي اُهو شخص ڏاڍو شرمندو ٿيو ۽ ڏاڍو پڇتاياڻين. اهڙو حال ٿيس جو زور سان بي اختيار دانهون ڪري روئڻ لڳو. حضور ﷺ جن پنهنجي مهمان جي اهڙي پشيماني ۽ گريو زاري ڏسي، ڏاڍي نوازش سان ساڻس ڳالهائڻ لڳا ۽ احوال وٺي ترار ڪٽي ڪيس ڏنائون. مگر هن ڪان تہ سڀ ڳالهيون ويون وسري ۽ جهڙو هو شاهي شرير، اهڙوئي ٿي پيو غريب ۽ شريف. اخلاق محمدي ڏسي حيران ٿي ويو ۽ عرض ڪرڻ لڳو تہ يا رسول الله، تنهنجي اخلاق تہ مون کي موهي تنهنجو غلام ڪري ڇڏيو آهي! ائين چئي ڪلمو پاڪ اشهد ان لااله الاالله واشهد ان **محمد** رسول **الله** پڙهي مسلمان ٿيو. حضور ﷺ جن مهمان جي خاطرداري نہ فقط پاڻ ڪندا هئا، بلڪ هميشه پنهنجي اُمت کي اِها هدايت ڏيندا رهندا هئا، ۽ فرمائيندا هئا تہ اكرموا ضيفكم. عزت ڏيو پنهنجي مهمان کي.

اللهم صلي عليٰ سيدنا محمد وعليٰ آله واصحابه و بارک وسلم.

حضور ﷺ جن جي پنهنجي حويلي ۾ هلت چلت، خانہ داري ۽ گهر جو ڪم ڪار ڪرڻ

حضور ﷺ جن حويليءَ ۾ اندر ويندا هئا تہ هميشه خوشرو تي ويندا هئا. حويلي جي ماڻهن سان نرم تي ڳالهائيندا هئا. ۽ خوش طبعي بہ ڪندا هئا. پنهنجي نياڻي بيبي فاطمہ خاتون جنت رضي الله تعاليٰ عنها جي مٿي تي پاڻ سونهارا چمي ڏيندا هئا ۽ ڏاڍو پيار ڪندا هئا. حضور ﷺ جن پنهنجن رفيقن ۽ حرمن بيبن سان اهڙيءَ طرح هلندا هئا. جو جڻ پاڻ بہ منجهان هڪڙائي آهن، ۽ سيڪنهن سان چڱو سلوڪ رکندا هئا. بيبي عائشہ صديقہ رضہ فرمايو تہ آءٌ جيڪڏهن ڪجهہ گهرندي هيس ۽ ڪنهن شيءِ تي سڌ ٿيندي هيم تہ حضور ﷺ جن منهنجو چيو مڃيندا هئا. جنهن ٿانو ۾ آءٌ پيئندي هيس انهيءَ ئي ٿانو ۾ انهيءَ هنڌان حضور ﷺ جن بہ پيئندا هئا. گوشت جي اوبر جيڪا آءٌ ڪري ڇڏيندي هيس، حضور ﷺ جن سا کائيندا هئا. مون وٽ اچي ويهندا ۽ قرآن شريف پڙهندا هئا. حضور ﷺ جن انصارن جون نياڻيون اندر حويليءَ ۾ بيبي عائشہ صديقہ رضہ سان راند ڪرڻ ۽ وندرڻ لاءِ موڪليندا هئا. حضور ﷺ جن اندر حويليءَ ۾ حرمن پاڪن سان گڏ هڪڙي ئي ٿانو ۾ گڏجي بہ کائيندا هئا. جيڪڏهن بيبي عائشہ رضہ ڪاوڙبي هئي تہ پاڻ چوندا هوس، هي دعا پڙهہ تہ ڪاوڙ لهي وڃئي:

اَللّٰهُمَّ رَبَّ مُحَمَّدٍ اِغْفِرْلِي ذَنْبِيَ وَ اذْهَبْ غَيْظَ قَلْبِيَ وَ اَجِرْنِيَ مِنْ مُضِلاَّتِ الْفِتَنِ

(اي خدا، اي رب مُحمّد، جا بخش مون کي منهنجا گناهہ ۽ منهنجي دل جي ڪاوڙ لاهہ ۽ دنيا جي فتنتن فسادن کان مون کي بچاءِ).

جيڪڏهن ڪو حرم سونهارو وفات ڪري ويندو هو تہ بہ پاڻ سونهارا انهيءَ جي ساهيڙين کي عزت ۽ تعظيم ڏيندا هئا انهيءَ حرم

جي محابي. بيبي خديجة الڪبريٰ رضہ جي وفات ڪان پوءِ جيڪڏهن ڪا شيءِ يا سوکڙي وڻن ايندي هئي تہ پاڻ بيبي صاحبہ جي ساهيڙين ڏانهن ڏياري موڪليندا هئا. پاڻ گهڻو ڪري حرمن پاڪن تي ڪاوڙ ڪانہ ڪندا هئا ۽ ڪين هر طرح راضي رکڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. جيڪڏهن منجهن ڪو فيصلو ڪرڻو پوندو هون تہ انصاف سان ڪندا هئا. ڪنهن جي بہ پاس خاطري نہ ڪندا هئا. پاڻ فرمائيندا هئا تہ اوهان ۾ چڱو مرد اُهو چئبو، جو پنهنجي اهل سان چڱو تي هلي. آءُ بہ پنهنجي اهل سان چڱو تي هلندو آهيان. حضور ﷺ جن کي ڪيترائي حرم هئا مگر سيني کي راضي رکندا هئا. ڪنهن کي بہ شڪايت جو سبب نہ ملندو هو. پنهنجن حرمن پاڪن کي قرآن ڪريم سيکاريندا ۽ دين جي تعليم ڏيندا هئا. زالن ۾ اسلام ۽ دين ڦهلائڻ جي مدد پنهنجن حرمن ڪان وٺندا هئا. بيبي عائشہ رضہ وٽان زناني مذهبي تعليم دنيا کي گهڻي ملي ۽ گهڻيون بيبيون بہ انهيءَ مطلب لاءِ هيون تہ زنانيون مذهبي ڳالهيون اُهي حضور ﷺ جن ڪان سِکن ۽ پوءِ مسلمانن جي زالن کي ٻڌائين تان تہ زنانہ شرعي مسئلا ۽ ضرورتون بہ پوريون تي وڃن، رهجن نہ. حضور ﷺ جن اندر حويلي ۾ حويلي جا ڪم ڪاريون بہ ڪندا هئا. پاڻي پيئڻ ڪؤنرو پرڻ اهڙي قسم جا ٻيا ڪم پاڻ پنهنجن هٿن سان ڪندا هئا. پنهنجن ڪپڙن کي ٽوپو ٽانڪو بہ پاڻ ڏيندا هئا. پنهنجون جُتيون پاڻ صفا ڪندا هئا. ٻڪريون پنهنجون پاڻ ڏُهندا هئا. پنهنجن هٿن سان پاڻ ڪم ڪرڻ ۾ ڪو عيب ڪين سمجهندا هئا. حرم پاڪ بہ سندن اِهي اخلاق ڏسي ۽ سندن اهڙي سادگي پسي، ڏاڍو سندن ادب ڪندا هئا.

فَصَلواتُ اللهِ عَلَيۡهِ وَعَلَيٰ آلِہٖ وَاَصۡحَابِہٖ وَبَرَڪَاتُہٗ وَتَسُلِيُمَاتُہٗ.

حضور ﷺ جن جي پرهيزگاري ۽ دنيا ڪان بيپرواهي

حضور ﷺ جن جيڪا بہ الله جي مخلوق جي ڀلي جي ڪوشش ڪئي ۽ جو ڪجهہ پاڻ سونهارن جاهلن کي سمجهايو، گمراهن کي هدايت ڏني، بي راهن کي راهہ لاتو، بي علمن ۾ علم جو روح ڦوڪيو،

خلق کي خدائي پيغام پهچايو. انهيءَ کري تڪليفون سنيون، مصيبتون سر تي سهايون، قسمين قسمين ايذاءَ ڏنا. اهي سڀ خدا ڪارڻ ڪيائون ڪو غرض يا مطلب ڪونہ هئن. جيڪڏهن ڪو غرض يا مطلب هئن تہ اهوئي هئن تہ گمراهہ هدايت وارا ٿين. وحشين ۽ مِرن جهڙا انسان ڪامل انسان بڻجن. خدا جي زمين تان فتنو ۽ فساد بند ٿئي. الله پاڪ کي نہ مڃيندڙ رب ڪريم کي مڃين. غير خدا جي آڏو سجدا ڪندڙ، مولا سائين جي اڳيان ڪنڌ نمائين ۽ سجدو ڪن. بس انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو ذاتي، نفساني، دنيائي غرض ڪونہ هئن. پاڻ سونهارا جهڙا اول ۾ مسڪين هئا تهڙائي آخر تائين مسڪين رهيا. اگرچہ ڪين رب تعاليٰ ملڪ ۽ خلق جو بادشاهہ بنايو. سندن ساٿين کي بہ، جي اڳي مسڪين هئا. الله پاڪ غني ۽ دولتمند ڪيو، پر تہ بہ پاڻ اُهي ئي فقير ۽ مسڪين ٿي رهيا. خلق جي خير خواهي ۽ نگهباني، پر گهور ۽ سنڀال، ملڪ جو انتظام ۽ بندوبست، ماڻهن جا فيصلا ۽ نبيرا، گنهگارن کي سزائون ۽ بيگناهن کي آزادي، اِهي ڪم بادشاهن جهڙا ڪندا هئا. مگر انهيءَ پورهئي جو نہ ڪو عوض گهرندا هئا نڪو اُجورو وٺندا هئا بلڪ صاف فرمائيندا هئا تہ:

لَا أَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ أَجْرًا

(انهيءَ خدمت بابت (اي قوم) اوهان کان آءٌ ڪجهہ بہ اُجورو نٿو گهران).

ڪين ملڪ گيري جو خيال ڪونہ هو، نڪو دولت ۽ ٽڪن گڏ ڪرڻ جو. هي تہ خسيس خيالن وارن جو ڪم آهي، حضور ﷺ جن جا خيال بلڪل اعليٰ ۽ اوچا هئا. هو دنيا جا هادي، رهنما ۽ مرشد ٿي آيا هئا. هو انسانن کي سڌارڻ لاءِ آيا هئا نہ دنيا دولت هٿ ڪرڻ لاءِ. پاڻ سونهارا وقت بوقت قوم کي هن طرح فرمائيندا هئا.

مَا أَطْلُبُ أَمْوَالَكُمْ وَلَا الشَّرَفَ فِيكُمْ - وَلَا الْمُلْكَ عَلَيْكُمْ

(آءٌ اوهان جا مال ڪونہ ٿو گهران نہ اوهان ۾ پنهنجي بزرگي جو طالب آهيان، نہ اوهان تي بادشاهي ڪرڻ گهران ٿو).

ڪين ڪافرن مشرڪن جي طرفان ڪيترا دفعا مال ۽ دولت جي آڇ ٿي، حڪومت ڏيڻ جا اشارا مليا. مگر پاڻ انهن سيني واهيات ڳالهين کان بيزار رهندا هئا. عتبه بن ربيعه ڪافرن جي طرفان وڪيل ٿي حضور ﷺ جن جي خدمت ۾ آيو ۽ اچي عرض ڪيائين ته هي جو اوهان پاڻ کي رسول ۽ نبي سڏايو ٿا، انهيءَ مان جيڪڏهن اوهان جو مطلب دولت ڪمائڻ جو هجي ته اسين چندو ۽ ڦوڙي ڪري توهان کي ايترو مال ۽ دولت ڏيون، جو اسان مان ڪنهن وٽ به نه هجي. جيڪڏهن اوهان کي عزت ۽ وڏماڻهپائي جي خواهش هجي ته فڪر نه آهي. اسين توهان کي پنهنجو سردار ۽ رئيس بنايون. توهان جي مرضي ۽ حڪم کان سواءِ ڪجهه به نه ڪنداسين. جيڪڏهن ساري عربستان جا بادشاهه ٿيڻ گهرو ٿا ته ڪٺي اثين ڪنداسين. جيڪڏهن اِهي سڀ ڳالهيون نه آهن، ڪنهن مرض ۽ سوداءَ جو سبب آهي ته دوا دارونءَ جو بندوبست ڪريون، ڪو ويج طبيب آڻيون؟ حضور ﷺ جن عتبه جا اهي ٻول ٻڌي ڪيس ڪلام اِلاهي جون ڪي اثر واريون آيتون ٻڌائڻ لڳا، جن کي ٻڌي، عتبو حيران ۽ اثر وارو ٿي ويو. تنهن کان پوءِ پاڻ سونهارن سندن ٻڌايل ڳالهين بابت هيئن فرمايو: پاڻ فرمايائون ته جيڪي تو چيو مون کي انهن مان ڪا شيءِ به نه گهرجي. آءٌ اوهان کي دين حق هن لاءِ ڪونه ٿو سيڪاريان ته اوهان کان مال مليم، نه مون کي اوهان تي سرداري ۽ بادشاهي ڪرڻ جو خيال آهي . مگر مون کي الله تعاليٰ اوهان ڏي پنهنجو رسول ۽ قاصد ڪري موڪليو آهي. مون تي پنهنجي حڪمن جو ڪتاب نازل فرمايو اٿس ۽ مون کي حڪم ڪيو اٿس ته آءٌ اوهان کي سندس رحمت جي بشارت ڏيان ۽ سندس غضي ۽ غضب کان اوهان کي ڊيجاريان، سو مون توهان کي پنهنجي رب ڪريم جو پيغام پهچائي ڏنو ۽ توهان کي توهان جي خير خواهي جون ڳالهيون ٻڌايون. جيڪي مون کي منهنجو رب سمجهائي ٿو، ۽ مون ڏي موڪلي ٿو. جيڪڏهن اوهان مڃو ته دنيا ۽ آخرت ۾ اوهان جي سعادت ۽ نيڪ بختي آهي ۽ جيڪڏهن نه مڃيندؤ ته آءٌ صبر ۾ رهندس،

جيسين منهنجو مولا اوهان ۽ منهنجي وچ ۾ پاڻ فيصلو نہ ڪري. اهو سارو ذڪر سيرت هاشمي ۾ آندل آهي.

هڪڙي ڏينهن قبيلي بني صعصعه جي هڪڙي شخص بحيره بن فراس حضور ﷺ جن کي چيو تہ پلا هي تہ ٻڌايو. جيڪڏهن اسان اوهان جي تابعداري ڪئي ۽ خدا اوهان کي دشمنن تي غالب بہ ڪري وڌو تہ اوهان کان پوءِ ملڪ جي حڪومت اسان کي ملندي؟ حضور ﷺ جن فرمايو تہ سڀ ڪم الله پاڪ جي هٿ وس آهن، جتي وڻندس اُتي ڏيندو. مسيلمه ڪذاب بہ حضور ﷺ جن جي زماني مبارڪ ۾ نبوت ۽ پيغمبري جي ڪوڙي دعويٰ ڪئي هئي تہ آءُ بہ خدا جو پيغمبر آهيان. انهيءَ سان بہ لک کن ماڻهو ملي ويا هئا. انهيءَ حضور ﷺ جن کي لکيو تہ جيڪڏهن اوهين مون کي پنهنجو خليفو ۽ جاءِ نشين ڪريو تہ جيڪي منهنجا تابع ٿيا آهن، سڀ اچي اوهان جي خدمت ۾ حاضر ڪريان. انهيءَ وقت حضور ﷺ جن جي هٿ مبارڪ ۾ کجيءَ جي ڇڙهي هئي، پاڻ فرمايائون تہ تون رڳو هي ڇڙهي مون کان گهرندين تہ بہ توکي نہ ڏيندس. خداوند ڪريم جو حڪم تنهنجي حق ۾ جيڪو ٿيل آهي، تنهن کان تون ڪاڏي وڃي ٿو سگهين ؟ جيڪڏهن تون مون کي نہ مڃيندين ۽ منهن موڙيندين تہ خدا توکي هلاڪ ڪندو. خدا جو شان! ٿيو بہ ائين برباد ٿي ويو. خانو خراب ٿي ويس! حق آخر باطل تي فتحمند ٿيو. حضور ﷺ جن نہ فقط پاڻ کي دنيائي دولت کان بيپرواه ۽ پري رکيو هو، بلڪ پنهنجي آل اولاد ۽ پنهنجي قبيلي بني هاشم کي بہ اهڙي طمع ۽ لالچ کان دور ڪري ڇڏيو هو. ذات صدقو ۽ زڪواة پنهنجي اولاد ۽ پنهنجي مائٽن بني هاشم تي حرام ڪري ڇڏيائون. ساداتن ۽ هاشمين کي خيرات، صدقات ۽ زڪوات وٺڻ حرام آهي، اگرچہ هو غريب هجن. هڪڙي ڏينهن حضرت امام حسن عليه السلام خير سان اڃان ننڍڙا ٻار هئا تہ صدقي جي کجور مان هڪڙي ڳرڙي، کڻي وات ۾ وڌائون، حضور ﷺ جن يڪدم وات مان ڪڍي کڻي ٻاهر اُڇلائي. فتح جي وقت جيڪي مال اسباب هٿ ايندو هو، سو سڀ يتيمن مسڪينن،

مسافرن، مهاجرن ۽ انصارن کي ڏيندا هئا ۽ ديني ضرورتن ۾ خرچ ڪندا هئا. وفات کان پوءِ جيڪڏهن ڪا ملڪيت هجي ته ان لاءِ به صاف فرمائي ڇڏيائون ته:

لاَ نُوْرِثُ مَاتَرَكْنَاه صَدُقَةٌ

(اسين ڪجهه به پوئتي ورثو نه ڇڏي ويندا آهيون، جيڪي هوندو، سو صدقه ۽ خيرات هوندو.)

پڇاڙيءَ واري سخت بيماريءَ ۾ به ايترو پئسو ڪو نه هو جو گهر جو خرچ هلي سگهي. وٽن هڪڙي زره هئي، سا هڪڙي يهودي وٽ گِهه رکي گذران پئي ڪيائون. وٽن ڪڏهن به ست_اٺ سير آن حويلي ۾ رات جو نه رهندو هو، حالانڪ سندن عيال به وڏو هوندو هو. هڪڙي ڪتي ۽ ٽڏو هوندو هو. بيو الله الله خير صلاح! جيڪي وٽن هوندو هو اُتي جو اُتي الله جي وات ۾ خرچي ڪپائي ڇڏيندا هئا ۽ پاڻ ائين پيا فرمائيندا هئا ته الفقرفخري_ غريبت منهنجي لاءِ فخر آهي.

اللهم صل عليٰ سيدنا محمد وعليٰ آله، واصحابه و بارڪ وسلم

حضور ﷺ جن جي عبادت، رياضت ۽ خوف الاهي رکڻ

پاڻ سونهارا هر وقت الله پاڪ جي ذڪر ۽ فڪر ۾ هوندا هئا، اُٿئي ويٺي، هلندي چلندي، ستت ئي ليٽي پنهنجي مولا کي ياد ڪندا رهندا هئا. رب ڪريم کان اهڙيءَ طرح دعائون گهرندا هئا، جهڙي طرح عاجز ۽ نماڻو ٻانهو پنهنجي سائينءَ کان گهري، اگرچه پاڻ سونهارا الله تعاليٰ جا پيارا پيغمبر ۽ محبوب مرسل ۽ سڳورا نبي هئا. رب تعاليٰ جون مٿن هزارين مهربانيون ۽ نوازشون هيون. ڪين الله تعاليٰ پاڪ صاف ۽ بخشيل ڪري ڇڏيو هو. حضور ﷺ جن کان ڪو وڏو گناه ٿيڻوئي ڪونه هو، مگر تنهن هوندي به پاڻ سڳورا الله تبارڪ و تعاليٰ کان حد کان وڌيڪ ڊجندا ڪنبندا هئا. سدائين سندن پاڪ دل ۾ خوف خدا ويٺل هو. رب ڪريم اگرچه ڪين پنهنجو مقرب ۽ محبوب ڪيو هو، سڀني نبين کان افضل ۽ اعليٰ مرتبو ڏنو هو، پر تنهن هوندي به پاڻ، پاڻ کي عبده و

رسوله يعني الله تعاليٰ جو ٻانهو ۽ قاصد سڏائيندا هئا. الله جي ٻانهڙي چوائڻ ۾ ڪين مزو ۽ لذت ايندي هئي. پاڻ رب جي ٻانهي ڪوٺائڻ ۾ ڏاڍا خوش ٿيندا هئا. سچ آهي:

خواجه گر لطف بيعدد راند،
بنده بايد ڪه قدر خود داند.
(سائين جيڪڏهن مهرباني گهڻي ڪري،
ته ٻانهي کي پنهنجو قدر سڃاڻڻ گهرجي.)

پاڻ قرآن ڪريم اڪثر پڙهندا هئا ۽ جڏهن ڪا رحمت جي آيت پڙهندا هئا ته سندن منهن مبارڪ مرڪندو هو ۽ خوش ٿيندا هئا ۽ جيڪڏهن عذاب جي آيت پڙهندا هئا ته دهلجي ويندا هئا ۽ خوف کان سندن منهن مبارڪ ئي متغير ٿي ويندو هو. هن مان سيڪو منصف مزاج انسان سمجهي سگهندو ته خود حضور ﷺ جن به قرآن ڪريم کي اهڙيءَ طرح ڪلام الاهي ڪري مڃيندا هئا، جهڙي طرح پاڻ مسلمان ڪري مڃون ٿا ۽ هرگز حضور ﷺ جن قرآن ڪريم کي پنهنجو بنايل ڪتاب يا پنهنجو ڪلام ڪين سمجهندا هئا. جيڪڏهن (نعوذ بالله) سمجهندا هجن ها ته هرگز ايتري قدر پاڻ پڙهي، پاڻ اثر وارا نه ٿين ها. پاڻ ڪريم جن اڪثر قبله ڏي منهن ڪري ويهندا هئا. حضور ﷺ جن فرمائيندا هئا ته آءٌ اوهان کان وڌيڪ مولا سائينءَ کان ڊڄان ٿو ۽ مون کي اوهان کان وڌيڪ پنهنجي سائينءَ جو ڊپ دل ۾ وينل آهي. اهڙيءَ طرح صحيح بخاري شريف ۾ آهي ته حضور ﷺ جن فرمائيندا هئا: ”آءٌ اوهان کان وڌيڪ پنهنجي سائينءَ کي سڃاڻان ٿو ۽ اوهان کان وڌيڪ الله پاڪ کان ڊڄان ٿو.“ پاڻ نماز نهايت نياز ۽ نوڙت سان پڙهندا هئا. تهجد (پوئين رات جي نماز) ۾ ته پاڻ سونهارا ايترو بيهندا هئا، جو سندن قدم مبارڪ ئي سڄي پوندا هئا. هڪڙي ڏينهن اصحابن عرض ڪيو، حضور ﷺ سائين جن ايتريقدر تن کي تصديع ۽ تَسيو ڇو ٿا ڏين؟ الله تعاليٰ ته حضور ﷺ جن کي بلڪل بخشي پاڪ ڪري ڇڏيو آهي، پاڻ فرمايائون:

"اَفَلاَ اَكُوْنَ عَبْداً شَكُوْراً"

(ڇا آءٌ الله جو شڪر گذار ٻانهون نہ ٿيان)

يعني: جيڪڏهن مولا سائين پنهنجي مهرباني ڪري مون کي بخشي ڇڏيو آهي تہ آءٌ سندس انهيءَ عنايت ۽ لطف جي شڪريہ بجا آڻڻ لاءِ عبادت ڪريان ٿو.

صحيح مسلم ۾ حضرت انس رضہ کان روايت آهي تہ حضور ﷺ جن فرمايو: مون کي قسم آهي انهيءَ ذات پاڪ جو جنهن جي قبضي قدرت ۾ محمّد (عليہ الصلوٰة والسلام) جي جان آهي، جيڪي آءٌ ڏسان ٿو، سو جيڪڏهن اوهين ڏسو تہ ضرور کِلو ٿورو ۽ رئو گهڻو. اصحابن عرض ڪيو، حضور ﷺ سائينجن ڇا ڏٺو آهي؟ فرمايائون: بهشت ۽ دوزخ. حضور ﷺ جن ڪٿي ڪيتري بہ عبادت رب جي ڪندا هئا، ڪيتري بہ الله جي تعريف ۽ حمد ڪندا هئا، مگر تہ بہ هميشه هيئن فرمائيندا هئا:

سُبُحَانَکَ مَا عَبَدُنَاکَ حَقَّ عِبَادَتِکَ

(پاڪ آهين تون نہ عبادت ڪئيسين تنهنجي، حق عبادت تنهنجي جو.)

لاَ أُحُصِيْ ثَنَاءً عَلَيْکَ اَنْتَ کَمَا اَثْنَيْتَ عَلٰي نَفْسِکَ

(نہ ڳڻي سگهان ٿو ساراهہ تنهنجي، جيئن تو پاڻ پاڻ کي ساراهيو آهي.)

بعضي بعضي قرآن ڪريم جي ڪا آيت حضور ﷺ جن جي قلب مبارڪ تي ايترو تہ اثر ڪندي هئي ۽ ڪين اهڙو تہ مزو ڏيندي هئي، جو انهيءَ ئي کي نماز ۾ پڙهندي پڙهندي رات پوري ڪندا هئا. حضرت ابن مسعود رضہ کان روايت آهي تہ هڪڙي رات مون حضور ﷺ جن سان گڏ نماز پڙهي. پاڻ نماز ۾ ايترو تہ خير سان بيٺا جو آءٌ تہ تڪجي پيس ۽ ارادو ڪيم تہ ويهي رهان. حضرت اُم المؤمنين بيبي حفصہ رضہ

ڪان روايت آهي تہ پاڻ سونهارا نفل نماز ويهي پڙهندا هئا ۽ نفل نماز ۾ ننڍيون ننڍيون سورتون پڙهندا هئا، پر اهڙي نرمي ۽ ٺاهہ سان پڙهندا هئا، جو گهڻي دير لڳندي هين. بيبي اُم سلمہ رضہ ڪان روايت آهي پاڻ سونهارا وفات ڪان اڳ ويهي صعف سببان نماز پڙهندا هئا. پر انهيءَ حال هوندي بہ فرض نماز بيهي پڙهندا هئا. حضرت انس رضہ جو چوڻ آهي تہ حضور ﷺ جن جماعت واري نماز ۾ سيني ڪان وڌيڪ هلڪائي ڪندا هئا ۽ جڏهن اڪيلا پڙهندا هئا تہ چڱيءَ طرح ڏگهي ڪري پڙهندا هئا.

حضرت اسود اصحابي رضہ بيبي عائشہ صديقہ رضہ ڪان حضور ﷺ جن جي رات واري نماز بابت پڇيو-بيبي صاحبہ فرمايو تہ حضور ﷺ جن نماز سومهاڻي ڪان پوءِ رات جي اوائل ۾ سمهي رهندا هئا، پوئين رات جو اُٿي عبادت ڪندا هئا ۽ پره ڦٽي ڪان اڳ وتر پڙهي ڇڏيندا هئا. پوءِ اچي پنهنجي بستري تي آرام ڪندا هئا ۽ بانگ ٻڌڻ تي وري اُٿندا هئا. جيڪڏهن ڪين وهنجڻ جو ضرور هوندو هو تہ وهنجندا هئا، نہ تہ وضو ساري خير سان نماز لاءِ نڪرندا هئا. پاڻ سونهارا پنهنجي عام اُمت لاءِ رحمت جي سببان ۽ پنهنجي[1] گنهگار اُمت لاءِ شفقت ۽ ٻاجهہ سببان گهڻو روئندا هئا.گهڻو ڪري رات جي نماز ۾ تہ واڪا ڪري پاڻ سونهارا روئندا هئا. قرآن ڪريم ٻڌندا هئا تہ گهڻو روئندا هئا. رمضان شريف ۾ تہ ايتري قدر عبادت ۽ رياضت ڪندا هئا، جو سندن چهري مبارڪ جو رنگ ئي ڦري ويندو هو. نماز تمام گهڻي پڙهندا هئا ۽ پنهنجي مولا ڪان دعا تمام عاجزيءَ ۽ نماڻائيءَ سان ليلهائي ليلهائي، ٻاڏائي ٻاڏائي گهرندا

---

(1) حضور ﷺ جن پنهنجي گنهگار اُمت لاءِ ايتري قدرفڪرمند ٿي روئڻ-افسوس، جو اسين گنهگار ناهنجار پنهنجن گناهن تي پاڻ ذرو بہ نہ پڇتايون ۽ نہ روئون. حيف اسان جي حال تي!ارڳو شيطان جي ڦوڪن تي حضور ﷺ جن جي شفاعت ۾ وڏيون وڏيون اُميدون رکون، مگر گناهن ڪان توبہ اصل نہ ڪريون، بلڪ انهيءَ خيال جي ڪري گناهن تي خوب زور رکون. اها اسان جي مسلماني اها اسان جي ايمانداري نہ ڇڻبي. ڀائرو! ذرا خيال ڪريو-شيطان جي گمراهہ ڪرڻ تي گمراهہ نہ ٿيو- والله الهادي.

هئا. رمضان جي پوئين ڏهي ۾ ته ساريون راتيون جاڳندا ۽ حويليءَ جي ماڻهن کي به جاڳائيندا هئا. پاڻ سونهارا رمضان شريف جي پوئين ڏهي ۾ اعتڪاف[1] ڪندا هئا. رمضان شريف جي مهيني ۾ گهڻو ڪري سيني قيدين کي ڇڏي ڏيندا هئا. گهڻي سخا ۽ ڏاتاري ڪندا هئا. پاڻ فرمائيندا هئا، ته نماز فرض مسجد ۾ پڙهڻ چڱو آهي ۽ ٻيون نمازون يعني نفل ۽ سنتون گهر ۾ پڙهڻ بهتر آهن، تان ته گهر ۽ گهر وارن کي به برڪت ملي.

حضرت حذيفه اصحابي رضہ کان روايت آهي ته پاڻ سونهارا جڏهن ڪنهن غم کان غمگين ٿيندا هئا ته نماز زياده پڙهڻ لڳندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ته شعبان ۽ رمضان ٻنهي مهينن ۾ لاڳيتا روزا رکندا هئا. حضرت عبدالله بن مسعود رضہ کان روايت آهي ته پاڻ هر مهيني جي پهرين تاريخ کان وٺي ٽن ڏينهن تائين به روزا رکندا هئا ۽ جمعي جو روزو ته گهڻو ڪري رکندا هئا. حضرت ابن عباس رضہ کان روايت آهي ته حضور ﷺ جن ايام ٻبض يعني چانڊوڪي وارا ڏينهن (13_14_15) انهن تاريخن ۾ به روزو رکندا هئا. سفر ۾ هوندا هئا يا وطن ۾، ته به نه ڇڏيندا هئا. حضرت علي رضہ کان روايت آهي ته پاڻ محرم جي ڏهين تاريخ جو روزو رکندا هئا ۽ ٻين کي به انهيءَ ڏينهن روزي رکڻ جي هدايت ڪندا هئا. سندن دل مبارڪ ۾ ايتري قدر ته رب تعاليٰ جو خوف ويٺل هو، جو هڪڙي ڏينهن حضرت ابوبڪر رضہ سندن ڏي اچا وار ڏسي عرض ڪيو ته يا حضرت ﷺ، سائينجن ته هاڻي پوڙها ٿيا آهن. پاڻ فرمايائون: مون کي ته سورة هود، سورة واقعه، سورة مرسلات ۽ سورة عم يتسائلون ڪراڙو ڪيو آهي، جن ۾ الاهي عذاب جو بيان آهي. ڊپ اٿم ته منهنجي اُمت جا گنهگار ماڻهو دوزخ ۾ نه وڃن. امام احمد، مسلم، ابوداؤد، ترمذي، نسائي ۽ ابن ماجه روايت ڪئي آهي ته پاڻ جڏهن نماز پڙهي

---

[1] رمضان شريف جي پوئين ڏهي ۾ مسجد شريف ۾ بند رهڻ کي اعتڪاف چئبو آهي

واندا تي نڪرندا يا اُٿندا هئا تہ تي پيرا استغفار پڙهندا هئا ۽ پوءِ هي لفظ چوندا هئا:

اَللّٰهُمَّ اَنْتَ السَّلاَمُ وَ مِنْكَ السَّلاَمُ تَبَارَكْتَ يَا ذَالْجَلاَلِ وَالْاَكْرَامِ.

فصلوات الله علي النبي الشافع الشفيع للامة الرفيع في الرتبة والمنزلة وعليٰ آلہٖ واصحابہٖ وبركاتہٖ وتسليماتہٖ

حضور ﷺ جن جي سچائي جو اثر سندن ۽ ساٿين تي

قاعدو آهي تہ جو شخص ڪوڙو هوندو آهي، تنهن جي ڪوڙن جو اثر نہ متس ٿيندو آهي نہ ٻين تي، استغفر الله حضور ﷺ جن جي حق ۾ ڪو احمق کان احمق شخص بہ اهڙو گمان نہ ڪندو، نہ ڪري سگهندو، جو تہ حضور ﷺ جن تي جيڪي بہ الله تبارڪ وتعاليٰ وٽان حڪم احڪام پيغام الهام ايندو هو، تنهن آڏو اول پاڻ ڪنڌ نمائيندا هئا، پوءِ ٻين کي ٻڌائيندا هئا. خدائي حڪم جهڙا ٻين لاءِ سمجهندا هئا تهڙائي پاڻ لاءِ بہ ڄاڻندا هئا، ۽ جهڙو ٻين کي الاهي احڪام جو ٻڌل رکندا هئا، تهڙو پاڻ کي بہ ٻڌل رکندا هئا. حضور ﷺ جن جي رفتار گفتار جو اثر اهڙو تہ سندن اصحابن ۽ ساٿين تي پيو، جو هنن پنهنجو گهرٻار، مال ۽ جان بہ وساري ڇڏيو. سڀ شيءِ کان الله ۽ الله جو رسول وڌيڪ پيارو، وڌيڪ عزيز، وڌيڪ وڻندڙ، وڌيڪ مٺو سمجهندا هئا. حضور ﷺ جن جا صحبتي ۽ ساٿي الله ۽ الله جي رسول جي عشق ۽ محبت ۾ اهڙا تہ محو ۽ فنا ٿي ويا، جو نہ هنن جي اکين ۾ سواءِ الله ۽ رسول جي ٻيو ڪجهہ ايندو هو: ۽ نہ هنن جي اکين ۾ سواءِ الله ۽ رسول جي ٻيو ڪجهہ هوندو هو:

رَضِيَ اللّٰهِ عَنْهُمْ وَ رَضُوْا عَنْه

(الله تعاليٰ هنن کان راضي هو، ۽ هو الله تعاليٰ کان راضي هئا)

. حضرت رسول الله ﷺ جي صداقت جو اثر اهڙو تہ اصحابن سونهارن تي وينل هو، جو سندن سڀبان ۽ متن ايمان آڻڻ جي ڪري سخت کان سخت تڪليفون ۽ ايذاءَ رسندا هون ۽ ظالم متن قسمين قسمين ظلم ڪندا هئا، تہ بہ هو دوست خدا جا پرواهہ ئي ڪانہ ڪندا هئا.

ڪيترن اصحابن کي ڏر تتيءَ مهل باھ جهڙن تتلن پهڻن تي پيرن اُگهاڙي ظالم بيهاري ڇڏيندا هئا ۽ ڪيترن ئي ڏينهن تائين هنن غريبن کي کاڌو پيتو نہ ڏيندا هئا، اَن پاڻي بند ڪري ڇڏيندا هئا، ڇهبڪن سان ماري ماري بُت ئي هنن مسڪينن، مظلومن ۽ بيگناهن جو چلهي رکندا هئا، وڏيون وڏيون ڇپون پهڻن جون هنن جي ڇاتين تي رکندا هئا، جنهنڪري هنن جون زبانون ئي نڪري پونديون هيون. مطلب تہ ڏاڍا ڏک ڏنائون، رنج رسايائون ۽ ايذاءَ پهچايائون. ڇاجي لاءِ؟ هن لاءِ تہ هو حضور ﷺ جن جي پچر ڦٽي ڪن، اسلام کي ڇڏي ڏين، خداوند قدرس جا منڪر ٿين، مورتي بتن جي آڏو گردن جهڪائين، جاهليت جون رسمون تازيون ڪن. مگر هو خدا جا پيارا الله ۽ رسول جي محبت ۽ پريم کان هڪ پير بہ پوئتي نہ هٽيا، جيئن پوءِ تيئن پنهنجي ايمان ۽ اخلاص ۾ پنهنجي ويساھ ۽ يقين ۾ پڪا ٿيندا ويا. جڏهن ڪافرن اسلام ئي جي ناس ڪرڻ جا پهہ پچايا ۽ دين خدائي کي (نعوذبالله) نيست ونابود ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، تڏهن الله تعاليٰ مسلمانن کي انهن ڪافرن سان مقابلي ڪرڻ جو حڪم ڏنو تہ اصحابن سونهارن حد ڪري ڇڏي! حڪم الاهي ۽ حڪم رسول ڪريم ﷺ جن جا اهڙا تہ تابع رهيا، جو سَون هزارن اصحابن شهادت قبول ڪئي، خاڪ- خون ۾ دفجڻ منظور ڪيو، گهرٻار، مال اسباب صدقي ڪيا، مگر پنهنجي نيازمندي ۽ تابعداري، ايمان ۽ اخلاص کي لوڏو اچڻ نہ ڏنائون. هي سڀ حضور ﷺ جن جي سچائي ۽ سچي صحبت جو سچو اثر هو. حضور ﷺ جن جي صداقت ۽ سچائيءَ جو اثر خود حضور ﷺ جن تي بہ اهڙو پوندو هو، جهڙو ڪنهن غير تي پوي.

بخاري ۽ مسلم ۾ حضرت عبدالله بن مسعود رضہ کان روايت آهي تہ هڪڙي ڏينهن حضور ﷺ جن ڪيس چيو تہ قرآن ڪريم مون کي ٻڌاءِ عبدالله بن مسعود رضہ فرمائي ٿو تہ مون عرض ڪيو تہ حضور، آءٌ ڪيئن حضور ﷺ جن کي قرآن ڪريم ٻڌايان! قرآن ڪريم تہ خود حضور ﷺ

جن تي نازل ٿيو آهي. پاڻ فرمايائون تہ مون کي وٽي تو تہ آءٌ ٻين کان قرآن
ڪريم ٻڌان. نيٺ مون سورت نساءَ پڙهڻ شروع ڪئي. جڏهن هن آيت تي
رسيس:

فَكَيْفَ إِذَا جِئْنَا مِنْ كُلِّ أُمَّةٍ بِشَهِيدٍ وَجِئْنَا بِكَ عَلَىٰ هَٰؤُلَاءِ شَهِيدًا ﴿٤١﴾

(سورة نساءَ آيت 41)

جنهن جي معنيٰ آهي تہ "پوءِ انهن جو ڪهڙو حال هوندو، جڏهن اسين سيڪنهن اُمت مان مٿن شاهد (نبي) حاضر ڪنداسين ۽ توکي بہ انهن تي شاهد ڪنداسين."

تڏهن حضور ﷺ جن فرمايو، "ترس ترس". جان ڏسان تہ حضور ﷺ جن بي اختيار زار زار روئن پيا ۽ اکين مبارڪن مان ڳوڙهن جو مينهن پيو وسي. هن مان سيڪو صاحب انصاف جو سمجهي سگهي ٿو تہ حضور ﷺ جن تي پنهنجي نبوت، رسالت ۽ صداقت جو ڪيتري قدر نہ اثر هو.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ عَلَي سَيِّدِنَا الصَّادِقِ الْأَمِيْنِ مُحَمَّدِنِ الْمُصْطَفيٰ وَعَلَيٰ آلِهِ وَاَصْحَابِه اَجْمَعِيْن.

حضور ﷺ جن جا عام اخلاق

جيڪڏهن ڪتاب وڏي تي وڃڻ جو ڊپ نہ هجيم ها ۽ ماڻهن ۾ شوق ۽ پڙهڻ جي گهٽتائي نہ هجي ها تہ هوند حضور ﷺ جن جا اخلاق اڃان بہ ذره پرزه سميت تفصيل سان لکان ها ۽ پڻ هوند قرآن ڪريم مان بہ خاص طرح سندن اخلاق ڳولي لکان ها. پر سنڌ ۾ اڃان ماڻهن کي اخلاقي وڏن ڪتابن پڙهڻ جو شوق ڪونهي. ڪيترن زورآورن تہ مون کي چيو بہ تہ وڏا ڪتاب نہ لکو ۽ ڪيترن تہ انتظار سان هي بہ پڇيو تہ "اخلاقِ محمدي ﷺ" وڏو تہ ڪين ٿي ويندو؟ اهڙن سوالن منهنجي دل پيچي وڏي ۽ افسوس ڪاٽو پيم. اگرچہ پنهنجن اکين سان هي بہ ڏٺو اٿم تہ حاتم طائي ۽ الف ليلا جا هيڏا سارا واهيات ڪتاب يا چار درويش

وغيره جا بناوتي ۽ ڪوڙا قصا ماڻهو شوق سان پڙهن پيا. پر مذهبي، ديني ۽ اخلاقي ڪتابن جي پڙهڻ سان گهٽ شوق رکن ٿا. جنهنڪري ئي ڏسجي ٿو ته ماڻهن ۾ اخلاق بزرگانه بلڪل ڪين ٿا لين- اِلا ماشاءَ الله. لاچار آءٌ هن مبارڪ ۽ موچاري ڪتاب کي مختصر ڪريان ٿو ۽ حضور ﷺ جن جا عام اخلاق مختصر طرح لکان ٿو. جن پڙهڻ وارن کي مون وانگي ڪتاب جي مختصر ٿيڻ جو افسوس ٿئي، سي مون کي مهرباني ڪري مجبور سمجهي معاف ڪن. هتي آءٌ ڪتاب "پياري نبي ڪي پياري حالات" جي مصنف جو شڪريو ادا ڪريان ٿو، جنهن ڪتاب مان به مون کي چڱي مدد ملي آهي. هن ڪتاب جو ذڪر منڍ ۾ نه لکيم، جو انهيءَ وقت مون وٽ موجود نه هو، پوءِ مليو ۽ منڍ اڳيئي ڇپجي ويو.

فجزاءَ الله مولفه خيرالجزاءِ عني وعن جميع المسلين آمين.

حضور ﷺ جن جو کلڻ ۽ روئڻ

حضور ﷺ جن گهڻو ڪڏهن به ڪين کلندا هئا. هميشه خوف خدا ۾ رهندا هئا. پاڻ فرمائيندا هئا ته انسانو! جيڪي آءٌ ڏسان ٿو، سو جيڪڏهن اوهين ڏسو ته هوند روئو گهڻو، کِلو ٿورو- پر جيڪڏهن گهڻو کلندا هئا، ته به مرڪڻ جيترو. گهٽي ۾ گهڻو ته ايترو مُرڪندا هئا، جو سندن هوڙون مبارڪ ڏسڻ ۾ ايندڙون هيون، پر اهڙو مرڪڻ کلڻ جهڙو به سندن بلڪل اتفاقي هو- باقي هونءَ عام طرح فقط مرڪندا هئا. مرڪڻ کان وڌيڪ ٽهڪ ڏئي ته هرگز ڪين کلندا هئا ۽ گهڻو ڪري ڏسڻ ۾ ائين ايندا هئا، جو ڄڻ مرڪن پيا. اصحابن سونهارن کي به سندن صحبت جي برڪت سان اهائي عادت هئي، جو فقط مرڪندا هئا ۽ جڏهن حضور ۾ اصحاب سونهارا وينا هوندا هئا ته اهڙيءَ طرح ادب سان ڪنڌ هيٺ ڪيو وينا هوندا هئا، جو ڄڻ سندن مٿي تي پکي وينل آهن. اتفاق سان جيڪڏهن حضور ﷺ جن کان کل نڪري ويندي هئي ته پاڻ سونهارا هٿ ڪٽي وات تي ڏيندا هئا. حضور ﷺ جن هميشه هنس مک ۽ مرڪندڙ هوندا هئا.

حضور ﷺ جن جو روئڻ بہ اهڙي طرح ٿي هو. يعني تہ آواز ڪري نہ روئندا هئا. بلڪ سندن اکيون پيون هنجون هاريندڀون هيون ۽ پڇي پاٽي ٿي پونديون هيون ۽ سندن سيني مبارڪ مان آواز روئڻ جو اهڙو معلوم ٿيندو هو، جهڙو ديگڙي جي ٽهڪڻ جو. پاڻ ڪنهن چڱي انسان جي موت تي يا پنهنجي اُمت جي حال تي يا الله تبارڪ وتعاليٰ جي خوف ۽ ڏپ کان يا قرآن ڪريم جي ٻڌڻ کان يا رات جي نماز ۾ اڪثر روئندا هئا.

حضور ﷺ جن جي ڇڪ ڏيڻ

حضور ﷺ جن کي جڏهن ڇڪ ايندي هئي تہ پاڻ پنهنجو هٿ مبارڪ يا ڪپڙو ڪٽي وات تي ڏيندا هئا ۽ ڇڪ جي آواز کي روڪي ڪيندا هئا ۽ جڏهن ڇڪ ڏيندا هئا تہ چوندا هئا. "الحمدلله"[1] ۽ وري ڪين حاضرين چوندا هئا "يرحمڪ الله"[2] پاڻ جواب ۾ چوندا هئا "يهديڪم الله ويصلح بالڪم"[3] حضور ﷺ جن وڏي آواز سان مسجد ۾ ڇڪ ڏيڻ کي مڪروه ۽ نہ چڱو سمجهندا هئا ۽ ڇڪ ڏيڻ وقت وڏو آواز ڪرڻ ڪين وڻندو هون ۽ جيڪو اُٻاسي ڏيندو هو تہ بلڪل ڪين وڻندي هين. پاڻ تہ ساري عمر اُٻاسي ڪانہ ڏنائون. اهڙيءَ طرح ڪنهن بہ الله جي نبي ڪڏهن بہ اُٻاسي ڪانہ ڏني.

مسڪين مؤلف چوي ٿو تہ شايد هن ڪري جو اُٻاسي سستي ۽ ڪاهلي جي نشاني آهي. سستي ۽ ڪاهلي خداوند ڪريم جي پيغمبرن لاءِ وڏو عيب آهي. انهيءَ ڪري نہ ڪنهن نبي ٿي عمر ۾ اُٻاسي ڏني، نہ پاڻ سونهارا اهڙي سستي جي نشاني ڪنهن ٻئي ۾ ڏسڻ پسند ڪندا هئا.

---

(1) سڀ ساراهہ الله جي.

(2) الله توتي مهرباني ڪري شال.

(3) شال الله اوهان کي هدايت ڏئي ۽ اوهان جي حال کي سڌاري.

ڪاڌي پيتي بابت سندن هدايت

پاڻ سونهارا رات جو بکئي پيٽ سمهڻ کان منع فرمائيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته ائين ڪرڻ سان انسان جلدئي ڪمزور ۽ پوڙهو ٿئي ٿو. مگر گهڻي کائڻ ۽ پيٽ کي بلڪل پرڻ کان جهليندا هئا. سائي ڀاڄي ۽ ميوي بابت فرمائيندا هئا ته انهن جي اصلاح ڪندڙ شين سان کائڻ گهرجن.

بيمارين ۽ ان جي علاج بابت هدايت

وچڙندڙ بيمارين کان پاڻ بچائڻ ۽ تندرست ماڻهن کي اهڙين بيمارين کان پاسي ڪرڻ جي هدايت ڪندا هئا ۽ بيمار کي قابل حڪيم کان علاج ڪرڻ جو ارشاد فرمائيندا هئا ۽ نيم حڪيم کان علاج ڪرڻ جي منع ڪندا هئا، بلڪ نيم حڪيمن کي علاج ڪرڻ کان جهليندا هئا. فرمائيندا هئا ته پس پيش اهي نيم حڪيم الله وٽ جوابدار رهندا، ۽ حرام شين کي دوا طور ڪتب آڻڻ کان به منع ڪندا هئا. فرمائيندا هئا ته حرام شين ۾ الله تعاليٰ اوهان لاءِ شفا ڪانه ڏني آهي؛ ڪِري پرهيز جو تاڪيد ڪندا هئا.

بيمار پرسي

سندن اصحابن سونهارن مان جيڪڏهن ڪو بيمار ٿيندو هو ته پاڻ اُن کي پڇڻ ويندا هئا ۽ بيمار پُرسي وقت بيمار جي ويجهڙو ويهي، ان کي دلجاءِ ۽ دلاسو ڏيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته: پؤ ڪونهي، چُٽي پوندين يا ڏوهه گناه ميٽبا. مريض کان پڇندا هئا ته ڪهڙي شيءِ تي دل ٿي ٿئي؟ پوءِ جيڪا شيءِ بيمار چوندو هو ۽ ڪيس نقصان ڪرڻ جهڙي نه هوندي هئي، ته موجود ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. هڪڙو يهودي ڇوڪرو، جو حضور ﷺ جن جي خدمت ڪندو هو، سو جيڪڏهن بيمار ٿي پوندو هو ته پاڻ سونهارا اُن کي به پڇڻ ويندا هئا.

علاج معالج جي هدايت

پاڻ سونهارا ماڻهن کي بيماريءَ لاءِ علاج معالجہ ڪرڻ جي هدايت فرمائيندا هئا. يعني تہ رڳو قيڻن چندن تي پاڙي نہ ويهڻ گهرجي. پاڻ ڪريم ﷺ جن هن طرح ارشاد فرمائيندا هئا:

يَا عِبَادَاللهِ تَدَاوَوْا فَاِنَّ اللهَ عَزَّوَجَلَّ لَمْ يَضَعْ دَاءً اِلاَّ وَضَعَ لَهٗ شِفَاءً غَيْرَ دَاءٍ وَاحِدٍ قَالُوْا مَاهُوَ- قَالَ الْهَرَمُ.

(اي ٻانها خدا جا. دوا ڪندا ڪريو، ڇو تہ تحقيق الله تعاليٰ ڪوبہ مرض ڪونہ خلقيو آهي، مگر ان جي لاءِ شفا بہ پيدا ڪئي اٿس. باقي هڪڙي مرض لاءِ سو دوا ۾ شفا ڪانهي! پڇائون تہ اهو ڪهڙو؟ پاڻ فرمائيون تہ ڪک ڪراڙپ.)

حضور ﷺ جن جو وعظ يا ليڪچر يا خطبو پڙهڻ

پاڻ سونهارا خطبو ڪڏهن زمين تي، ڪڏهن منبر تي ويهي، ڪڏهن اُٺَ تي ۽ ڪڏهن مادي اُٺَ تي چڙهي پڙهندا هئا يعني تہ جيئن جيئن ضروري ڄاڻندا هئا. جيڪڏهن ماڻهو گهڻا هوندا هئا تہ منبر تي ۽ جيڪڏهن انهيءَ ڪان بہ گهڻا تہ اُٺ تي، مطلب تہ پنهنجا انمول ٻول ۽ پاڪيزا سخن ڪنهن بہ طرح ساري مخلوقات حاضرين کي پهچائيندا هئا. اڄڪلهہ ليڪچر جو رواج آهي. اڳي انهيءَ کي خطبو چوندا هئا: اڄڪلهہ جا ليڪچر اڪثر بي اثر ۽ بيسود آهن ۽ حضور ﷺ جن جا خطبا ۽ ليڪچر سراسر هدايت هوندا هئا. پاڻ خطبن ۾ مسلمانن لاءِ ضروري ۽ مفيد ڳالهيون بيان فرمائيندا هئا.سندن ڪو خطبو اهڙو نہ هو، جنهن مان ڪونہ ڪو وڏو ۽ ضروري نتيجو نہ نڪرندو هو. هرويرو ائين نہ هو تہ خطبو جمعي جي ڏينهن پڙهندا هئا- نہ، بلڪ جڏهن جڏهن ضرور ٿيندو هو ۽ مسلمانن کي ڪي ضروري ڳالهيون سمجهائڻيون هونديون هيون تہ پاڻ هڪدم ليڪچر ڏيندا ۽ خطبو فرمائيندا هئا. خطبہ (ليڪچر) جي وقت هٿ مبارڪ ۾ ڪڏهن لٺ، ڪڏهن ڪمان جهليندا هئا. خطبو ڏيندي ڏيندي، ڪڏهن انهيءَ لٺ يا ڪمان تي ٽيڪ بہ ڏيندا هئا. خطبہ ڏيڻ جو رواج مديني شريف

ڪان وٺي شروع ڪيائون. پاڻ خطبو ڏيڻ ۾ ڏاڍا فصيح هئا. سندن آواز جهڙو ويجها ماڻهو، تهڙو ڏورانهان ماڻهو ٻڌي سگهندا هئا.

صدقو، سوکڙي يا تحفو

پاڻ سونهارا صدقي جي شيءِ بلڪل ڪتب ڪين آڻيندا هئا. ها، ڪٿان سوکڙي يا تحفو ايندو هو ته قبول ڪندا هئا ۽ ڪم آڻيندا هئا. سندن اصحاب سونهارا يا ڪي عيسائي يا ڪي يهودي ڪاشيءِ سوکڙي موڪليندا هئا ته منظور فرمائيندا هئا ۽ پاڻ به انهن ڏي تحفا موڪليندا هئا. مگر مشرڪن جو نه تحفو قبوليندا هئا، نه ڏانهن موڪليندا هئا. مقوقس متي مصر جي بادشاهه هڪڙو خچر حضور ﷺ جن جي سواريءَ لاءِ تحفي طور موڪليو، جو پاڻ قبول فرمايائون ۽ جنگ حنين جي ڏينهن به اهوئي خچر سندن سواري هيٺ هو؛ پر عامر بن مالڪ جي موڪليل گهوڙي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيائون. فرمايائون ته اسين مشرڪن جو تحفو قبول ڪري نٿا سگهون. جيڪڏهن ڪي قيمتي تحفا ايندا هئا ته پاڻ ڪين رکندا هئا، بلڪ اصحابن سونهارن کي وراهي ڏيئي ڇڏيندا هئا.

حضور ﷺ جن پنهنجي تعريف وقت ڇا ڪندا هئا

پاڻ سونهارا پنهنجي اهڙي تعريف ٻڌڻ ڪين پسند ڪندا هئا، جنهن مان ٻين نبين جي حقارت ٿئي. فرمائيندا هئا لاتخيروا بين الانبياءَ نبين جو ذڪر اهڙي طرح ڪريو جو انهن مان ڪنهن جي به ٻئي جي مقابلي ۾ گهٽتائي نه ٿئي. هڪڙي ڏينهن پاڻ ڪريم ﷺ جن ڪنهن شادي ۾ تشريف فرما ٿيا. اُتي ننڍڙين ننڍڙين ڇوڪرين پنهنجن وڏن جي واڪاڻ جا گيت پئي ڳايا. جڏهن حضور ﷺ جن اُتي خير سان پهتا ته پنهنجن گيتن ۾ هيئن به چوڻ لڳيون ته: اسان ۾ اهڙو نبي آهي جو سڀاڻي جون ڳالهيون اڄ ٻڌائي ٿو. پاڻ فرمايائون ٻچا! ائين نه چئو، جيڪي اڳي پئي چيو سو چئو. سبب ته ڪين اها ڳالهه نا پسند آئي جو

ماڻهو کين عالم الغيب سمجهن يا چون، ڇو تہ عالم الغيب هڪ الله ئي آهي، قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ کين هن طرح هدايت ڪئي آهي:

قُلْ لَّآ اَقُوْلُ لَكُمْ عِنْدِيْ خَزَآىِٕنُ اللّٰهِ وَلَآ اَعْلَمُ الْغَيْبَ وَلَآ اَقُوْلُ لَكُمْ اِنِّيْ مَلَكٌ ۚ اِنْ اَتَّبِعُ اِلَّا مَا يُوْحٰٓى اِلَيَّ ۚ (آيت 50 - سورة انعام)

[چؤ (اي رسول ڪريم) تہ آءٌ اوهان کي ڪونہ ٿو چوان تہ مون وٽ الله تعاليٰ جا خزانا آهن ۽ نڪو آءٌ عالم الغيب آهيان، ۽ نڪو آءٌ چوان ٿو تہ آءٌ ملائڪ آهيان. مون ڏي جيڪي خدائي وحي اچي ٿي، انهي ئي جو تابع ٿيان ٿو.]

ٻئي هنڌ الله تبارڪ و تعاليٰ فرمايو آهي:

قُلْ لَّآ اَمْلِكُ لِنَفْسِيْ نَفْعًا وَّلَا ضَرًّا اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ۚ وَلَوْ كُنْتُ اَعْلَمُ الْغَيْبَ لَاسْتَكْثَرْتُ مِنَ الْخَيْرِ ۚ وَمَا مَسَّنِيَ السُّوْٓءُ ۚ اِنْ اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ وَّبَشِيْرٌ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ۚ (آيت 188 — سورة اعراف)

[چؤ (اي رسول ڪريم) تہ مون کي پنهنجي نفس لاءِ بہ نفعي نقصان جو ڪو اختيار ڪونهي. مگر جيڪي الله تعاليٰ گهري، ۽ جيڪڏهن آءٌ عالم الغيب هجان ها تہ گهڻيون چڱيون ڳالهيون پنهنجي لاءِ گڏ ڪري ڇڏيان ها ۽ مون کي ڪابہ مَنائي يا تڪليف نہ رسي ها. آءٌ تہ فقط مومنن لاءِ عذاب الاهي کان ڊيڄارڻ وارو ۽ جنت جي بشارت ڏيڻ وارو آهيان.]

اگرچہ خداوند قدير پنهنجن پيارن پيغمبرن کي گهڻيون ئي ڳجهيون ڳالهيون ٻڌايون ۽ معلوم ڪرايون هيون ۽ خصوصاً اسان جي سردار، جملي مخلوقات جي مهندار، حضرت اقدس ۽ حضور انور حبيب خدا رسول عربي مُحَمّد مصطفيٰ ﷺ کي سيني پيغمبرن کان وڌيڪ الله تعاليٰ پنهنجا اسرار ۽ غيب جون ڳالهيون معلوم ڪرايون هيون. مگر تہ بہ، نہ کين عالم الغيب سڏائڻ جو حق الله. تعاليٰ کان مليل هو، ۽ نہ پاڻ سونهارا پاڻ کي عالم الغيب سمجهڻ جائز ۽ چڱو سمجهندا هئا. نہ

ڪنهن ٻئي ڪان اهڙو خطاب پنهنجي حق ۾ ٻڌڻ وڻندو هون، ڇو ته قرآن ڪريم ۾ جابجا الله تعاليٰ اهو زبردست خطاب، اها بيمثل ۽ بي نظير صفت پاڻ ئي ڪي ڏني آهي. جابجا ڪهن به ٻئي ڪي اهڙي صفت سان موصوف ڪرڻ ڪان منع فرمائي آهي ۽ ٻڌايو آهي ته سيني پيغمبرن جو ڪم آهي مخلوق ڪي خداوند اڪبر جو پيغام پهچائڻ. جيئن ته الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي:

مَا عَلَى الرَّسُولِ اِلَّا الْبَلٰغُ ۭ وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تُبْدُوْنَ وَمَا تَكْتُمُوْنَ ۝

(آيت 99- سورة مائده)

[رسول تي حق آهي الله جو پيغام پهچائڻ ۽ الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو اوهان جون ظاهري ۽ ڳجهيون ڳالهيون.]

۽ ٻئي هنڌ الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَعِنْدَهٗ مَفَاتِحُ الْغَيْبِ لَا يَعْلَمُهَآ اِلَّا هُوَ ۭ وَيَعْلَمُ مَا فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ ۭ وَمَا تَسْقُطُ مِنْ وَّرَقَةٍ اِلَّا يَعْلَمُهَا وَلَا حَبَّةٍ فِيْ ظُلُمٰتِ الْاَرْضِ وَلَا رَطْبٍ وَّلَا يَابِسٍ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ مُّبِيْنٍ ۝ (آيت 59 - سورة انعام)

[۽ انهي (الله) وٽ آهن ڪنجون غيب جون جن ڪي ٻيو ڪو ڪونه ٿو ڄاڻي، سواءِ اُن جي ۽ (الله تعاليٰ) ڄاڻي ٿو جيڪي بر ۽ بحر ۾ آهي _ ۽ نه ڪري ٿو پن ٻوٽو مگر ڄاڻي ٿو اُن ڪي (الله) ۽ نه آهي ڪو داڻو زمين جي اونداهي ۾ نه آهي ڪا آلي شيءِ ۽ نه سڪي مگر ڪتاب ڪليل ۾].

پاڻ سونهارا پاڻ ڪي وقت بوقت ائين ظاهر ڪندا ايندا هئا ته آءٌ غيب دان نه آهيان. غيب دان ته الله ئي آهي_ جيئن ته الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي:

وَيَقُوْلُوْنَ لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ۚ فَقُلْ اِنَّمَا الْغَيْبُ لِلّٰهِ فَانْتَظِرُوْا ۚ اِنِّىْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُنْتَظِرِيْنَ ۝ (آيت 20 - سورة يونس)

[۽ چون ٿا تہ ڇو نہ لٿي مٿس ڪا نشاني پنهنجي رب وٽان، پوءِ چئو تہ غيب داني تہ خاص الله لاءِ آهي. پوءِ اوهين بہ انتظار ڪيو بيشڪ آءٌ بہ اوهان سان گڏ انتظار ڪيندڙن مان هڪڙو آهيان].

هڪڙي ڏينهن ڪافرن يهودين جي سيکارڻ سان حضور ﷺ جن کان اصحاب ڪهف جو قصو پڇيو خاص آزمائش لاءِ. حضرت پاڪ ﷺ ساڻن وعدو ڪيو تہ آءٌ سڀاڻي ٻڌائيندس، محض هن ڀروسي تي تہ جبرئيل عليه السلام ايندو ۽ ان جي معرفت رب العزت کان دريافت ڪري ٻڌائيندو. مگر حضرت جبرئيل عليه السلام سڄا ارڙهن ڏينهن نہ آيو. حضور ﷺ جن ڏاڍا غمگين ٿيا. نيٺ الله تعاليٰ مهرباني ڪئي ۽ وحي ذريعي اصحاب ڪهف جو سارو قصو موڪليو. مگر حضور عليه الصواة والسلام کي رب تعاليٰ جي طرفان هي بہ ارشاد ٿيو تہ :

وَلَا تَقُوْلَنَّ لِشَايْءٍ اِنِّيْ فَاعِلٌ ذٰلِكَ غَدًا ﴿٢٣﴾ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ۡ وَاذْكُرْ رَّبَّكَ اِذَا نَسِيْتَ وَقُلْ عَسٰٓى اَنْ يَّهْدِيَنِ رَبِّيْ لِاَقْرَبَ مِنْ هٰذَا رَشَدًا ﴿٢٤﴾ وَلَبِثُوْا فِيْ كَهْفِهِمْ ثَلٰثَ مِائَةٍ سِنِيْنَ وَازْدَادُوْا تِسْعًا ﴿٢٥﴾ قُلِ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا لَبِثُوْا ۚ لَهٗ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ اَبْصِرْ بِهٖ وَاَسْمِعْ ۭ مَا لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّلِيٍّ ۡ وَّلَا يُشْرِكُ فِيْ حُكْمِهٖٓ اَحَدًا ﴿٢٦﴾ (آيت 23 کان 26- سورة ڪهف)

[۽ هرگز نہ چئو ڪنهن بہ شيءِ بابت تہ آءٌ ان جو ڪندڙ آهيان سڀاڻي. مگر هيئن تہ. الله تعاليٰ گهرندو تہ _ ۽ ياد ڪر پنهنجي رب کي جڏهن تو وساريو. ۽ چئو تہ اُميد تہ مون کي ڏيکاريندو منهنجو رب هن کان وڌيڪ ويجهي واٽ نيڪي جي- ۽ گذاريائون پنهنجي غار ۾ ٽي سؤ سال ۽ نو وڌيڪ. چئو تہ الله ڄاڻندڙ آهي جيتري مدت هو رهيا. انهي ئي جو خاصو آهي: غيب داني آسمانن ۽ زمينن جي، عجب ڏسي وائسي ٿو. ڪو ڪونهي ٻانهن تي ان کان پوءِ اختيار وارو. ۽ نہ شريڪ ٻڻائي ٿو پنهنجي حڪم ۾ ڪنهين بہ هڪڙي کي.]

متين آيت جي پڇاڙيءَ مان ته ائين معلوم ٿو ٿئي ته غيب السمٰوت و الارض خاص خاصو خداوند قدوس جو آهي ۽ جيڪڏهن ائين نه سمجهبو بلڪ ڄاڻبو ته پير پيغمبر به عالم الغيب آهن ته اهو شرڪ آهي، ڇو ته آيت شريف ۾ له غيب السمٰوت والارض چئي، تنهن ڪان سواءِ ولا يشرڪ في حڪمه احدا جو اشارو ڏنو ويو آهي:

إِنَّ اللَّهَ عِندَهُ عِلْمُ السَّاعَةِ وَيُنَزِّلُ الْغَيْثَ وَيَعْلَمُ مَا فِي الْأَرْحَامِ وَمَا تَدْرِي نَفْسٌ مَّاذَا تَكْسِبُ غَدًا وَمَا تَدْرِي نَفْسٌ بِأَيِّ أَرْضٍ تَمُوتُ إِنَّ اللَّهَ عَلِيمٌ خَبِيرٌ (آيت 34 - سورة لقمان)

[تحقيق الله تعاليٰ ئي آهي جنهن وٽ قيامت جي معلوميت آهي ۽ برسات برسائي ٿو ۽ جيڪي عورتن جي پيٽن ۾ آهي سو ڄاڻي ٿو ۽ نٿو ڄاڻي ڪوئي ته سڀاڻي ڇا ٿيندو ۽ نٿو ڄاڻي ڪوئي به ته ڪهڙي سرزمين تي سندس موت ٿيندو. بيشڪ الله ڄاڻندڙ ۽ خبر رکندڙ آهي.]

ٻئي هنڌ حضور ﷺ جن ڪي ارشاد الاهي آهي ته:

وَلَقَدْ أَرْسَلْنَا رُسُلًا مِّن قَبْلِكَ مِنْهُم مَّن قَصَصْنَا عَلَيْكَ وَمِنْهُم مَّن لَّمْ نَقْصُصْ عَلَيْكَ وَمَا كَانَ لِرَسُولٍ أَن يَأْتِيَ بِآيَةٍ إِلَّا بِإِذْنِ اللَّهِ

(آيت 78 - سورة مومن)

[۽ يقيناً موڪليا اسان ڪيترائي رسول توکان اڳ، جن مان ڪيترن جو توکي ذڪر سڻايوسين ۽ ڪيترن جو ذڪر توکي ڪونه سڻايوسين، ۽ ڪو حق نه آهي ڪنهن به رسول کي جو ڪا به آيت يا ڪو به معجزو آڻي سواءِ اذن الله جي].

حضور ﷺ جن پاڻ کي ائين ڪونه ڄاڻندا هئا ته دنيا ۾ فقط آءٌ ئي رسول ٿي آيو آهيان. بلڪ پاڻ سونهارا عام طرح گذشته نبين کي نبي ڪري مڃيندا هئا. ۽ انهن جو ذڪر خير اڪثر ڪندا هئا. ۽ ارشاد الاهي به ڪين ائين هو، جيئن ته رب تعاليٰ فرمايو آهي:

قُلۡ مَا كُنتُ بِدۡعٗا مِّنَ ٱلرُّسُلِ وَمَآ أَدۡرِي مَا يُفۡعَلُ بِي وَلَا بِكُمۡۖ إِنۡ أَتَّبِعُ إِلَّا مَا يُوحَىٰٓ إِلَيَّ وَمَآ أَنَا۠ إِلَّا نَذِيرٞ مُّبِينٞ ٩ (آيت 9 - سورت احقاف)

[چئو (اي رسول ڪريم) تہ آءٌ ڪو نئينءَ مان نبي ڪونہ آهيان ۽ مون کي معلوم نہ آهي تہ مون سان ۽ اوهان سان ڇا ٿيڻو آهي. آءٌ تہ وحي الاهي جو تابعدار آهيان ۽ آءٌ تہ عذاب الاهي کان صاف ڊيڄار يندڙ آهيان.

الغرض پاڻ سونهارا پنهنجي تعريف اهڙي پسند ڪين ڪندا هئا. جا ڪين خداوند قدوس جل جلاله سان وڃي ملائي- يا قرآن پاڪ جي صريح آيات بينات جي برخلاف هجي. پاڻ ڪريم ﷺ جن هميشه عبده ورسوله چوائڻ ۽ سڏائڻ ۾ خوش ٿيندا هئا. جيڪڏهن ڪنهن ڳالهہ بابت ڪين معلومات نہ هوندي هئي تہ الله عالم الغيب جي حوالي ڪندا هئا. انهيءَ طرح ڪرڻ ۾ ڏاڍا خوش ٿيندا هئا. اڳين نبين جون اُمتون بہ انهيءَ ئي سببان گمراهہ ٿي وڃي شرڪ ۾ پيون، جو پنهنجن پيغمبرن جي تعريف اهڙي ڪندا هئا. جو وڃي الله پاڪ سان ملائيندا هون. حضور ﷺ جن ائين ڪرڻ پسند ڪين ڪندا هئا. جڏهن خداوند ڪريم جل جلاله ڪين فرمايو آهي تہ اوهين ماڻهن کي چئو تہ آءٌ عالم الغيب نہ آهيان ۽ هو اوهان کي عالم الغيب نہ چون، تڏهن اهڙي تعريف، جنهن مان ڪين عالم الغيب جي چوڻ جي معنيٰ نڪري، ڪين پسند نہ آئي ۽ پاڻ انهن ڇوڪرين کي تعريف ڪرڻ يا عالم الغيب سمجهڻ ۽ چوڻ کان جهليائون.]

فَصَلَوَاتُ اللهِ عَلَي النَّبِيّ الأُمّيَ الْهَاشِمِيّ الْعَرَبِيّ الْيَثْرِبِيّ الْمَكِيّ الْمَدَنِي وَعَلَيٰ آلِهِ وَ اَصْحَابِهِ وَ بَرَڪَاتِهِ.

سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ بابت حضور ﷺ جن جو ارشاد ۽ جاهلانہ خيالن جو اصلاح

حضور ﷺ جن جي فرزند دلبند سيدنا ابراهيم عليہ السلام جڏهن وفات ڪئي تہ انهيءَ ڏينهن اتفاق سان سج گرهڻ بہ هو. ماڻهو چوڻ لڳا تہ صاحبزاده ابراهيم عليه السلام جي وفات سببان سج گرهيو آهي. جڏهن

اهڙي خبر حضرت ﷺ جن کي معلوم ٿي تہ ماڻهن جا ههڙا خيال آهن، تڏهن هڪڙي مجمع ۾ پاڻ سونهارن خطبو فرمايو ۽ فرمايائون تہ سج ۽ چنڊ ڪنهن جي مرڻ يا جيئڻ تي ڪين گرهبا آهن. مطلب تہ اهو خيال جاهلاڻو آهي.

حضور ﷺ جن جي بشريت

پاڻ اگرچہ رسول الله، حبيب الله، سيد الانبياء والمرسلين، افضل البشر ۽ خيرالناس هئا، پر تہ بہ پاڻ کي بشر سمجهندا ۽ سڏائيندا هئا. اهائي هدايت کين الله تبارڪ و تعاليٰ کان بہ مليل هئي. جيئن تہ قرآن ڪريم ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي:

قُلْ اِنَّمَآ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰۤى اِلَيَّ اَنَّمَآ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ ۚ فَمَنْ كَانَ يَرْجُوْا لِقَآءَ رَبِّهٖ فَلْيَعْمَلْ عَمَلًا صَالِحًا وَّلَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهٖۤ اَحَدًا ۝١١٠

(آيت 110 - سورة الڪهف)

[چؤ (اي رسول ڪريم ﷺ) تہ نہ آهيان آءٌ مگر انسان اوهان جهڙو_مون ڏي الاهي پيغام اچي ٿو تہ اوهان جو خدا هڪڙوئي خدا آهي_ پوءِ جيڪو اميد رکي ديدار الاهي جي، تنهن کي گهرجي تہ عمل صالح ۽ موچارا ڪم ڪري ۽ عبادت الاهي ۾ ڪنهن کي بہ الله تعاليٰ سان شريڪ نہ ڪري.]

صحيح بخاري شريف ۾ بيبي اُم سلمہ رضہ کان روايت آهي تہ هڪڙي ڏينهن پاڻ فرمايائون: آءٌ انسان آهيان - مون وٽ فيصلي لاءِ اوهان جا جهڳڙا اچن ٿا، سو ڪي ماڻهو ٻيءَ ڌر کان وڌيڪ چڱيءَ طرح پنهنجو مطلب بيان ڪري سگهندا آهن، جنهنڪري پائنبو آهي، تہ آهي ٿي اهو سچو، پوءِ آءٌ بہ ڪٿي اُن جي فائدي ۾ فيصلو ڪندو آهيان. جنهن کي پنهنجي گمان ۾ سچو سمجهندو آهيان. سو جيڪڏهن ڪنهن شخص کي منهنجي فيصلي موجب ڪنهن مسلمان ڀاءُ جو حق ملندو هجي تہ اهو اُن کي هڪ باهہ جو ٽڪر سمجهي، پوءِ سندس مرضي وٺي توڙي ڇڏي.

معصوم ٻارن تي حضور ﷺ جن جي ٻاجھ

پاڻ سونهارا معصوم ٻچن کي گهڻو پيار ڪندا هئا. پاڻ جڏهن انهن وٽان لنگهندا هئا، تڏهن پاڻ اُنهن کي السلام عليڪم چوندا هئا. معصومڙن جي مٿن تي برڪت جا هٿ گهمائيندا هئا ۽ انهن کي پنهنجي رحمت جي پاڪر ۾ ويهاريندا هئا.

ڪراڙن ماڻهن جي عزت داري

پاڻ ڪريم ﷺ جن پوڙهن انسانن جي گهڻي عزت ڪندا هئا ۽ انهن کي ڪنهن بہ قسم جي تڪليف ڏيڻ ڪين سهندا هئا. حضرت ابوبڪر صديق رضہ جڏهن پنهنجي پوڙهي، ضعيف ۽ اکين کان وڏي، ابوقحافہ رضہ کي اسلام جي بيعت ڪرائڻ لاءِ حضور اقدس ﷺ جن جي خدمت شريف ۾ وٺي آيو تہ پاڻ ٻاجهارن قياس ڪري فرمايو تہ يا ابوبڪر رضہ، تو هن ٻڍڙي کي ڇو تڪليف ڏني آهي، آءٌ پاڻ پنڌ ڪري وٽس هلان ها- سبحان الله.

ڪنهن عزت واري جو استقبال

پاڻ سونهارن، شريف ۽ سردار قوم جي لاءِ استقبال طور اڳيان وڃڻ کي چڱو فرمايو آهي. جيئن تہ هڪ دفعي حضرت سعد بن معاذ رضہ کي، جي خندق ۾ سخت زخمي ٿيا هئا، بنو قريظہ جي يهودين پنهنجو امين ۽ منصف ٺهرايو هو. جڏهن سعد بن معاذ رضہ مسجد کي نزديڪ آيو تہ پاڻ انهن اصحابن کي، جي اوس جي قبيلي جا هئا، فرمايائون تہ "قوموا الیٰ سيد ڪم" پنهنجي سردار لاءِ اڳيرا اُٿي وڃو. اُهي سڀ اُٿي اوڏاهين ويا ۽ عزت سان وٺي آيس.

حضور ﷺ جن جي نرمي ۽ شفقت

حضور ﷺ جن سيني سان نرم ۽ سادا ۽ سيني تي مشفق ۽ مهربان تي هلندا هئا. جيڪڏهن حضور ﷺ جن کي ڪوبہ صحابي يا گهر جو ماڻهو ڪنهن ڪم لاءِ سڏ ڪندو هو تہ پاڻ سونهارا جواب ۾

سيڪنهن کي فرمائيندا هئا: لبيڪ (حاضر). پاڻ سونهارن خداوند ڪريم سان معاهدو (انجام) ڪيو هو ته خدايا، جي ڪنهن کي آءٌ خدانخواسته گهٽِ. وڌ ڳالهايان يا جي ڪنهن تي لعنت وجهان ته تون انهيءَ جي حق ۾ گناهن جو ڪفارو (مينجڻ)، رحمت ۽ بخشش، پنهنجي قرب جو ذريعو ڪجانءِ حضور ﷺ جن ايتري قدر ته پنهنجي اُمت سان نرم ٿي هلندا هئا، جو جيڪڏهن نصيحت ڪندا هئا يا وعظ فرمائيندا هئا ته به ڪڏهن ڪڏهن ۽ ٿورو ٿورو تا ته ماڻهو ملول يا ڪڪ نه ٿين.

هڪ دفعي سج گرهڻ ٿي ته پاڻ سونهارا ڪسوف (سج گرهڻ) جي نماز ۾ روئڻ لڳا ۽ هي دعا گهرڻ لڳا.

رَبِّ اَلَمۡ تَعِدۡنِيۡ اَنۡ لاَتُعَذِّبَهُمۡ وَاَنَا فِيۡهِمۡ وَهُمۡ يَسۡتَغۡفِرُوۡنَ وَ نَحۡنُ نَسۡتَغۡفِرُكَ- لِكُلِّ نَبِيٍّ دَعۡوَةٌ يَدۡعُوۡا بِهَا فَاَسۡتُجِيۡبَ بِهَا فَجَعَلۡتُ دَعۡوَتِيۡ شَفَاعَةً لِاُمَّتِيۡ يَوۡمَ الۡقِيَامَةِ

(خدايا! تو مون سان انجام نه ڪيو هو؟ ته انهن ماڻهن کي تون عذاب نه ڏيندين، جنهن صورت ۾ آءٌ منجهن هوندس ۽ جنهن صورت ۾ هو توکان بخشش گهرندا. خدايا! اسين توکان بخشش گهرون ٿا. سيڪنهن نبيءَ لاءِ هڪ دعا هئي، جا هنن گهري ۽ قبول پئي. مون پنهنجي دعا پنهنجي اُمت جي شفاعت لاءِ قيامت جي ڏينهن تائين رکي آهي.)

دشمنن تي ٻاجهه

هڪڙي سال مڪي شريف ۾ اهڙو قحط پيو جو ماڻهن مردار ۽ هڏيون به کائڻ شروع ڪيون. ابوسفيان بن حرب، جو انهن ڏينهن ۾ حضور ﷺ جن جو سخت دشمن هو، سو حضور ﷺ جن جي خدمت مبارڪ ۾ آيو. اچي عرض ڪيائين ته محمد (ﷺ) تون ته صلهءِ رحمي ۽ عزيزن سان چڱي سلوڪ ڪرڻ جي تعليم ڏيندو آهين! هاڻي ڏس، تنهنجي قوم ڏڪار کان هلاڪ ٿي رهي آهي - پنهنجي خدا کان دعا گهر. حضور ﷺ جن دلي جوش سان دعا گهري ته خوب برسات اچي پئي.

ورزش

پاڻ سونهارا ورزش، محنت ۽ جفاڪشيءَ کي پسند ڪندا هئا. ۽ پاڻ به پهلوانن واريون ورزشون ڪندا هئا. جيئن ته رڪانت نالي عرب جي مشهور پهلوان سان پاڻ ڪشتي ڪيائون ۽ ٽي دفعا دسيائونس. هن اهوئي شرط رکيو هو ته جيڪڏهن اوهان مون کي دسيو ته آءٌ ڄاڻندس ته اوهين پيغمبري طاقت وارا آهيو. آءٌ پوءِ اسلام قبول ڪندس، جنهن تي هو مسلمان ٿيو.

تيراندازي

نشانه بازي ۽ تير اندازي جو هميشه شوق ڏياريندا هئا ۽ ٻه ڏريون ڪري نشانه بازيءَ لاءِ بيهاريندا هئا.

هڪڙي دفعي پاڻ فرمايائون ته تير اندازي شروع ڪريو. آءٌ فلاڻي پارٽي يا جماعت سان آهيان. اهو جو ٻيءَ پارٽيءَ ٻڌو، سو تن تير هڻڻ ڪٽي بند ڪيا. چيائون ته جنهن پارٽيءَ ۾ حضور ﷺ جن آهن تنهن پارٽي ڏي اسين ڪيئن تير اُڇلايون! حضور ﷺ جن فرمايو چڱو ڀلا، اوهين تير اُڇلايو، آءٌ اوهان ٻنهي ڌرين سان همراهه آهيان، ڪنهن هڪ پارٽيءَ جو نه آهيان.

گهوڙا ڊوڙ

حضور ﷺ جن گهوڙا ڀڄائڻ به ڏاڍو پسند ڪندا هئا. بلڪ انهيءَ بابت حڪم به ڪندا هئا. وڏي ڊوڙ پنجن - ڇهن ميلن جي ۽ ننڍي ڊوڙ هڪڙي ميل پنڌ جي هوندي هئي.

آدمشماري

حضور ﷺ جن هڪڙي وقت ڪلمه گو مسلمانن جي آدمشماري به ڪرائي هئي ۽ فرمايو هئائون:

"أُكْتُبُوْا لِيَ مَنْ تَلَفَّظَ بِالإِسْلامِ مِنَ النَّاسِ"

جن اسلام جو ڪلمو پڙهيو هجي، تن سڀني جا نالا منهنجي لاءِ لکو.

سندن هن حڪم جي تعميل ٿي، ان وقت مسلمانن جو شمار ڏيڊ هزار ٿيو. ايترو انداز ٻڌي ٻہ مسلمانن الله تعالیٰ جو شڪر بجاءِ آندو ۽ خوشي ڪيائون. مسلمان چوڻ لڳا تہ بلي! اسين هاڻي ڏيڊ هزار ڇڙا ٿيا آهيون. هاڻي اسان کي ڪهڙو خوف آهي. اسان تہ اُهي وقت بہ ڏٺا جو اڪيلائي ئي نماز پڙهندا هئاسين، ۽ هر طرف دشمن جو خطرو هوندو هو. اهڙي آدمشماري حضور ﷺ جن جي وقت ۾ ٻہ-ٽي دفعا ٿي هئي: پهرين دفعي 500 مسلمان، ٻئي دفعي 600، ۽ 700 جي درميان هئا، ٽئين دفعي 1500 ٿيا هئا.

خدا جو حق ٻانهن تي، ٻانهن جو حق خدا تي

پاڻ فرمائيندا هئا:

حَقُّ اللهِ عَلَيٰ عِبَادِهٖ اَنْ يَعْبُدُوْه وَلاَ يُشْرِكُوا بِهٖ شَيْئاً
وَ حَقُّ الْعِبَادِ عَلَيٰ اللهِ اِذَا فَعَلُوْه اَنْ لاَيُعَذِّبَهُمُ-

(الله تعالیٰ جو حق ٻانهن تي هي آهي تہ ٻانها سندس عبادت ڪن ۽ ساڻس ڪنهن بہ شئي جو شرڪ نہ ڪن يعني ڪنهن بہ شيءِ کي سندس شريڪ ۽ سندس جهڙو نہ ڄاڻن

۽ ٻانهن جو حق الله تعالیٰ تي آهي تہ جڏهن الله جو حق هو بجا آڻين تہ پوءِ پاڻ کين عذاب نہ ڪري.)

رحمت الاهي جو ذڪر خير

حضور ﷺ جن فرمائيندا هئا تہ الله تبارڪ و تعالیٰ پنهنجي خاص ڪتاب عرش عظيم واري ۾ لکيو آهي تہ

”اِنَّ رَحْمَتِيُ غَلَبَتْ عَضَبِيُ“

تحقيق منهنجي رحمت منهنجي غصي تي غالب آهي.

والدين جي خدمت

هڪڙي شخص حضور ۾ عرض ڪيو تہ يا حضرت، آءٌ دين جي دشمنن سان جهاد ڪرڻ گهران ٿو. حضور ﷺ جن اُن کان پڇيو تہ

تنهنجا ماءُ - پيءُ جيئرا آهن؟ هن چيو تہ هائو. پاڻ فرمايائون تہ تنهنجو جهاد اهوئي آهي، جو تون پنهنجي والدين جي خدمت ۾ رهہ ۽ اُنهن جي چڱيءَ طرح ٽهل ڪر.

مسلمان جي مسلمان سان همراهي ۽ مدد

پاڻ سونهارن فرمايو آهي:

اَلْمُؤمِنُ لِلْمُؤمِنِ ڪَالْبُنْيَانِ يَشُدُّ بَعْضہ بَعْضاً وَ شَبَّڪَ بَيْنَ اَصَابِعہ-

(هڪڙو مومن ٻئي مومن لاءِ ائين آهي جيئن بنياد يا پٽ جي پيڙهہ جون سرون ۽ پاڻ سونهارن هڪڙي هٿ جون آڱريون ٻئي هٿ جي آڱرين ۾ ڦنديون يعني هن طرح مومن پاڻ ۾ مليل آهن.

مسلمان ڪير آهي

پاڻ سونهارن فرمايو آهي:

اَلْمُسْلِمُ مَنْ سَلِمَ الْمُسْلِمُوْنَ مِنْ لِسَانِہٖ وَ يَدِہٖ -

(مسلمان اُهو آهي جنهن جي هٿ ۽ زبان کان مسلمان بچيل ۽ سلامت هجن.)

ايمان جي ڪماليت

پاڻ سونهارا فرمائيندا هئا:

لَايُؤمِنُ اَحَدُڪُمْ حَتّٰي يُحِبُّ لِاَخِيْہِ مَا يُحِبُّ لِنَفْسِہٖ

(اوهان مان ڪوبہ مومن نہ ٿيندو. جيسين پنهنجي مومن ڀاءُ لاءِ بہ اهو نہ پسند ڪري، جيڪي پنهنجي نفس لاءِ پسند ٿو ڪري)

ايمان جي لذت ۽ مزو

حضور ﷺ جن جو ارشاد آهي:

ثَلَاثٌ مَنْ ڪُنَّ فِيْہِ وَجَدَ حَلَاوَةَ الْاِيْمَانِ

(ٽي ڳالهيون اهڙيون تہ چڱيون آهن جو جنهن ۾ اهي هونديون تنهن کي ايمان جو مزو ايندو).

(1) **اَنْ يَكُوْنَ اللهُ وَ رَسُوْلُه اَحَبُّ اِلَيْهِ مِمَّا سِوَا هُمَا**

(1) هڪ تہ الله ۽ الله جي رسول ﷺ کان وڌيڪ ڪابہ شيءِ وڌيڪ پياري نہ هجيس.

(2) **وَ اَنْ يُحِبُّ الْمَرْءُ لاَيُحِبُّه اِلاَّلِلّٰهِ**

(2) ڪنهن سان بہ دوستي رکي تہ خدا ڪارڻ رکي.

(3) **وَ اَنْ يُكْرِهُ اَنْ يَعُودَ فِيْ الْكُفْرِ كَمَا يُكْرِهُ اَنْ يُقْذَفَ فِيْ النَّار**

(3) ۽ ڪفر ۾ موٽي وڃڻ اهڙو بڇڙو لڳيس، جهڙو باهہ ۾ اُڇلجي پوڻ.

وٽندڙ عمل

ماڻهن ﷺ جن کان پڇيو تہ الله تبارڪ و تعاليٰ کي ڪهڙو عمل پسند آهي؟ پاڻ فرمايائون: جو عمل نيڪ، هميشہ ڪجي ڇڏجي نہ، اگرچہ ٿورڙو هجي. وري فرمايائون: عبادت ايتري ڪريو، جيتري اوهان کان پڄي سگهي.

سخت عبادت کان منع

حضور ﷺ جن هڪ گهر ۾ رسو ٽنگيل ڏٺو. پڇائون تہ هي ڇا آهي؟ ماڻهن عرض ڪيو يا حضرت، فلاڻي زال اهو رسو ٽنگيو آهي. هوءَ رات جو عبادت ڪندي آهي، جڏهن ننڊ جي گهر وٺندي اٿس، تڏهن پاڻ کي هن رسي ۾ ٽنگيندي آهي. فرمايائون: لاهي ڇڏيو. نفلي عبادت تيسين ڪريو، جيسين طبعيت جي خوشي هجي. حضور ﷺ جن کي معلوم ٿيو تہ بني اسد قبيلي جي هڪ عورت آهي، جا ساري رات جاڳي عبادت ڪري ٿي. پاڻ فرمايائون: ائين نہ ڪريو. عبادت طاقت آهر ڪريو. عبدالله بن عمرو بن العاص رضي الله عنه کان حضور ﷺ جن پڇيو تہ اسان ٻڌو آهي تہ تون راتين جون راتيون برابر جاڳين ٿو ۽ ڏينهن جا ڏينهن برابر روزو رکين ٿو؟ عبدالله عرض ڪيو، سائين برابر!

فرمايائون:

فَلَاتَفْعَلْ- صُمْ وَا فُطِرْ- قُمْ وَ نُمْ- فَاِنَّ لِجَسَدِكَ عَلَيْكَ حَقًا وَ اِنَّ لِعَيْنَيْكَ عَلَيْكَ حَقًا وَ اِنَّ لِزَوْجِكَ عَلَيْكَ حَقًا

(آئنده ائين نہ ڪجانءِ روزو پلي رک، پر لاڳيتو نہ. ڪڏهن ڪڏهن ڇڏي بہ ڏي. رات جو عبادت بہ بيشڪ ڪر، پر ڪجهہ ننڊ بہ ڪر، ڇو تہ تنهنجي جسم جو توتي حق آهي ۽ تنهجي اکين جو بہ توتي حق آهي ۽ تنهنجي عورت جو بہ توتي حق آهي.)

پورهئي ۽ محنت بابت سندن ارشاد ۽ پنڻ بابت سندن حڪم

پاڻ سونهارن فرمايو: جيڪڏهن ڪو شخص ڪاٺين جي ڀري پٺيءَ تي ڪٽي وڪٽي سو بهتر آهي، ان ڪان جو ماڻهن ڪان پني ۽ ماڻهو ڪيس ڏين.

ڪمزن تي ريس ڪرڻ گهرجي

فرمايائون: جن ماڻهن سان هوند ريس ڪجي، سي بہ آهن:

(1) جنهن کي خداوند ڪريم دولت ڏني هجي ۽ چڱن ڪمن ۾ خرچڻ جي بہ توفيق بخشي هجيس.

(2) جنهن کي رب حڪمت ۽ فلاسفري عطا ڪئي هجي ۽ ان تي پاڻ بہ عمل ڪندو هجي ۽ ٻين کي بہ سيکاريندو هجي.

هڪبئي سان محبت

پاڻ سونهارا فرمائيندا هئا:

سَدِّدُوا وَ قَارِبُوا وَ اَبْشِرُوا فِاَنّه لَايُدْخِلُ اَحَداً الْجَنّةَ عَمَلُه

(سچا تي هلو. هڪبئي سان محبت رکو ۽ بشارت ڏيو. رڳي عبادت ڪنهن کي بہ جنت ۾ داخل نہ ڪندي)

رذيل اخلاقن ڪان منع

حضور ﷺ جن فرمايو آهي:

اِيَّاكُمْ وَ الظَّنَّ فِاِنَّ الظَّنَ اَكْذَبُ الحَدِيْثِ وَ لاَ تَحَسَّسُوْا وَلاَ تَجَسَّسُوْا وَلاَ تَبَاغَضُوا وَلاَ تَدَابَرُوْا وَ كُوْنُوا عِبَادَاللّٰهِ اِخُوَاناً

(خبردار بدگماني جي عادت نہ ڏارجو. بدگماني بچڙي ۾ بچڙو ڪوڙ آهي. ٻين جي ڳالهين تي ڪَن نہ لايو. نہ ٻين جي عيب جوئي ڪريو. هڪٻئي سان بغض ۽ ڪينو نہ رکو. ڪنهن ڪان منهن نہ ڦيرايو ۽ هجو الله جا ٻانها پاڻ ۾ ڀائر.)

پاڙي وارن ۽ مهمان جو حق

حضور ﷺ جن جو ارشاد آهي:

مَنْ كَانَ يُؤمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَومِ الآخِرِ فَلاَيُؤْذِ جَارَه وَ مَنْ كَانَ يُؤمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ اَلآخِرِ فَلْيُكْرِمْ ضَيْفَهَ

(جو شخص الله تبارڪ و تعاليٰ ۽ روز قيامت تي ايمان رکي ٿو، سو پنهنجي پاڙي وارن کي نہ ستائي ۽ جو الله تعالىٰ ۽ روز قيامت تي ايمان رکي ٿو، سو مهمان جي عزت ۽ خاطري ڪري.)

خاموشيءَ جي تعليم

پاڻ سونهارن ﷺ جن فرمايو آهي:

مَنْ كَانَ يُؤمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَومِ الآخِرِ فَلْيَقُلْ خَيْراً اَوْ لِيَصْمُتْ

(جنهن کي الله تبارڪ و تعاليٰ ۽ روز قيامت تي ايمان آهي، ان کي گهرجي تہ جڏهن ڳالهائي تہ چڱو ڳالهائي، نہ تہ خاموش رهي.)

رسول پاڪ ﷺ جي ضمانت

پاڻ سونهارن جو فرمان آهي:

مَنْ يَضْمَنَ لِيْ مَابَيْنَ لِحْيَهُ وَمَا بَيْنَ رِجْلَيْهِ اَضْمِنَ لَهُ اَلْجَنَّةَ

(جو شخص مون کي ضامن ڏئي، پنهنجي ٻن ڪاڏين جي وچ واري شيءِ جو (يعني زبان) ۽ ٽنگن جي وچ واري شيءِ جو (اُگهڙ وارو جسم) تہ آءٌ ان لاءِ جنت وٺي ڏيڻ لاءِ ضامن آهيان.)

صبر ۽ شڪر جي تلقين

حضور عليه السلام جن فرمائيندا هئا:

اِذَا نَظَرَ اَحَدُكُمْ اِلٰي مَنْ اَفْضَلَ عَلَيْهِ فِيْ الْمَالِ وَالْخَلْقِ فَلْيَنْظُرْ اِلٰي مَنْ هُوَ اَسْفَلَ مِنْهُ

(جيڪڏهن اوهان مان ڪنهن جي نظر اهڙي شخص تي وڃي پوي، جو مال ۽ اسباب، سونهن ۽ سوڀيا ۾ اوهان کان ڪسر آهي تہ پوءِ وري پاڻ کان گهٽ درجي واري کي بہ ڏسڻ گهرجي.)

اخلاقي بهادري

حضور عليه السلام جن جو ارشاد آهي:

لَيْسَ الشَّدِيْدُ بِالصُّرْعَةِ اِنَّمَا الشَّدِيْدَ مَنْ يَمْلِكُ نَفْسَه عِنْدَالْغَضَبِ

(ڏاڍو مڙس اهو ناهي، جو ڪنهن کي دسي رکي، پهلوان اهو آهي جو غصي ۾ ڪاوڙ وقت پاڻ کي روڪي)

اسلامي منادين ۽ مشنرين کي هدايت

معاذ بن جبل رضہ ۽ ابو موسیٰ رضہ کي حضور عليه السلام جن ملڪ يمن ڏي اسلام جي اشاعت ۽ ماڻهن ۾ اسلام جي تعليم جي اثر وجهڻ لاءِ منادي (مشنري) ڪري موڪليو هو. جڏهن هو خير سان اُسهيا تي، تڏهن انهن کي حضور عليه السلام جن هي لفظ هدايت ۽ نصيحت طور فرمايا هئا:

يَسّرا وَلاَ تُعَسّرا وَبَشِرا وَلاَ تُنَفرا وَ تُطَا وِعَا

(سهنجا تي هلجو. ماڻهن لاءِ سخت ۽ اهنجا نہ ٿجو. انهن کي خوشخبري ۽ بشارت ٻڌائجو. اهڙا نہ ٿي هلجو جو انهن کي مورڳو نفرت وٺي ۽ هڪٻئي جي ڇئي ۾ رهجو.)

محبت جو اثر

حضور عليه السلام جن فرمائيندا هئا :

اَلْمَرْءُ مَعَ مَنْ اَحَبَّ

(جنهن سان جنهن جي محبت هوندي، اهو ان سان هوندو. يعني جيڪڏهن الله ۽ الله جي رسول سان محبت هونديس ته هو هوندو به انهن سان.)

قيدين، مسڪينن ۽ بيمارن جي پارت

پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي :

فُكُّوا العَانِيَ وَ اَطْعِمُوا الْجَائِعَ وَ عَوِدُ وَالْمرِيُضَ

قيدين کي آزاد ڪريو، بکين کي کارايو ۽ بيمارن جي طبيعت پرسي ڪريو.

وڻ پوکڻ جو ثواب

سندن هدايت آهي ته جيڪڏهن ڪنهن مسلمان وڻ پوکيو، جنهن جو ڦر ڪنهن انسان يا جانور کاڌو ته وڻ پوکڻ واري جو هي هميشه لاءِ خيرات ۽ صدقو ڇئبو.

حيوانن سان همدردي

حضور ﷺ جن فرمايو: هڪ شخص واٽ واهو هو، ان کي واٽ تي اُڃ لڳي، کو کوهه واٽ تي ڏٺائين، کوهه ۾ لهي ويو ۽ وڃي پاڻي پيتائين. جڏهن ٻاهر نڪتو، تڏهن ڇا ڏسي ته هڪڙو ڪتو اُڃ جو ماريو غريب ڇپ ڪڍيو آلي زمين جي ڳپ پيو چٽي. هن واٽهڙو کي پياسي ڪتي تي ڏاڍو قياس آيو ۽ موٽي انهيءَ کوهه ۾ لهي ويو ۽ جُتيءَ جو پادر پاڻيءَ سان ڀري آيو ۽ اچي ڪتي کي پيارايائين. خداوند تبارڪ و تعالىٰ کي انهيءَ شخص جو اهو عمل اهڙو ته پسند آيو، جو انهيءَ شخص کي رب تعالىٰ انهيءَ عمل جي ڪري بخشي ڇڏيو. حاضر اصحابن عرض ڪيو، يا رسول الله (ﷺ) ڇا حيوانن جي خدمت جو به اجر ملندو؟ حضور ﷺ جن فرمايو: هائو. هرهڪ اهڙي جاندار جي خدمت جو اجر ملندو، جنهن جي دل ۾ ذرا آلنهه (پاڻيٺ يا رطوبت) هوندي يعني جو به جاندار جيئرو هوندو، ان جي خدمت جو اجر ملندو.

زرخريد ٻانهن ۽ ٻانهين سان مهرباني جو ذڪر

حضور ﷺ جن زرخريد غلامن ۽ ٻانهين تي هميشہ ٻاجهارا قياس وارا هوندا هئا. پاڻ فرمايائون:

مَنْ كَانَتْ لَه جَارِيَةٌ فَعَلِمَهَا وَاَحْسَنَ اِلَيُهَا ثُمَّ اَعْتَقَهاَ وَ تَزَوَّجَهَا كَانَ لَه اَجْرَانِ

جنهن وٽ ڪا زرخريدي ٻانهي هجي، پوءِ ان کي علم سيکاري ۽ اُن سان احسان ڪري پوءِ اُن کي آجو ڪري ۽ اُن سان پرڻجي تہ اُن کي رب ٻہ اجر ڏيندو.

منافقي جون علامتون

چار خصلتون اهڙيون آهن، جنهن شخص ۾ اهي هونديون، اُهو شخص منافق چئبو - ۽ جيڪڏهن انهن چئن خصلتن مان هڪڙي بہ ڪنهن ۾ هوندي تہ منافقي جي هڪ علامت منجهس موجود چئبي.

(1) جڏهن ڪجهہ بہ ڳالهائي تہ ڪوڙ ڳالهائي،

(2) انجام ڪري تہ ڪڏهن نہ پاڙي،

(3) عهد ٻڌي تہ پورو نہ ڪري،

(4) جهڳڙو ڪري تہ بدشد ڳالهائي.

سچو مهاجر ڪير آهي

حضور ﷺ جن جو فرمان آهي:

اَلْمُهَاجِرُ مَنْ هَجَرَ مَا نَهيٰ اللّٰهُ عَزَّوَجَلَّ

خدا جي راهہ ۾ هجرت ڪندڙ وطن ڇڏي بي وطن ٿيندڙ ڪير آهي، جو الله تعالىٰ جي منع ڪيل شين کان پري رهي.

قيامت جي ڏينهن الله تبارڪ و تعاليٰ جي ڇاڇي هيٺ ڪير هوندا

حضور ﷺ جن فرمايو آهي: قيامت جي ڏينهن هنن ستن ڄڻن تي الله تعالىٰ جي رحمت جو ڇاڇو هوندو: (1) بادشاهہ عادل (2) جو شخص

جواني ديواني جي ڏينهن ۾ عبادت الاهي ڪري، (3) جنهن شخص ڪي چڙهائي ۽ اڪيلائي ۾ رب ياد اچي ۽ سندس اکيون پاڻيءَ سان پرجي اچن، (4) اهو شخص جنهن جي دل مسجد ۾ لڳل هجي، (5) اهي ٻه نيڪ مرد جن جي محبت پاڻ ۾ خاص خدا ڪارڻ هجي، (6) اهو شخص جنهن ڪي ڪا حسين ۽ وڏي درجي واري عورت پاڻ ڏي سڏي ۽ هو چوي ته آءٌ خداوند اڪبر کان ڊڄان ٿو، (7) اهو شخص جو ڳجهيءَ طرح خيرات ڏيندو هجي، اهڙيءَ طرح جو هن جي کاٻي هٿ کي به خبر نه پوي ته ساڄي هٿ ڇا ڏنو. هيءُ اُهي ست ڄڻا آهن، جن کي خداوند تبارڪ و تعالىٰ انهيءَ ڏينهن پنهنجي ڇانءِ هيٺ رکندو. جنهن ڏينهن الله تعالىٰ جل جلاله جي ڇانءِ کان سواءِ ٻيو ڪنهن جو ڇانءِ ڪونه هوندو.

بادشاه جي تابعداري

حضور ﷺ جن بغاوت ۽ فتني کان گهڻو منع ڪندا هئا ۽ بغاوت ڪرڻ يا اهڙن خيالن کي ڏاڍو ڌڪاريندا هئا ۽ فرمائيندا هئا:

مَنۡ كَرِهَ مِنۡ اَمِيۡرِه شَيۡئاً فَلۡيَصۡبِرۡ عَلَيۡهِ فَاِنَّهُ مَنۡ خَرَجَ مِنۡ طَاعَةِ السُّلۡطَان شِبۡراً مَاتَ مَيۡتَةً جَاهِلِيَّةً.

جنهن کي پنهنجي حاڪم جي ڪا ڳالهه نه وڻي، گهرجيس ته صبر ڪري، ڇو ته جو شخص حاڪم جي حڪم مڃڻ کان ٿورو ئي نڪتو، سو جاهليت جي موت مرندو.

(2) سندن فرمان آهي ته

اِنَّكُمۡ سَتَرَوۡنَ بَعۡدِيۡ اَثَرَةً وَ اُمُوراً تُنۡكِرُوۡنَهَا قَالُوۡا فَمَا تَامُرُنَا يَا رَسُوۡلَ اللهِ قَالَ اَدُّوۡا لَهُمۡ حَقَّهُمۡ وَسَلُوا اللهَ حَقَّكُمۡ

ضرور اوهين مون کان پوءِ اهڙيون حالتون ۽ اهڙا ڪم ڏسندؤ جي اوهان کي نه وڻندا.

حاضرين اصحابن عرض ڪيو ته پوءِ ڪهڙو حڪم ٿا ڪريو اسان کي يا رسول الله (ﷺ)

حضور ﷺ جن فرمايو: توهين انهن جو حق بجا آڻيندا رهجو ۽ پنهنجا حق پنهنجي مولا کان گهرجو.

وڏيرا، پريا مڙس يا ليڊر

حضور ﷺ جن جنگ هوازن جي وقت ۾ صلح جي شرطن طئي ڪرڻ لاءِ مخالف ڌر کي فرمايو:

فَارْجِعُوا حَتّٰي يَرْفَعُ اِلَيْنَا عُرَفَاءَكُمْ

اوهين موٽي وڃو اوهان جا وڏيرا ۽ ليڊر اهي ڳالهيون اسان وٽ اچي پيش ڪن.

قوم جي وڪالت

پوءِ ساڳين وڃي ائين ڪيو ۽ پنهنجا وڏيرا ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ پنهنجي پاران حضور ﷺ جن جي خدمت ۾ وڪيل ڪري موڪليائون. اهي جڏهن حضور ۾ آيا، تڏهن هيئن اچي چيائون:

اِنَّ النَّاسَ قَدْ طَيَّبُوا وَ اٰذَنُوا

سيني ماڻهن راضي ۽ خوش ٿي اسان کي ان بابت گفتگو ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي.

جن غير مسلمانن سان عهد ٻڌجي، تن جي ضرور حفاظت ڪجي

حضور ﷺ جن جو حڪم آهي:

مَنْ قَتَلَ مُعَاهِداً لَمْ يَرِحْ رَائِحَةَ الْجَنَّةِ وَ اَنَّ رِيْحُهَا يُوْجَدُ مِنْ مَسِيْرَةِ اَرْبَعِيْنَ عَاماً

جنهن غير مسلمان سان عهد هجي، تنهن کي جنهن قتل ڪيو سو بهشت جي خوشبو نه سونگهيندو. حالانڪ بهشت جي خوشبو چاليهن سالن جي پنڌ تان ايندي آهي.

موت جي خواهش

حضور ﷺ جن جو فرمان هو:

لاَيَتَمَنَّيَنَّ اَحَدُكُمُ الْمَوْتَ اَمَا مُحْسِنًا فَلَعَلَّه اَنْ يَزْدَادَ خَيرًاً اَمّا مُسِيئاً فَلَعَلَّه اَنْ يَسْتَعْتَبَ

اوهان مان ڪوبہ (مسلمان) هرگز موت نہ گهري وٺي، جيڪڏهن نيڪ آهي تہ من نيڪي وڌندي رهيس ۽ جيڪڏهن بد آهي تہ من خوشنودي هٿ ڪري وڃهي.

صحت ۽ ڪشاده گذران بابت حضور ﷺ جن جو ارشاد

حضور ﷺ جن فرمائيندا هئا:

نِعْمتَانِ مَغْبُوْنٌ فِيُهَا كَثِيرٌ مِّنَ النَّاسِ اَلصِحَّةُ وَالْفِراغُ

بہ نعمتون آهن، جن جو قدر اڪثر ماڻهو نٿا ڪن (1) چڱيلائي، (2) فارغ البالي (ڪشاده گذران)

قرض جي ادائي بابت حڪم

حضور ﷺ جن کي ڪو ماڻهو هڪ اُٺ لهڻندو هو. هو جڏهن گهرڻ آيو، تڏهن پاڻ سونهارن لهڻيدار جي ڏنل اُٺ کان بہ عمدو ۽ قيمتي اُٺ خريد ڪري کيس ڏنو ۽ ان وقت هي مبارڪ لفظ فرمايائون:

اَنَّ خِيَارُكُمُ اَحْسَنُكُمْ قَضَاءً

اوهان ۾ چڱا اُهي چئبا، جي پنهنجو قرض چڱيءَ طرح ادا ڪن.

سچي دولتمندي

پاڻ سونهارا فرمائيندا هئا:

لَيُسِ الغنيٰ عَنُ كَثْرةِ العِرْضِ وَلٰكِنَّ الْغِنيٰ غني النّفسِ.

بينلائي ۽ دولتمندي هن کي ڪين چئبو، جو گهڻا ٽڪا هجن ۽ دنيا جو اسباب جهجهو هجي، پر سچي دولتمندي هي آهي جو دل غني (دولتمند) هجي.

مسلمان برادري ۽ برابري

پاڻ سيد العرب و العجم صلي الله عليه وآلہ وسلم فرمايو آهي :

لافَضْلَ لِعَرَبِيٍّ عَلَيٰ عَجَمِيٍّ وَ لاَلِعَجَمِي عَلَيٰ عَرَبِيٍّ وَلاَ لاَبْيَضَ عَلَيٰ اَسْوَدَ وَلاَ لاَسْوَدَ عَلَيٰ اَبْيَضَ اِلاَّ بِالتَّقْوَيٰ.

نہ عرب جي ماڻهوءَ کي عجم جي ماڻهوءَ تي، نہ عجم جي ماڻهوءَ کي عرب جي رهاڪو تي، نہ اڇي کي ڪاري تي، نہ ڪاري کي اڇي تي زياده ڪا عزت ۽ فضيلت آهي، مگر عزت آهي تہ پرهيزگاري سان آهي.

رحمدلي جي تعليم

حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي:

مَنْ لاَ يَرْحَمُ لاَ يُرْحَمُ

جو شخص ڪنهن ٻئي تي رحم نٿو ڪري، تنهن تي رحم نہ ٿيندو.

وارثن جي لاءِ ورثہ ڇڏي وڃڻ جي هدايت

حضور ﷺ جن جو ارشاد آهي تہ

اِنْ تَدْعُ اَنْتَ وَرَثَتَکَ اَغْنِيَاءَ خَيْرٌ مِنْ اَنْ تَدْعُهُمْ عَالَةً يَتَکَفَّفُوْنَ النَّاسَ لِي اَيْدِيْهِم

وارثن کي جو تون دولتمند ڇڏي مرين سو چڱو آهي، هن ڪان جو سُڃو ڇڏي وڃين جو ماڻهن جي آڏو دست سوال ڊگهو ڪندا وتن.

عورت جو مثال

حضور ﷺ جن فرمايو آهي:

اَلْمَرْءَةُ کَالضِلع اِنْ اَقَمْتَهَا کَسَرْتَهَا وَ اِنْ اِسْتَمْتَعْتَ بِهَا اِسْتَمْتَعْتَ بِهَا وَ فِيْهَا عِوَجَ

عورت کي پاسري جو هڏو ڪري سمجهو. پاسري جي هڏي کي جيڪڏهن سڌو ڪندو تہ مورڳو ڀڃي رکندوس ۽ جيڪڏهن انهيءَ مان ڪم پيا وٺندو تہ اگرچہ پاسري ڏنگي ۽ ٽيڏي آهي، تہ بہ ڪم پيا وٺندوس.

عورت جو درجو پنهنجي خاوند جي گهر ۾

حضور ﷺ جن جو ارشاد مبارڪ آهي تہ

اَلْمَرْءَةُ رَاعِيَةٌ عَلَيٰ بَيُتِ زَوْجِهَا وَ وَلَدِهٖ

عورت پنهنجي مڙس جي گهر ۽ پنهنجي اولاد تي نگهبان ۽ ذنار آهي.

الله وٽ نهايت پسند ڪلام

حضور ﷺ جن فرمايو آهي:

ڪَلِمَتَانِ حَبِيْبَتَانِ اِلَيٰ الرَّحْمٰنِ خَفِيْفَتَانِ عَلَي اللِّسَانِ ثَقِيْلَتَانِ فِيْ الْمِيْزَانِ سُبْحَانَ اللهِ وَ بِحَمْدِهٖ سُبْحَانَ اللهِ الْعَظِيْمِ

ہ جملا (ڪلمہ) آهن، جي رب کي تمام پيارا آهن ۽ زبان تي هلڪا آهن ۽ عملن جي ترازو ۾ ڳرا آهن اُهي هي آهن:

سبحان الله و بحمده سبحان الله العظيم.

ڪنهن جي بہ دروازہ جي آمهون سامهون بيهي نہ سڏ ڪجي

حضور ﷺ جن جي عادت مبارڪ هوندي هئي تہ جيڪڏهن ڪنهن جي بہ دروازہ تي ويندا هئا تہ در جي آمهون سامهون بيهي نہ سڏ ڪندا هئا، بلڪ در جي ساڄي يا کابي ٻانهيءَ کان بيهي فرمائيندا هئا: ”السلام عليڪم“، ”السلام عليڪم“

چڱو نالو

حضور ﷺ جن ڪنهن جو بڇڙو نالو ٻڌندا هئا تہ مٽائي تمام چڱو رکندا هوس. ۽ چڱي نالي کي ڏاڍو پسند ڪندا هئا.

اونڌي سمهڻ جي منع

حضور ﷺ جن جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي اونڌو سُتل ڏسندا هئا تہ پير جو ٺڏو هڻي اُٿاريندا هئس.

ختنو

حضور ﷺ جن هر مسلمان کي ختنہ ڪرائڻ جو تاڪيد ڪندا هئا. اگرچہ اسي ورهيہ جو ڪراڙو ڇو نہ هجي.

خطبہ پڙهڻ وقت لٺ تي ٽيڪ

پاڻ سونهارا جڏهن بہ خطبو پڙهندا هئا تہ ننڍي يا وڏي ڪنهن نہ ڪنهن لٺ تي ضرور ٽيڪ ڏيندا هئا.

بيمار پرسي جو وقت

حضور ﷺ ڪنهن بہ بيمار کي پڇڻ ڪين ويندا هئا. مگر ٽڏهن جڏهن ٽي ڏينهن گذرندا هئا.

هڪٻئي کي سوکڙي ڏجي ونجي

پاڻ سونهارا هڪٻئي کي سوکڙي ڏيڻ وٺڻ لاءِ حڪم ۽ هدايت ڪندا هئا تا تہ ماڻهن ۾ ميل ميلاپ رهي.

مداحن جي وات ۾ متي

جيڪڏهن ڪوبہ محبت سان سندن مدح ۽ تعريف ڪندو هو تہ اُن کي ان جي عيوض ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏيندا هئا. مگر اها ڳالهہ ٻين جي حق ۾ جائز نہ رکي هئائون. پاڻ فرمائيندا هئا تہ وڏين وڏين تعريفن ڪرڻ وارن مداحن جي وات ۾ متي وجهي ڇڏجي.

مسافري لاءِ چڱو ڏينهن

حضور ﷺ جن هميشه پسند ڪندا هئا تہ مسافري خميس جي ڏينهن ڪجي.

خطبو ڊگهو نہ پڙهجي

پاڻ سونهارا جڏهن ڪو حاڪم ڪري ڪنهن ملڪ تي موڪليندا هئا تہ انهيءَ کي هي هدايت ڪندا هئا:

اُقْصِرِ الخُطْبَةَ وَاَقِلِ الكَلاَمِ فَاِنَّ مِنَ الْبَيَانِ سِحْراً

[خطبو ننڍو ڪجانءِ ۽ ٿورو ڳالهائجانءِ، ڇو ته ڪو بيان اهڙو آهي جهڙو سحر يا جادو.]

جنگ جي وقت آواز ڪرڻ

پاڻ سونهارا جنگ جي وقت وڏا وڏا آواز ڪرڻ ناپسند ڪندا هئا.

عيد جي ڏينهن آمدرفت جا رستا

پاڻ سونهارا عيد جي ڏينهن نڪرندا هئا هڪڙي رستي کان ته موٽندا هئا ٻئي رستي کان.

وحي ۽ پيغام الاهي اچڻ وقت سندن حالت

جڏهن مٿن پيغام الاهي ايندو هو ۽ وحي نازل ٿيندي هئي، تڏهن پاڻ خوف الاهي کان نهايت ادب ۽ تعظيم سببان ڪنڌ ڪٽي جهڪائيندا ۽ مٿو مبارڪ ڪٽي هيٺ ڪندا هئا. پوءِ جڏهن پيغام پورو ٿيندو هو، تڏهن ڪنڌ مٿي ڪڻندا هئا.

جمعي جي ڏينهن جو شان

جڏهن جمعي جي رات ٿيندي هئي، تڏهن حضور ﷺ فرمائيندا هئا:

هذه ليلة غراء و يوم ازهر

[هي رات روشن رات آهي ۽ ڏينهن چمڪندڙ ڏينهن.]

سياري ۽ اونهاري ۾ اندر وڃڻ ۽ ٻاهر نڪرڻ

جڏهن سيارو ايندو هو ته پاڻ سڳورا جمعي جي رات اندر گهر ۾ ٿيندا ۽ جڏهن اونهارو ايندو هو ته جمعي جي رات ٻاهر نڪري آسمان هيٺ سمهندا هئا.

درگاهه الاهي ۾ دعا گهرڻ جو طريقو

حضور ﷺ جڏهن به رب کان سوال گهرندا هئا ته سنئون ٻُڪ جهليندا هئا ۽ جڏهن رب تعالىٰ کان پناهه گهرندا هئا ته اونڌا هٿ ڪندا هئا ۽ جڏهن ڪا ڪين تڪليف رسندي هئي ۽ دعا گهرندا هئا ته ٻانهون

ڏگهاري هٿ کڻي دعا گهرندا هئا: جيئن ته ڪڇن مبارڪن جي سفيدي به ڏسڻ ۾ ايندي هئي ۽ جڏهن به دعا لاءِ هٿ کڻندا هئا ته لاهڻ مهل منهن مبارڪ کي مکيندا هئا.

حضور ﷺ جن جي اڪثر دعا

حضور ﷺ جن اڪثر هي دعا گهرندا هئا:

رَبَّنَا آتِنَا فِيْ الدُنْيَا حَسَنَةً وَّ فِيْ الآخِرَةِ حَسَنَةً وَّ قِنَا عَذَابَ النَّارِ

اي رب اسان جا! اسان کي دنيا ۾ به نيڪي نصيب ڪر ۽ آخرت ۾ به نيڪي عنايت ڪر ۽ اسان کي باهه جي عذاب کان بچاءِ.

حضور ﷺ جن ڪهڙين شين کان پناه گهرندا هئا

حضور ﷺ جن مصيبت جي حمل، بدبختي جي پهچڻ، تقدير جي برائي، دشمنن جي خنده کان پناهه گهرندا هئا ۽ پناهه گهرندا هئا پنجن شين کان: 1- طبيعت جي سستي کان، 2- ڪنجوسي، 3- بري حالت جي عمر کان، 4- زماني جي فتني ۽ 5- عذاب جي قبر کان.

اَللّٰهُمَّ احْفِظْنِيْ وَاحْفِظْ جَمِيْعَ الْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمَاتِ وَجَمِيْعَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَ الْمُوْمِنَاتِ مِنْ شَرِّالدُنْيَا وَالآخِرَةِ وَ فِتْنَةِ الْمَسِيْحِ الدَّجَّالِ.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰي نَبِيِّكَ نَبِيِّ الرَّحْمَةِ وَعَلٰي آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ كُلَّمَا ذَكَرَهِ الذاكِرُوْنَ وَ كُلَّمَا غَفَلَ عَنْ ذِكْرِهٖ الغَافِلُوْنَ وَسَلِّمْ تَسْلِيْماً كَثِيْراً.

ڪتاب جي پڄاڻيءَ تي مصنف جا ٻه اکر

حضرات! مون ڪي ارادو نہ هو تہ آءٌ اخلاق محمدي ﷺ جو هيتريقدر مختصر ڪتاب لکي ڪٽي بس ڪريان. بلڪ ارادو اهو ئي هئم تہ حضور ﷺ جن جا ذره ذره اخلاق لکي هڪ وڏو مفصل ڪتاب تيار ڪري وجهان. پر طالبن جي شوق، پريس وارن جي تڪڙ، خانگي معاملات جي هجوم، پنهنجي پيشہ طبابت جي گرفتاري، وقت جي تقاضا، ڪاغذن جي گراني، حيات بي بقا جي بيپروسائي مون کي مجبور ڪيو تہ آءٌ بالفعل هن مبارڪ ڪتاب کي هتي ڪٽي پورو ڪريان. رب توفيق ڏنيم تہ ساڳيو هن کي هن کان وڌيڪ مبسوط لکي سگهان ٿو. جڏهن هي مبارڪ ڪتاب لکڻ شروع ڪيو هئم، تڏهن البت جلدي جو خيال هئم تہ ڪيڏو نہ وڏو ٿيندو. پر جلد ناهي تيار ڪبو. مگر پوءِ حالت هي رهي جو مريضن جي معالج جي مشغولي ۽ عدم فرصت سببان مهينن جا مهينا هٿ لائڻ کان بہ رهيو پيو هوندو هو. جڏهن گهٽا ڏينهن گذرندا هئا، تڏهن شرم ايندو هئم. پنهنجي گرفتاري ۽ عديم الفرصتي تي پشيمان ٿي افسوس ڪري وري هٿ ۾ کڻندو هوس. وري ڪجهہ لکي وري ڏنڏن جي زيادتي کان ڇڏي ڏيندو هوس. نيٺ اڄ خدا ڪري بتاريخ 6 شعبان المعظم سنہ 1334هجري مقدس مطابق 5- جون سنہ 1916 عيسوي جي لکي پورو ڪيم. آءٌ هن ڪار خير جي پوري ڪرائڻ جي ثواب جو مستحق مڪرمي شيخ عبدالعزيز صاحب مالڪ اخبار "الحق" کي بہ ڄاڻان ٿو، جنهن صاحب وقت بوقت مون جهڙي واندي ماڻهوءَ کي ياد ڏياري ڏياري هي ڪم بالفعل پورو ڪرايو.

فجزاه الله خير العجزاءِ عني و عن جميع المسلمين من اُمتہ سيد المرسلين عليه الصلواة و السلام و عليٰ آلہٖ و اصحابه اجمعين آمين.

منهنجا عزيز دوست هي ڪتاب پڙهي فائدو حاصل ڪري مون جهڙي بي بضاعت سراپا گناهه کي دعا خير سان ياد ڪندا ته خدا کين اجر عظيم عطا فرمائيندو

هن کان پوءِ ارادو ٿيم ته سنڌي نثر ۽ مختصر نظم ۾ خطبن جو ڪتاب لکان. جنهن سان هر هفتي جمعي جي مبارڪ ڏينهن ۾ مسلمانن لاءِ وعظ ۽ نصيحت ٿيندي رهي، ۽ هو بجاءِ نه سمجهڻ ۽ نصيحت نه وٺڻ جي ڪجهه نه ڪجهه نيڪ نصيحت حاصل ڪندا رهن. ۽ هي به ارادو اٿم ته هڪڙو ٻيو اهڙو ڪتاب لکان. جنهن جو نالو هجي " الدين الخالص" جنهن جي پڙهڻ سان سچو اسلام بدعتن جي آميزش کان صاف ۽ پاڪ معلوم ڪري سگهجي، ۽ اها خبر آساني سان پئجي سگهي ته اصحاب ڪريم رضي الله عنهم وارو اسلام ڪهڙو هو ۽ اڄڪلهه اسان جو رسمي اسلام ڪهڙو آهي.

والسلام

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي

مناجات بدرگاه قاضي الحاجات

از حقير "صغير" مؤلف ڪتاب

يا رب رکج اسان کي عزت ۽ آبرو سان
سينگارجئي اسان کي حضرت جي خُلق خُو سان.
غفلت سان ٿياسين توکان يا رب بعيد بيحد
مشغول رک اسان کي مولا تون ذڪر هُو سان.
بدڪار آهيون عاصي مجرم ۽ پر معاصي
ڪر پاڪ دل اسان جي رحمت جي شست شو سان.
مُنهن نفس ڪيوسين ڪارو امارو ٿيوسين مارو
واسيوسين ملڪ سارو بديُن جي باس بُو سان.
عاجز ٿيو آهيان ماندو ٿم آسرو ته تنهنجو

هرگز نہ مَتَ پوان ٿو نفسِ سياه رو سان.
اي ذوالجلال حضرت اخلاص ۽ محبت
ڏي جام تا قيامت حضرت جي گفتگو سان.
جنهن دم ٿئي جان بي دم ڪارو ٿئي سارو عالم
جاري زبان تنهن دم ٿئي ذڪر توهي تو سان.
ڪج تون ڪريم قادر رحمت جو حڪم صادر
جنهن دم ڪندام حاضر احوال موبمو سان.
اي بي نياز يا رب دانائي راز يا رب
ڪر سرفراز يا رب ديدار روبرو سان.
اي مهربان مولا رازق رب تعاليٰ
ڪر تون بلند بالا اسلام کي عُلو سان.
جو نفل دل کي ٺاري نااهل نفس ماري
پڙهہ اي "صغير" ساري وحدت سندي وضو سان.

مناجات بدرگاه قاضي الحاجات

يا رب رکج اسان کي عزت ۽ آبرو سان
سينگارجئي اسان کي حضرت جي خُلق خُو سان.
غفلت سان ٿياسين توکان يا رب بعيد بيحد
مشغول رک اسان کي مولا تون ذکر هُو سان.
بدڪار آهيون عاصي مجرم ۽ پر معاصي
ڪر پاڪ دل اسان جي رحمت جي شست شو سان.
مُنهن نفس ڪيوسين ڪارو امارو ٿيوسين مارو
واسيوسين ملڪ سارو بديُن جي باس بُو سان.
عاجز ٿيو آهيان ماندو ٿم آسرو تہ تنهنجو
هرگز نہ مَٽ پوان ٿو نفسِ سياه رو سان.
اي ذوالجلال حضرت اخلاص ۽ محبت
ڏي جام تا قيامت حضرت جي گفتگو سان.
جنهن دم ٿئي جان بي دم ڪارو ٿئي سارو عالم
جاري زبان تنهن دم ٿئي ذڪر توهي تو سان.
ڪج تون ڪريم قادر رحمت جو حڪم صادر
جنهن دم ڪندام حاضر احوال مويمو سان.
اي بي نياز يا رب دانائي راز يا رب
ڪر سرفراز يا رب ديدار رويرو سان.
اي مهربان مولا رازق رب تعاليٰ
ڪر تون بلند بالا اسلام کي عُلو سان.
جو نفل دل کي ٺاري نااهل نفس ماري
پڙهه اي "صغير" ساري وحدت سندي وضو سان.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.